
ظفر حسن
رهيل قرض

# رهيل قرض

(ڪهاڻيون)

## ظفر حسن

سنڌي ساهت سال 1981ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدر آباد، سنڌ.
1981ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ٻاويهون ڪتاب


| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ: | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ |
| ڇپيندڙ: | پرفيڪٽ پرنٽرس، 474 صدر<br>حيدرآباد، سنڌ |
| ٽائيٽل ڊزائن: | قيس ابڙو |
| پهريون ايڊيشن: | مارچ 1981ع |
| قيمت: | سادي ڪاپي 12.00 رپيا<br>اوچي ڪاپي 16.00 رپيا |
| ڊجيٽل ايڊيشن: | 2020ع<br>سنڌ سلامت ڪتاب گهر<br>books.sindhsalamat.com |


سڀ حق ( ڪاپي رائيٽ) ظفر حسن وٽ محفوظ

RAHIAL KARZ (Unpaid Loan): Short stories
By ZAFAR HASAN in Sindhi,
Published by New Fields Publications, Tando Wali
Mohammed, Hyderabad Sindh.Pakistan.
First Edition March 1981.

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وسان، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”رهيل قرض“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناميارِي ڪهاڻيڪار ۽ پبلشر ظفر حسن جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

ظفر حسن سيد، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ ڌرتي سان ”لا شريڪ له“ جي حد تائين عشق ڪيو. انهيءَ حوالي سان هو پنهنجي ذاتي توڙي ادبي زندگي ۾ پنهنجي ٺاهيل اصولن کان ڪڏهن به نہ هٽيو. ظفر حسن سان انهن اصولن جي آڌار تي اختلاف ڪندڙ ماڻهو بہ سندس سچائي ۽ ايمانداري کان انڪاري نہ هوندا هئا.

هي ڪتاب 1981ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين ظهير احمد ڪلهوڙو صاحب جا جنهن پنهنجي ٻارن رابيل، شرجيل، ڪومل، عديل، نبيل ۽ ارسل سان گڏ ڪتاب جي نئين سر ڪمپوزنگ ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ارپنا

**پيءُ نذر علي سيد 1981ع...1953ع**
جي هو جيئرو هجي ها تہ هي ڪتاب ڏسي
ڪيترو نہ خوش ٿئي ها.
۽
**ماءُ حسينا بي بي**
جيڪا هي ڪتاب ڏسي ڪيترو نہ خوش ٿيندي
پر اڌ رنگ وگهي ڪجھ ڳالهائي نہ سگهندي هئي
پر سندس اکين ۾ مرڪ مان آئون سمجهي ويندس.
جي نالي

(23 مارچ 1981 ع)

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • رهيل قرض | (1966) | 14 |
| • سوکڙي | (1967) | 20 |
| • گناه جو ڏڪ | (1967) | 25 |
| • ڀاڳ_نڀاڳ | (1970) | 35 |
| • تکي اس ٽڏي چانو | (1970) | 45 |
| • عيد جي خرچي | (1973) | 51 |
| • پنهنجو پنهنجو غرض | (1975) | 57 |
| • حياتي جي تہ رقمي | (1977) | 67 |
| • رات جنهين جو ماڳ | (1977) | 79 |
| • ڪني پاٽي جو تلاءُ | (1978) | 93 |

# رهيل قرض جي موٽ

اج مان جنهن ڪتاب ”رهيل قرض“ کي ڪمپيوٽر ۾ موبائل تي آساني سان پڙهڻ لائق ڪري ڪمپوز ۽ پي.ڊي.ايف ۾ آڻي پيش ڪري رهيو آهيان ان ڪتاب جي ليکڪ جو تعارف ڪرائيندي، پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهان ٿو اهو آهي منهنجي اُستاد ”سائين ظفر حسن سيد صاحب“ . سائين سان منهنجو تعلق جاگرافي ڊپارٽمنٽ، سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺندي ٿي (1992ع) ٿيو. جيڪو سائين جي زندگيءَ جي آخري گهڙين (مارچ 1998) تائين رهيو.

سائين جادوئي شخصيت جو مالڪ، خوبصورت، پر وقار، جاهه جلال، رعبدار، نفاست ۽ شفقت سان ڀرپور، بااصول، تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو نرالو ۽ انوکو انداز رکندڙ هي شخص سچ پچ ته هڪ آدرشي انسان هو جيڪو دنيا جي ڪنهن نامور يونيورسٽي جو پرفيڪٽ پروفيسر لڳندو هو. سائين جو هي ڪتاب، منهنجي ڪتابن پڙهڻ واري شوق جي ڪري، ڊپارٽمنٽ ۾ داخلا وٺڻ کان اڳ پڙهيل هيو. پرمون سائين کي جاگرافي ڊپارٽمنٽ ۾ پروفيسر طور پڙهائيندي ۽ چيئرمين طور ڊپارٽمنٽ جي ڪاروونهوار جي سرپرستي ڪندي ڏٺو. سائين پنهنجي ذات ۾ پرفيڪٽ پروفيسر ۽ پرفيڪٽ منتظم هو.

سائين جي ڪهاڻين جو هي ڪتاب نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد پاران 1981 ۾ ڇپايو ويو. هن ڪتاب تي تبصرو ان وقت جي آل انڊيا ريڊيو سروس جي سنڌي پروگرام ۾ پيش ڪيو ويو هو. جيڪا پنهنجي دور جي مان ۾ مرتبي لائق ڳالهه هئي. جنهن جو ذڪر سائين پنهنجي ڊائري ۾ ڪيو آهي. جيڪا ڊائري سائين جي وفات کان پوءِ سائين جي گهر واري محترمه ميڊم قمر ظفر صاحبه 2004 ۾ ڇپرائي نروار ڪئي، جنهن جو عڪس به مان هت ڏيئي رهيو آهيان.

سائين سان ڪلاس روم ۾، جاگرافي جي ليڪچرس دوران ڪڏهن ڪڏهن سماج جي مختلف پهلوئن جي موضوئن تي بحث ٿيندا هئا ۽ ايئن سائين سان منهنجي ويجهڙائپ وڌندي وئي ۽ پوءِ جڏهن بي.ايس.سي جي رزلٽ آئي ته اسان جي پوري ڪلاس مان صرف آئون اڪيلو پاس ٿيو هيس. جنهن سبب به شايد سائين مونکي گهڻو پيائيندو هو. هڪ دفعي سائين مونکي پنهنجي آفس ۾ گهرائي مون کان ڪجهه ذاتي ۽ ڪجهه پڙهائي متعلق معلومات ورتي، جنهن ۾ مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ بابا سائين کان ”ٻٽاٽي جي انگي حساب“ ۽ ” ايچ.وي.اٽول آلجبرا“ جي سکڻ جو پڻ ذڪر ڪيو. جنهن تي سائين منهنجي والد صاحب جو پڇيو ته بابا ڇا ڪندا آهن؟ جڏهن مون پنهنجي بابا سائين جو تعارف ڪرائي ٻڌايو ته منهنجا بابا سائين پروفيسر آهن ته سائين هڪدم مونکي چيو ته اوهان جي تعليم ۽ تربيت بهتر انداز سان تڏهن ئي ٿيل آهي. ۽ ايئن سائين سان ويجهڙائپ اجان وڌندي وئي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سائين مونکي وري پنهنجي آفس ۾ گهرائي هڪ ڊگهي ڪڇهري جي آڇ ڪئي، جيڪا ڊپارٽمنٽ کان ٻاهر هجي . جنهن جا اصول به سائين ڀهريان ئي طئي ڪري ٻڌايا ته ٻاڻ ڊپارٽمنٽ کان ٻاهر ڪنهن هوٽل تي چانهن پيئنداسين ۽ هڪ ڊگهي

ڪچهري ڪنداسين پر اصول اهو رهندو ته گاڏي سائين جي هوندي, هوٽل منهنجي مرضي جي ۽ چانهن جو بل به مونکي (ظهير) کي پرڻو پوندو. جيڪا آفر مون دل سان قبول ڪئي. هتي اهو به ٻڌائيندو هلان ته هي اُهو ٽائيم آهي جڏهن سائين ظفر صاحب ڊپارٽمنٽ جا چيئرمين نه هئا . پاڻ ان وقت جي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر نذير مغل سان ڪنهن اصولي اختلاف تي سائين چيئرمينشپ ڇڏي ڏني هئائون. ايئن سائين ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ هوٽل تي , ڊپارٽمنٽ کان ٻاهر واري اها نرالي پهرين ڪچهري تقريبا 2 ٻن ڪلاڪن تائين هلندي رهي, جنهن ۾ سماج جي مختلف موضوعن کان علاوه عشق جو مِوضوع به بحث هيٺ رهيو. ايئن سائين سان منهنجي ويجهڙائپ اجان گهري ۽ گهاتي ٿي ويئي. پوءِ سائين سان ڪچهريون ٿينديون رهيون.

سائين بحيثيت استاد پنهنجي ذاتي پسند يا نا پسند تي ڪڏهن به ڪنهن شاگرد کي فائدو يا نقصان نه ڏنو. امتحاني ڪاپين جي چڪاسڻ کان وٺي مارڪن ڏيڻ ۽ رزلٽ ٻڌائڻ تائين به سائين جو بااصول انداز هوندو هو.سائين پنهنجي سبجيڪٽ جي رزلٽ جي عارِضي ڪاپي ڊپارٽمنٽ جي نوٽيس بورڊ تي لڳرائيندا هئا. ۽ ان رزلٽ شيٽ تي نوٽ لڳل هوندو هو ته اگر ڪنهن شاگرد کي پنهنجي مارڪن متعلق يا ڪنهن ٻئي ڪلاس فيلو جي مارڪن متعلق ڪو خدشو يا شڪايت هجي ته هڪ هفتي اندر سائين جي آفس ۾ اچي پنهنجي ڪاپي ۽ ٻئي جي ڪاپي کي پڻ ڏسي بحث مباحثو ڪري سگهي ٿو. ايئن اسان سائين سان پنهنجي ۽ ٻين جي ڪاپين کي ڏسي بحث مباحثو ڪري هڪ به مارڪون وڌرائي به ويندا هئاسين.

امتحانن جي ٽائيم تي جنهن هال ۾ امتحان ٿيندو هو. سائين ان امتحاني ڪمري ۾ پن ڊراپ خاموشي ڪرائيندو هو. امتحاني هال ۾ ڪنهن به ٽيچرڀ ليڊي ٽيچر کي ڪنهن به اهڙي بوٽ يا سينڊل پائڻ جي اجازت نه هوندي هئي, جنهن سان ٺڪ ٺڪ جو آواز اچي. اسان شاگردن لاءِ به اهو ئي اصول هوندو هيو ته اسان به اهڙي قسم جو ڪو بوٽ نه پائي اچون جيڪو آواز ڪري. امتحان دوران ڳالهائڻ ته پري, پر چر پر جي آواز نڪرڻ تي به سخت قسم جي پابندي هوندي هئي .

ڪلاس ۾ سائين ليڪچر دوران اسان شاگردن کي ڪڏهن ڪڏهن مختلف موضوئن تي پنهنجا خيال ٻڌائيندو هو. هڪ دفعي ليڪچر دوران امتحان ۾ ڪاپي ڪرڻ جو موضوع ڪليو مختلف ڳالهين کان ٿيندي سائين اها ڳالهه ٻڌائي ته مان صرف اوهان کي نه بلڪه پنهنجي اولاد کي به اها ئي تربيت ڏيندو آهيان ته امتحان ۾ ڪاپي ڪرڻي ناهي . رڳو ان وقت نه جڏهن ڪاپي ڪرڻ ئي نه ڏني وڃي, بلڪه جڏهن سڀ ٻار ڪاپي ڪندا هجن پر پوءِ به اوهان کي ڪاپي ناهي ڪرڻي . ان جو عملي نمونو جڏهن سائين جي ڌيءَ انٽر جو امتحان نذرٽ ڪاليج ۾ ڏئي رهي هئي ته ان وقت جو امتحاني عملو اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته امتحاني هال ۾ نفسانفسي جي ماحول ۾ گهڻا ئي ٻار ڪاپي ڪري رهيا هئا مگر هڪ ڇوڪري بغير ڪنهن ڪاپي ڪرڻ جي, هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جي پنهنجو پيپر ڪري رهي هئي, اهو منظر ڏسي, جڏهن ان ڇوڪري کان سندس تعارف پڇيو ويو ته خبر پئي ته سائين ظفر حسن صاحب جي ڌي هئي, سائين جي تربيت جو عملي نمونو ڏسي پورو امتحاني عملو دنگ رهجي ويو..ان وقت اها ڳاله يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ تمام گهڻي

مشهور ٿي هئي. سائين اسان کي اهو بہ ٻڌايو تہ منهنجن ٻارن کي هارمونيم وڄائڻ جو شوق پڻ آهي، جنهن لاءِ سائين هڪ ٽيوٽر رکيو آهي جيڪو سائين جي ٻارن کي روزانہ شام جو هارمونين وڄائڻ سيکاريندو آهي.
اهڙي طرح اسان سائين جا ڪلاس وٺندي وٺندي، ايم.ايس.سي جا امتحان ڏنا ۽ رزلٽ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، جڏهن ايم.ايس.سي جي رزلٽ آئي ۽ مان جڏهن اها رزلٽ پنهنجي ڊپارٽمنٽ جي نوٽيس بورڊ تي ڏسڻ ويس تہ اهو ڏٺم تہ اها بہ بي.ايس.سي جي رزلٽ کان مختلف نہ هئي يعني هن دفعي بہ مان صرف اڪيلو ئي پاس ٿيل هيس. اڃان مان اتي بيٺو ئي هيس تہ ڊپارٽمنٽ جو پٽيوالو آيو ۽ مونکي چيائين تہ سائين ظفر صاحب اوهان جي پڇا ڪئي هئي ۽ چيائين تہ اگر ظهير نظر اچي تہ مون ڏانهن موڪلجوس، مون سائين جي اهڙي نياپي تي سائين جي آفس ڏانهن قدم وڌايا..سائين جي آفس جي دروازي تي بيهي اجازت وٺڻ کان پوءِ اندر داخل ٿيس ۽ سلام ڪيم ، سائين مونکي ويهڻ لاءِ چيو ۽ جيئن ئي مان ويٺس تہ سائين پنهنجي مخصوص، نرالي، انداز سان مونسان افسوس ڪندي چيو تہ مان اوهان جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان ڇو جو اوهان امتحان ۾ پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي تہ اوهان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو پر پوءِ بہ اوهان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي ويا... مان شرمندگي کان ڪنڌ جهڪائي سوري چيو ڇو تہ مونکي ياد آيو تہ فائينل ۾ سائين جو هڪڙو پيپر مون بلڪل بہ سٺو نہ ڪيو هو. ۽ ان ۾ سائينءَ مونکي پاسنگ مارڪون 33 ڏنيون هيون. هتي مان اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ منهنجن چئني سالن جي سبجيڪٽس ۾ اگر ڪنهن سبجيڪٽ ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون آهن تہ اهو سائين ظفر صاحب جو سبجيڪٽ آهي، ۽ اگر ڪنهن سبجيڪٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ مارڪون بہ آهن تہ اهو بہ سائين ظفر صاحب جو ئي سبجيڪٽ آهي.ايتري ۾ سائين گهنٽي وڄائي ۽ چانهن جي ٻن ڪوپن جو چيو......چانهن آئي ....سائين هڪ ڪوپ مون ڏانهن وڌايو مان حيران رهجي ويس... ڇو جو سائين پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن شاگرد کي پنهنجي آفس ۾ ڪڏهن بہ چانهن نہ پياريندو هو...خير سائين مونکي چيو تہ اڄ اوهان ايم.ايس.سي پاس ڪري ڇڏي ۽ آفيشلي هاڻي اوهان منهنجا شاگرد ناهيو رهيا.. سو مان اوهان کي پنهنجي آفس ۾ چانهن پياري سگهان ٿو...
هڪ بہ ڏيک پيئندي مون ڏٺو تہ ٽيچرس آفيسز جي ڪاريڊور مان گذرندي ڊپارٽمنٽ جي هڪ ليڊي ٽيچر ميڊم نرگس بلوچ مونکي سائين جي آفس ۾ مون کي چانهن پيئندو ڏسي، فورن ڪاريڊور ۾ رڪجي واپس مڙندي حيرانگي ۾ سائين جي آفس ڏانهن آئي ۽ سائين کان اجازت گهري اندر اچي حيرانگي مان ڏسندي اڃان ڪجھ پڇڻ تي هئي تہ ايتري ۾ سائين ڳالهہ کي سمجهندي چيو تہ مس بلوچ هاڻي ظهير پنهنجو شاگرد ناهي رهيو سو مان ظهير کي پنهنجي آفس ۾ چانهن پياري سگهان ٿو.. ايتري ۾ ٽين چانهن بہ اچي وئي. جيڪا ميڊم نرگس لاءِ هئي.هتي مان اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ ان ليڊي ٽيچر مس نرگس بلوچ سان بعد ۾ منهنجي شادي ٿي.
سائين جي هڪ بهترين ايڊمنسٽريٽر هئڻ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اگر ڊپارٽمنٽ جي چيئرمين پاران ڪو بہ سرڪيولر يا اهڙو ليٽر جيڪو هائر اٿارٽيز ڏانهن اماڻڻو هجي تہ سائين

ڪلارڪ کي پيڻ ۾ پني سان پنهنجي آفس گهرائي پاڻ ڏڪٽيٽ ڪرائيندو هيو...ڪمال جي انگريزي ۽ ڪمال جي ڏڪٽيشن.... فل اسٽاپ، ڪاما، سيمي ڪولن، انورٽيڊ ڪاماز بريڪيٽ ...مطلب پوري ڏڪٽيشن ياد ۽ اڳيان ڪلارڪ لکندو ويندو..پوءِ وري اهو ليٽر ڪلارڪ ٽائپ ڪري سائين جي ٽيبل تي رکندو..سائين ان ليٽر کي پڙهندو ۽ اگر ڪا غلطي هوندي ته ان کي درست ڪري وري ٻيهر ٽائيپ ڪرايو ويندو تنهن کان پوءِ وڃي اهو آفيشلي رڪارڊ جو حصو ٿيندو هو..اڄ جي دور ۾ اهڙي پروقارڏڪٽيشن سان آفيشل ليٽر لکرائڻ جو ڪمال ڀريو انداز سنڌ يونيورسٽي ۾ ملڻ مشڪل آهي. اسان شاگردن جي مختلف فارم انرولمينٽ، امتحاني فارم ڀرڻ کان پوءِ سائين کان چيئرمين طور صحيح وٺڻ وارو مرحلو به ڪمال هوندو هو. هڪ هڪ لفظ جي اسپيلنگ چيڪ ڪرڻ، فارم جو هر ڪالم کي پراپرلي ڀرڻ اسان سائين کان سکيو. ان وقت جي يونيورسٽي انتظاميه جنهن ملازم جي آفيشل ڪم ڪار جي تربيت ڪرائڻ مقصود هوندي هئي ته ان ملازم جي ٽرانسفر جاگرافي ڊپارٽمنٽ ڪئي ويندي هئي..

سائين جي بهترين ايڊمنسٽريشن ۾ گهٽي عرصي تائين رهندي مون ڊپارٽمنٽ ۾ به ٻيا ملازم به ايئن ئي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ پرفيڪٽ ڏٺا جن جو هت ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. هڪ ڊپارٽمنٽ جو پٽيوالو اسلم جنهن کي مان پرفيڪٽ پٽيوالو سڏيندو هئس، جيڪو جاگرافي ڊپارٽمنٽ مان ئي رٽائر ٿيو..۽ هن وقت هن دنيا ۾ اسان سان گڏ موجود ناهي ...ٻيو ڪلارڪ نور محمد لغاري جيڪو به پرفيڪٽ ڪلارڪ نظر ايندو هو.

سائين سان گڏ گذاريل ڊپاٽمنٽ جون پڪنڪون به يادگار آهن بس جي اندر ڪنهن شاگرد کي سگريٽ ڇڪڻ جي اجازت نه هوندي هئي پر مزيدار ڳالهه ته اگر بس جو ڊرائيور يا ڪلينر سگريٽ ڇڪندڙ هوندو ته جڏهن هو سگريٽ ڇڪڻ چاهي ته بس کي روڪي سائيڊ تي ٻيهاري ۽ پوءِ بس کان ٻاهر وڃي سگريٽ ڇڪي اچي ۽ پوءِ اچي بس هلائي..سائين جي هوندي بس ۾ سگريٽ ڇڪڻ جي منع هوندي هئي..جڏهن پڪنڪ تي جاگرافي ڊپارٽمنٽ کي وڃڻو هوندو هيو ته يونيورسٽي انتظاميه پريشان ٿيندي هئي ته بس جو ڊرائيور اهڙو موڪلڻو پوندو هيو جيڪو سگريٽ ڇڪيندڙ نه هجي يا سگريٽ ڇڪڻ جو روزو رکڻ اچيس.اها ڳالهه يونيورسٽي جي ان دور جي آفيشل رڪارڊ جو حصو آهي..

سائين جو اصول پسندي ۽ ايمانداري جو اندازو ان مان لڳايو ته 90 جي دور پگهارن جا بل مينيوئلي ڀريا ويندا هئا ۽ جيڪي استاد يونيورسٽي جي ڪالوني ۾ رهندا هئا ته انهن جي گهر جو ڪرايو بجلي جي بل جي ڪٽوتي ۽ اگر ان استاد وٽ ايئرڪنڊيشن آهي ته هر ايئرڪنڊيشن لاءِ فڪس رقم ڪٽي ويندي هئي ان وقت سائين جي گهر ۾ به ايئرڪنڊيشن هئا..سائين ايمانداري سان ٻن ايئرڪنڊيشنز جا پئسا پهنجي پگهار مان ڪٽرائيندو هو...مان پرسنلي ان وقت به ڪوڙسارن اهڙن پروفيسرن کي سڃاڻيندو هيس جن جي گهر ۾ به ٽي ايئرڪنڊيشن موجود هوندا هئا ، مگر انهن هميشه سرڪاري رڪارڊ ۾ هڪ ايئرڪنڊيشن ڏيکاري هڪ ئي ايئرڪنڊيشن جا پئسا پنهنجي پگهار مان ڪٽرائيندا هئا... بلڪه سائين لا ڪجھ نازيبا جملا به چئي ڇڏيندا هئا...ان وقت

پي.ٽي.وي تان گورنمينٽ جي هڪ ايڊورٽائيز ايندي هئي ته شام 6 وڳي کان رات 9 وڳي تائين ايئرڪنڊيشنز جو استعمال گهٽ ڪيو ته سائين فڪس بل پرڻ باوجود ان ڳالهه تي سختي سان عمل پيرا ڪندا هئا ۽ انهي ٽائيم تي ايئرڪنڊيشن نه هلائيندا هئا...

ڪليگ طور سائين کان مان تمام گهٽ عرصي ۾ تمام گهڻو ڪجهه سکيو...ڪلاس ۾ پڙهائڻ، امتحاني پيپر تيار ڪرڻ، شاگردن جون ڪاپيون چيڪ ڪرڻ، مارڪون ڏيڻ، پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان ادا ڪرڻ، مطلب ته سائين جي شخصيت مونکي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ سائين سان ايئن گڏ گذاريندي منهنجي ذات ۽ شخصيت ۾ به سائين جو رنگ ۽ اثر ٽيو.

سائين جي شخصيت لاءِآخر ۾ بس ايترو چوندس ته مان سنڌ يونيورسٽي ۾ بطور ريسرچ ايسوسئيٽ 4 سال پڙهايو آهي. مهراڻ يونيورسٽي ۾ بطور وزيٽنگ ٽيچر 18 سال پڙهايو آهي، ۽ ڪاليج سائيڊ گورنمنٽ آف سنڌ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڪاليج ۾ 19 سالن کان تدريس سان وابسته آهيان. مطلب ته نومبر 1997 کان وٺي اڄ تائين يونيورسٽيز ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائيندي پڙهائيندي مون کي الائي ڪيترن اهڙن پروفيسرن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو جيڪي آمريڪا، يورپ، ملائيشيا، چين مطلب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پي.ايڇ.ڊي هئا ۽ اپگريڊ ٿيڻ کان پوءِ 21 اسڪيل تي به پهتا مگر سائين ظفر حسن صاحب واري نفاست، وقار اٿڻ، ويهڻ، هلڻ، ڳالهائڻ، ڪپڙن پائڻ جو ڍنگ، تعليم، تربيت ڏيڻ وارو انوکو ۽ نرالو انداز، نفاست ۽ پر وقار بيهڪ مون پري پري تائين به محسوس ناهي ڪئي... تقريبا 5 سالن جي جاگرافي ڊپارٽمنٽ ۾ شاگردي جي دور کي پوري ڪرڻ کان پوءِ مون پنهنجي هر استاد کان پنهنجن گذاريل 5 سالن بابت ڊائري تي رايا ورتا هئا ، جنهن ۾ سائين ظفر حسن سيد صاحب جا پنهنجي هٿ اکر سان ڊائري ۾ لکي ڏنل ڪمنٽس جو عڪس پڻ رکان ٿو. هو عجيب انسان هو، هو سمپورڻ اُستاد ۽ منتظم هو ۽ سندس سحرپري شخصيت جي مٺيا جي سڳنڌ صدين تائين سماج کي واسيندي رهندي

آئون ٿورائتو آهيان نوراحمد جنجهيءَ جو جنهن هن ڪم لاءِ مونکي نه رڳو اتساهيو ۽ مواد چڪاسڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. ان ڪانسواءِ منهنجي ٻارن رابيل، شرجيل، ڪومل، عديل، نبيل ۽ ارسل جن ڪمپوزنگ ، ڊرافٽنگ ۾ منهنجي هٿ ونڊرايو ۽ سنڌ سلامت جي محترم سليمان وساڻ سنڌ سلامت وسيلي هن ڪتاب کي سافٽ روپ ۾ پڌرو ڪيو.

ٿورا نه ٿورا ، مون تي ماروئڙن جا
تر ۾ واري ٿورڙي تهان ئي گهڻيرا
پلايون ۽ پيرا ڳڻي ڳڻينديس ڪيترا

**ظهير احمد ڪلهوڙو**
اسسٽنٽ پروفيسر
گورنمنٽ بوائز ڪاليج، قاسم آباد، حيدرآباد.
geogzaheer@gmail.com



To:

Zaheer Ahmed Kalhoro

I admire your traits of humility and obedience ~~to~~ your teachers and even ~~with~~ to your other elders.

You were found helpful to your fellow students as well.

Besides ~~I~~ that I have observed you were bold and outspoken when the occasion arose.

I wish you were studious and hardworking which I hope you would be in the coming years.

I wish you every success and happiness in your life.

Your teacher Zafar Hassan 26/05/97

# ظفر حسن
## رهيل قرض

ظفر حسن پٽ نذر علي سيد، 14 آگسٽ 1937 ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو هو ڳوٺ قطب شاهه، ڪٽياڻ روڊ ريلوي اسٽيشن حيدرآباد تعلقي جو رهندڙ آهي. پرائمري تعليم واڻڪي وسي تعلقو حيدرآباد ۽ پرئڪٽسنگ اسڪول، ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد سنڌ ۾ ورتي ۽ 1947 ع ۾ چوٿون درجو سنڌي پاس ڪيو. حيدرآباد سنڌ جي تعليمي ادارن نور محمد هاءِ اسڪول (مئٽرڪ: 1954 ع)، گورنمينٽ ڪاليج اڳوڻو ڊي.جي نئشنل ڪاليج (انٽر آرٽس: 1957 ع) ۽ سنڌ يونيورسٽي (بي.اي آنرز 1959 ع ۽ ايم.اي 1961 ع) ۾ تعليم ورتي. 1961ع ۾ ئي سنڌ يونيورسٽي ۾ جاگرافيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ هاڻي ائسوسي ايٽ پروفيسر آهي. انهي وچ ۾ 1977ع کان 1979ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو.

ڪاليج مخزن ”قليليءَ“ ۾ سندس پهرين ڪهاڻي 1955ع ڌاري شايع ٿي پر باقاعدي لکڻ جي شروعات پهرين ڪهاڻي ”رهيل قرِض“ سان 1966ع ۾ ڪئي. ساهت ۾ ڪهاڻين کان سواءِ ڪل ۽ ٽوڪ بہ لکي اٿس. تنهن کان سواءِ ڪجهه اخباري ڪالم، خاڪا، مضمون ۽ تنقيد بہ لکي اٿس.

ڌرتي ڪتابي سلسلي جا چار ڪتاب، عالمي ادب (ولي رام ولڀ سان) سهڻي پبليڪيشن (طارق اشرف ۽ نسيم احمد کرل سان) سماجي سائنسون (اعجاز قريشيءَ سان) ترتيب ڏنا اٿس مئگزن جو بہ اسسٽنٽ ايڊيٽر رهي چڪو آهي.

”رهيل قرض“ سندس پهريون ڪتاب آهي.

# رهيل قرض

اُن مهل سج ڪاپار تي اچي چڪو هو. گرمي تہ دنگ ڪري چڪي هئي. چوپاسي وايو منڊل ۾ موت جهڙي سانت هئي. هوا بنھ بند هئي. وڻ ٽڻ پنڊ پهڻ بنجي چڪا هئا. رڳو ڪنهن ڪنهن مهل ڪانگن جي ڪان ڪان ۽ ٻين پکين جون ٻوليون حياتيءَ جو ثبوت ڏئي رهيون هيون. مرزو پاڻي ورائي اچي وڻ جي ڇانوَ هيٺ ويٺو هو. سندس وارو اڄ ٻن پهرن کان شروع ٿيو هو. پاڻي وائيندي هن ڪي ڪيڏو نہ آرام آيو هو. جڏهن پاڻيءَ ۾ گهڙي هن ٻہ ٽي ڪوڏر جا لاپا هڻي، پنهنجي ٻنيءَ ۾ پاڻي ڇڏيو هو. هو گهري ها تہ سڪيءَ کان ئي پاڻي ورائي ها، پر اهڙي سخت گرميءَ ۾ هن ڄاڻي واڻي واٽر ۾ گهڙي ووئنٽن ۾ پاڻي ڇڏيو هو. اوڏيءَ مهل گرميءَ جي شدت ڪارڻ هن کي گهڙي کن لاءِ ويچار آيو هو تہ ”جيڪڏهن مينهن جا ٻہ ٽي ڦڙا پئجي وڃن تہ واهہ واهہ“ پر وري جو ووئنوٽن تي نظر پئي هئس جي گل ڪڍيو بيٺا هئا، تہ ڏک گهٽ ڏڪي ويو هو، سندس دل مان آواز نڪتو: ”نہ منهنجا مولا نہ، هينئر مينهن نہ وسائجئين، پل ان کان ٻہ وڏيڪ گرمي ٿئي. پر هاڻي جي مينهن وسيو تہ جهڳوئي جهڻ ٿي ويندو.“ پر الائي ڇو مرزو ڏڄي ويو. سندس اکين آڏو وڏيرو خير محمد ڦري ويو ۽ ڪنن ۾ وڏيري جي

ڪمدار علي محمد جو آواز وڄڻ لڳو: ”هن ڀيري ڦٽين مان تقاوي نہ لاٿئي تہ وڏيرو ٻنڊ رلائي ڇڏيندئي. مرزي کي اچي ڏپ ورايو. هن جي چوڻ سان مينهن تو ڪونہ وسندو پر هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو جيئن مينهن کي هن جي حڪم جو اوسيئڙو هجي.... هن بس سوچيو ۽ مينهن پيو! پر وري پاڻ ئي پاڻ کي آٿت ڏيڻ لڳو: ائين هجي ها تہ سوير نہ مينهن پري ها، جڏهن هن مسيت ۾ نماز پڙهي هئي ۽ الله سائين کان دعا گهري هئائين!

هو وڻ جي ڇانوَ هيٺ ويٺي ويٺي اهو ئي سوچي رهيو هو. پر هاڻي مينهن جو ويچار بہ ڪيس دل ۾ ڪونہ هو. هن

پنهنجي ووئنٽن کي ڏٺو جيڪي ڏينهون ڏينهن پيلا ٿيندا پئي ويا. گلن مان اندازو لڳايو هئائين تہ هن ڀيري جو فصل پوين ڪسرون ڪڍي ڇڏيندو. هن سال هن زمين تي ڏاڍي محنت ڪئي هئي. پوين ٻن سالن جي ٻي منداڻي مينهن هڻي فصل جي لاڪ لاهي ڇڏي هئي پر هن سال هو قرض لاهي ڇڏيندو. هن چوپاسي نظر ڊوڙائي تہ هر پاسي ساوڪ ئي ساوڪ نظر اچي رهي هئي. ووئنٽن جي وچ ۾ ڪي ڪي نمبر غير آباد پيا هئا، جتي ڪٽڪ پوکي ويئي هئي اتي هينئر ويراني هئي. اڻ پوکيل نمبر ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هئا. بس ائين لڳي

رهيو هو تہ زمين تي ڍڪيل سائي چادر ۾ ڪٿي ڪٿي اڇيون ڇتيون لڳيون پيون هيون. وري ايندڙ مند زمين چادر بدلائيندي ۽ جتي اڇيون ڇتيون آهن اتي ساوڪ ٿي پوندي ۽ جتي هينئر ساوڪ آهي اتي اڇيون ڇتيون هونديون. بس ائين هر مند زمين پئي پنهنجو ويس مٽائيندي. هن پنهنجي قرض جو حساب ڪيو: هي ٽيون سال هو جو هن تقاوي ورتي هئي، پوين تقاوين لاهڻ کان سواءِ پهرئين سال ٻہ سو روپيا، گذريل سال سو روپيا، هن سال سوا سو روپيا، ڪل ٿيا سوا چار سو روپيا ۽

تنهن کان سواءِ هن سال جو سندن ڏڳي چورائجي ويئي هئي، ان جو ٽُڳ بہ وڏيري کان اوڌر وٺي ڏنو هئائين. اها بہ وڏيري کي شاباس جو ڏڳي ورائي ڏني هئائينس. سوا پنج سو روپيا قرض ڪيئن لهندو... هو وري سوچ ۾ ٻڏي ويو. هن کي پنهنجي تباهي

نظر اچڻ لڳي، هو تصور ۾ پاڻ کي گهر ٻار سوڌو لٽجندي نظر اچڻ لڳو. هن سوچيو: پاڻ پيسا ڪائي پچي بہ تہ سگهيو ٿي....

پر جيڏانهن بہ وڃي وڏيرو کيس سوگهو ڪرائي سگهي ٿو. هن وري سوچيو: نہ پر هن سال فصل پلو ٿيندو. ڦٽيون سندس منو قرض لاهي وجهنديون. هوڏانهن پٽس مال چاري مهيني سر ٽيه پنجٽيه روپيا ڪمائي ڏيندو هوس. اتان مڙيئي سو روپيا کن ميڙيا هئائين. مڙيئي مولا چڱي ڪندو. سوچ ۾ وهڪرو وهندو ٿي ويو. پنهنجي سوال کان پاڻ ئي ڊنو ٿي، ۽ پنهنجي وراڻيءَ کان پاڻ ئي راضي بہ ٿي، ٿي ويو. هن کي وڏيري کان انهيءَ ڪري بہ وڏيڪ ڊپ هو جو جڏهن کان ساران سامائي هئي تڏهن کان وڏيري جون منجهس اکيون هيون. جي ڏيٽس جوان نہ هجي ها تا دينوءَ کي ڪڏهن بہ پڙهائي نہ ڇڏرائي ها دينوءَ ۾ کيس جيڪي آسون هيون سي سڀ مٽيءَ ۾ ملي ويئس، دينو ٽئين درجي ۾ هو جڏهن هن اسڪول مان ڪيرايس زوري تعليم هئي. پر ڇئو چواءِ ڪرائي تہ دينو چريو آهي اسڪول مان ڪيرائي وڃي مال چارڻ تي رکيائينس. انگريزي پڙهائڻ لاءِ تندي موڪلڻ هن جي هونئن بہ وس وٽان نہ هو ۽ هوڏانهن تقاوي تي تقاوي چڙهندي پي ويس. ڳوٺ جا اڌ ڇوڪرا بہ ائين اسڪول مان جند ڇڏايوءِ وڃي ماڻٽن سان ٻانهن ٻيلي ٿيو ٻنين ۾ ڪم ڪري رهيا هئا... اُهي بہ دينوءَ

وانگر چريا ئي هئا!

سج هاڻ هوريان هوريان اولهه طرف لڙي رهيو هو. ڏينهن پنهنجي حياتيءَ جي آخري پهر ۾ پهچي چڪو هو. مرزو هڪڙي ٻاري مان ٻي ٻاري ۾ پاڻي ڇڏي رهيو هو. جڏهن ٻنو ڪٽي سڌو ٿيو ۽ اوچتو جو اوير پاسي نظر پيس تہ گهڙي کن لاءِ هن جون نظرون اتي ئي ڄمي ويون. هن کي ويساهہ ئي نہ آيو. هن پيشانيءَ تي گهنج آڻي اکيون ڇنجهيون ڪري تکي اس جي اثر کان بچندي وري ڏسڻ جي جاکوڙ ڪئي. پريان نيري اجري آڪاس تي ميرنجهڙو داغ نطر اچي رهيو هو. هو ڏک گهٽ ڏکي ويو. "ڪڪرا!.... نہ نہ ڪکر ڪونهن." هن وري دل کي آٿت ڏني: "ريل گاڏيءَ جو دونهون آهي، ٽيشڻ بہ تہ انهيءَ پاسي آهي." پر اهو ويچار کيس دلاسو نہ ڏئي سگهيو پريان ميرانجهڙو داغ الهه دين جي ديو وانگر وڌندو ٿي آيو. هن کي محسوس ٿيو تہ سوين جيت سندس ماس پٽي رهيا آهن. جيتوڻيڪ ڪجهه دير اڳ ۾ پاڻي پيتو هئائين پر نڙي اهڙي ٻٽ ٿي ويس جڻڪ پاڻي پيتي ڄمار گذري ويئي هجيس. اهو دور ٿوڙيءَ دير ۾ نيري آسمان کي ڳڙڪائي ويو..... چوپاسي اونداهہ انڌوڪار

ڇانئجي ويئي. جهڪ لڳي، اهڙي ڏڏڙاٽي جو هوا اکيون کولي نہ سگهيو ٻير کي جهلي ويهي رهيو. دل ئي دل ۾ دعا گهرڻ لڳو: "پلي جهڪ لڳي پر مينهن نہ وسائجئين منهنجا مولا." پر سندس دعا نہ اگهاڻي. هوڏانهن هن دعا گهري تہ هيڏانهن مينهن جي سٽ سٽ شروع ٿي ويئي. وڏڦڙو مينهن

______ هڪ هڪ ڦڙو ريئي جيڏو. هو هڪدم ڀوڙيو ۽ واتر مان وونٽڻ ڏي پاني بند ڪري ڇڏيائين، پوءِ آخري ڀاري ڪي لايو ڏيئي پاٽي غير آباد ٽڪر ۾ ڇڏي ڏنائين هن ڪي خبر هئي تہ جي مينهن ڪان فصل پڇيو تہ گهٽو پاٽي ساڙي وجهندس. هن جا نمبر اڳي ئي هينائين ۾ هئا. خبر هئي تہ جي مينهن ڪان فصل بچيو تہ گهٽو پاٽي ساڙي وجهندس، هن جا نمبر اڳي ئي هينائين ۾ هئا.

رات جو هو جيڏي مهل ماني ڪائڻ وينو تہ گراهہ نہ ڳيسجيس جيئن تيئن ڪري ڪير جو وٽو پيتائين. دينو دريءَ ڪان ٻاهران تڏي جو ٽڪر لڳائڻ ويو هو. اڃان تائين مينهن بس نہ ڪئي هئي. ڇت مان پاٽي ٽمي نہ. پر وسي رهيو هو. سيني جو منهن لٿل هو مس مس فصل پلو ٽيو هو تہ مينهن هاجا ڪري ڇڏيا. پر مرزي جي من ۾ ڊپ ٻيوئي هو سا گهر جي ڪنهن پاتيءَ ڪي خبر نہ هئي. هن ڪي سارآئي تہ جڏهن هو ٻنيءَ ۾ هر ڪيڙي رهيو هو ۽ ساران ماني ڪٽي آئي هئس، اوڏيءَ مهل وڏيرو بہ اتان اچي لنگهيو هو. هو هر ڏسڻ آيو هو. مرزي وڏيري ڪي ڏسندي ئي هٿ ٻڌي ڪيڪاريو هو.

”سائين بسملايون.“

رئيس ڪنڌ ڌوٽي سلام جو جواب ڏنو ۽ مرزي ڪان پڇڻ لڳو:

”ڪائون هر آهي؟“

”سائين ٻيلهہ پوري ڪئي اٿم“ مرزي جواب ڏيندي جڏهن وڏيري ڏانهن نهاريو. تڏهن وڏيرو ساران ڏانهن نهاري رهيو هو جا وڏيري جي رعب ڪان ڊڄي ڪيس ڪيڪارڻ تہ ڇا پر نهاري بہ نہ سگهي هئي. وڏيري جي اکين ۾ اهڙي چمڪ اچي ويئي، جهڙي ڪتي جي اکين ۾ شڪار ڪي ڏسي اچي ..... وڏيري، علي محمد ڏانهن نهاريو ۽ اکين ئي اکين ۾ جڻ هڪ ٻئي سان ڳالهائي ورتائون. علي محمد، وڏيري جو ڪمدار هو رئيس جي حڪم جو غلام. مرزو رئيس جي نيت سمجهي ويو ۽ هڪدم چوڻ لڳو:

”نينگر آهي، سو سائينجن ڪان ڊڄي ٿي.“ وري ڌيءَ ڪي چوڻ لڳو: ”ساران ڊڄ نہ، وڏيرو پنهنجو ابو آهي.“ الائي

ڇو وڏيري جي منهن تي گهنج پئجي ويا ۽ علي محمد ڪي شام جو ملڻ لاءِ چوندي حويلي ڏانهن منهن ڪيو.

بس انهيءَ ڏينهن ڪان وٽي حالتون بدلجي ويون. مرزو جيڪا

تقاوي گهري سا مليس. جيڪا رعايت گهري اها منظور. هو زماني جو ماٺهو هو سڀ سمجهي ويو. پر ڪڏهن بہ حويليءَ ڏانهن ساران بنا ماءُ جي نہ وئي. هو هيستائين پنهنجي لڄ بچايو پئي آيو پر مينهن هٽي ڪيس ڊاهي وڌو. هو هاٽي پنهنجي عزت برباد ٿيندي ڏسي رهيو هو. پنهنجي مرٽينگ ڊڳي وڪٽي تہ بہ سو ڏيڍ ڪان مٿي مس ملندس، ۽ هوڏانهن رڳو سو ڪن رپيا بچائي رکيا هئائين. سوا پنج سو قرض مان بہ ادائي سو ڏيئي جند ڇڏائڻ اڻ ٿيڻ هو. هاٽي وڏيرو ڪيس ڪونہ بخشيندو. هاٽي تہ پاڻ وڏيري ڪي بهانو اچي ويو سو يا تہ پيسا گهرندس يا.........سوچيندي سوچيندي سندس اک لڳي ويئي. سڃي ڏينهن جو ٽڪل هو.

لڳاتار مينهن پوندو رهيو هن کي محسوس ٿيو ته مينهن ڪو رڳو هن کي برباد ڪرڻ لاءِ وسي رهيو آهي. هاڻي جتي ڪٿي گوڏي جيڏو پاڻي بيٺل هو. جهڪ ۾ پنجن ڇهن ڏينهن جي مينهن فصل کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. رڳو پاڇاٽا وونئڻ جن ۾ گل اڃان ڪونه ٿيا هئا، سي ڪجهه بچي ويا هئا.
مرزو سوچي رهيو هو اهو ساڳيو مينهن جي گل ڇاٽيءَ کان پهرين پوي ها، ته فصل کي چوٽ چاڙهي ڇڏي ها.
”پر الله ڪٿي ٿو مهل تي ٻڌي“ هو ڏينهن رات پنهنجي ٻنيءَ تي همراهن سان گڏجي پاڻي ڪيندو رهيو پر نيٺ پاڻي وچي ڪيڏانهن! اکين ۾ ڳوڙها تري آيس. سندس سموري محنت برباد ٿي ويئي. هن لکن ۾ جهولن ۾ هر ڪاهي زمين ناهي هئي ڏينهن رات وونئڻن تي محنت ڪئي. پر مينهن.......
سيني هارين جا منهن لٿل هئا. رڳو ٻن ٽن هارين جي فصلن کي مڙيئي گهٽ نقصان رسيو هو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ حالتون ساڳيون موٽي آيون. هارين وري ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن به پنهنجي رهيل کيل فصل مان پاڻي ڪڍيو. روپئي مان ٻه ٽي آنا فصل جي آس مس هئس. ان صبح جو جڏهن هن گهر لاءِ ڪائيون پي سڪايون، ته علي محمد سندس ڳولا ۾ اچي نڪتو. خوش کيڪار کان پوءِ علي محمد وڏيري جو حڪم ٻڌايس.
”حويلي مينهن ۾ خراب ٿي پيئي آهي جوڙهين ۾ ساران کي موڪلي ڏجائين اڄ ٻن پهرن کان پوءِ“ ان کان پهرين جو مرزو ڪجهه چئي، علي محمد وري چوڻ لڳو. ”فصلن جي نقصان کان پوءِ رئيس ٻرٽيو وينو آهي، تون به پيسا پٽ سٽ ڪري وٺ. رئيس کي سخت ضرورت آهي.“ علي محمد چار اچلي روانو ٿي ويو.
مرزو گهر پهتو ۾ ايمٽا کي سمجهائي ڪري حويليءَ ڏانهن موڪليائين کيس تاڪيد ڪيائين ته ڏيءَ کي پاڻ کان جدا نه ڪري ۾ سج لهڻ کان پهرين ڳوٺ موٽي اچن.
سج هاڻي ڪافي لهي چڪو هو. دينوءَ کي ايستائين موٽي اچڻ گهربو هو. الائي ڇو اڃ دير ٿي ويئي هئس. هو اڪيلو پنهنجن پورن ۾ وينو هو. هر مهل کيس اهو ويچار هو ته قرض ڪيئن لهندو. هن سوچيو: وڏيري جي ٿي چوري ڪري پئسا هٿ ڪري يا رستي تي ٿي ڪا ڦر ڪري ڌاڙو هڻي يا کيس رستي تي ٿي ڪا روپين جي ڳوٿري ملي وڃي. هن جي دماغ ۾ طرح طرح جا ويچار اچڻ لڳا.... قرض.... قرض... ان کان سواءِ هن کي ڪابه ڳالهه ياد ڪونه هئي.
اوچتو پري کان هڪ سڏ ٿيو.
”چاچا مرزا هو هو، چاچا مرزا، هو هو.....“ هن جي ويچارن جو سلسلو ٽٽي پيو. آواز ويجهو پوندو ويو. جيسين مرزو جواب ڏئي، تيسين ايلياس سامهون اچي پهتو هو. ايلياس سهڪي رهيو هو هو هڪساهي ڊوڙندو آيو هو.
”ابا خير ته آهي“ مرزوءَ ڊجندي ڊجندي پڇيو. هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ تکي ٿي ويئي.
”دينوءَ کي ......دينو ويچارو.... هن رستو پار پئي ڪيو.....

نہ نہ هو بچي ويو آهي، ٽورا ڌڪ لڳا اٿس، مونس مٿانئس چڙهي ويو. شهر وٺي ويا اٿس، اسپتال ۾ ......" ايلياس ڳيتون ڏيندي ڏيندي ڳالهه پوري ڪئي.

مرزي جا هٿ پير ٺري ويا. هوش خطا ٿي ويس، هو ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو.

"ڪا ڳالهه ڪانهي چاچا، ڌڪ ٿورو لڳو اٿس، بچي ويندو."

ايلياس ۾ بہ هاڻي ٿوري همت موٽي آئي هن مرزي کي آٿت ڏني، ۽ پوءِ هو ٻئي تڪڙا تڪڙا رستي ڏانهن روانا ٿي ويا. پڪو رستو ڳوٺ کان بہ ٽي فرلانگ هو. هو رستي تي پهتا مس تہ آچر مال ورايو پئي موٽيو.

"ڌڪ ايترو ڪونہ لڳو اٿس." آچر، مرزي کي ويجهو ٿيندي چيو پر سندس آواز ۾ پختگي ڪونہ هئي، جڏهن مرزي ڏانهس نهاريو تہ آچر ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو.

ويهارو کن قدم اڳتي مزدور نظر اچي رهيا هئا. هو ڪم ڪار ڇڏي رستي جي پر ۾ ويٺا هئا، تن جو هن نئين آيل ماڻهوءَ کي ڏک جي حالت ۾ ڏٺو تہ سمجهي ويا تہ اهو ڪو ڏراڙ جو ويجهو مائٽ هوندو. هو وڏي مرزي وٽ آيا.

"هن جو هي پيءُ اٿو." ايلياس، مرزي ڏانهن اشارو ڪندي مزدورن کي ٻڌايو.

"خدا ڪندو بچي ويندو." مزدورن مان هڪڙي آٿت ڏني.

"ڪا موٽر يا ٽرڪ اچي تہ هٿ ڏئي بيهاريوس." ٻئي مزور چيو پر جيسين ڪا موٽر يا ٽرڪ اچي تيسين وري پهرين سربستو احوال ٻڌائڻ شروع ڪيو.

"اسين انهيءَ مهل مٿي ڊوئي رستي جي پر ۾ وجهي رهيا هئاسين، ۽ هواسان جي اڳيان ئي مال کي رستي جي هن پر وٺيو پئي ويو." هن رستي جي ٻي پر اشارو ڪندي چيو.

"سجو مال رستو اڪري ويو هو پر هڪڙو ڳابو اجان رستي تي بيهي رهيو ۽ اوچتو وراڪي وٺان موٽر بہ اچي نڪتو هن ٻچڪارون ڏيئي ڳابي کي ڏاڍا سڏ ڪيا، پر ڳابو اهڙو ڇري جهڙي پٽ. ايتري ۾ موٽر بہ اچي ٻنهن ويجهو پهتو. اسان پريان لڪاءِ پئي ڏٺو اسان سمجهيو تہ ڳابوويو. پر هوڏانهن مڙس ڪٽي اوچتو پاڻ کي ڳابي تي ڇڏيو.... ڳابو تہ وڃي ٻي پر نڪتو پر مڙس ور ۾ اچي ويو. موٽر واري بہ هڪدم بريڪ هنيو. پر جيڪو پاڳ ۾ لکيل هو سوئي ٿيو." مزدور سجو احوال ٻڌائي پورو ڪيو.

"پر شاباس آهي موٽر وارن کي،" ٻي مزدور چيو اسين ڇڱا پري هئاسين، وٽين ها تہ پڇي وڃن ها، پر اسان کي پاڻ چئي هن کي موٽر ۾ ڪٽائي شهر ڏانهن اسهي ويا ۽ اسان کي چئي ويا تہ ڪنهن پر واري ڳوٺ جو ٿو ڏسجي، پڇا ڪرائي وارثن کي سيول ڏانهن موڪلجو. اسين اتي هونداسين."

مرزي رستي ڏانهن انهيءَ هنڌ نهاريو جتي رستي تي رت جي دٻن تي موٽر جي ڦيٿن چٽ ڪڍي ڇڏيا هئا. ايتري ۾ مزدورن هڪ ٽرڪ بيهاري ورتي، جنهن ۾ مرزي ۽ ايلياس کي شهر اماڻيو.

شهر ڏهميل کن پري هو. جڏهن هو شهر پهتا، تہ سج لهي چڪو هو. مرزي جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. پر هن کي پڪ هئي تہ دينو بچي پوندو هو جڏهن اسپتال پهتا، تہ ساجن، ڪندو، سڀ اتي هئا. مرزو پهتو تہ ساجن ڪٽي پاڪر پاتس.

”پائڻ ڏينو وڃي الله کي رسيو“ ساڃن ڳراٽڙي پائيندي چيس. مرزو مڙس هو پر کانئس اوچنگار نڪري ويئي. هو ساڃن جي ڪلهي تي منهن رکي روئيندو رهيو. جڏهن سيئي ڪمري ۾ پهتا، ته لاش کي ڏسي مرزو بابا، بابا ڪندو چنبڙي پيو. ڊاڪٽر کيس ٻانهن کان وٺي پرڀرو ڪيو.
”مون گهڻي ڪوشش ڪئي، پر مٽي ۾ ڏک لڳڻ ڪارڻ بچي نه سگهيو.“ ڊاڪٽر همدردي ڪندي چيو.
ٿوري دير ۾ جڏهن مرزي کي هوش آيو ته هن پنهنجي پير ۾ ٻن پتلون پاتل ماڻهن کي ڏٺو جن جي منهن تي ڏک جا اهڃاڻ ظاهر ٿي رهيا هئا.
”جيڪي ڀاڳ ۾ لکيل هو، سو ٿيو. اسان ته پنهنجي پر ۾ گهڻي جاکوڙ ڪئي، پر جيڪا الله جي مرضي.“ پتلون واري هڪڙي چيو.
ڪافي دير تائين ڪمري ۾ سانت رهي. وري هنن مان هڪڙو اٿي آيو ۽ مرزي کي چوڻ لڳو.
”اسين تنهنجو پٽ ته نه ٿا موٽائي سگهون، نڪو هن جي موت تي سگهي ٿي.“ ائين چئي هن پتلون جي هڪ کيسي مان ٻنون ڪڍيو ۽ ڪجهه نوٽ ڳڻي مرزو جي هٿ تي رکيا: ”هي هزار اٿو چاچا، هاڻي توهان جي پٽ جي حياتي ته موٽي نه ٿي اچي سگهي ، پر....“ هن وري ساڳي ڳالهه ورجائيندي چيو.
مرزو ڀيرين ته ننهڪار ڪيو پر جڏهن هنن تمام گهڻو لاچار ڪيو ته سوچ ۾ ٻڏي ويو ۽ پوءِ اوچتو هن هٿ وڌائي نوٽ ڪٽي ورتا. کيس پنهنجو قرض ۽ ساران ياد اچي ويا. هاڻ هو پنهنجي عزت بچائي سگهندو_____ گهڙي کن لاءِ هو سوچ ۾ ٻڏي ويو. هو ڏينوءَ کي وساري ويٺو. ”ڇا غريب کي اوچتا پئسا ائين ئي ملندا آهن! هو جڏهن لاش کڻائي ڳوٺ پهتو ته روڄ لڳو پيو هو. قبر تيار هئي، پر هن جي ڳوڙها خشڪ ٿي ويا هئا. ڏينوءَ مهان قرباني ڏني هئي. شايد هن پنهنجي ڪٽنب جي عزت بچائڻ خاطر ئي جان ڏني هئي.
هو ٽيجهو ڪري، راتو رات ٽپڙ ٻڌي ڳوٺ ڇڏي ويا. مرزي کي خبر هئي، ته رئيس کي تقاوي جو ته بهانو هو.
هن جي من ۾ جيڪا هئي سا هو ضرور ڪري ها. پر جيڪڏهن بنا قرض جي ڀڄن ها، ته وڏيرو مٿو ئي وڃائي ڇڏي ها. جيستائين هڪ غريب هاريءَ وٽ جوان ڌيءَ آهي تيستائين زميندار پنهنجو قرض ضرور اوڳاڙيندو، هن کي اها خبر هئي.
هاريءَ وٽ ته ڌيءَ جمندي رهندي اهو قدرت جو اٽل قانون آهي پر هن ڌرتيءَ تي ڏاڍ سدائين رهندو اهو قدرت جو اٽل قانون ڪونهي. جيڪي ٻه صدين کان غريب جو امير تي وري رهيل قرض آهي ان جو پورو حساب ٿيندو.
هن کي شايد اڃان اها خبر نه هئي.

# سوڪڙي

هو جڏهن گهر پهتو ته سندس منهن تي ڳڻتيءَ جا آثار ظاهر ٿي چڪا هئا. هو گذريل ٻن ڪلاڪن کان سوچ ۾ ٻڏل هو. ونيءَ ڪيس روز وانگر مرڪي آجيان ڪئي ته هو به وراڻي ۾ مرڪيو پر مرڪ سندس چهري تي ڳڻتيءَ جا آثار گهٽ نه ڪري سگهي. سندس ڦڪي مرڪ ونيءَ کي ڏوڪي ڏيئي نه سگهي. ”چو خير ته آهي؟“ هوءَ به ڳڻتي ڪندي پڇي ويئي.
”ها سڀ ٺيڪ آهي“ هن جي چپن تي ساڳي ڦڪي مرڪ آئي. ”زري اڄ ڇا پڪو آهي؟“ هن موضوع بدلائڻ گهريو.
زرينا سمجهي ويئي ته اڄ ڪيس بک ڪانهي. هو ڏهاڙي ڪاليج مان موٽي ڪپڙا مٽائي مانيءَ کي لڳي ويندو هو پر جڏهن ڪيس بک ڪانه هوندي هئي ته ائين ئي پڇندو هو ۽ پوءِ جيڪڏهن ڪو لذيذ طعام هوندو هو ته به ٿي گراهه کائيندو هو نه ته ائين وڃي سمهي پوندو هو.
”معلوم ٿو ٿئي اڄ ڇانهه جا دور گهڻا هليا آهن.. بک مري ويئي اٿو پر اڄ ته مون ڪواب ٺاهيا آهن.“ ونيءَ کي خبر هئي ته رشيد کي ڪواب ڏاڍا وڻندا آهن. پر رشيد ڪوابن جو ٻڌي ڪا خاص دلچسپي نه ڏيکاري.
”تون ماني وڏاء ته آئون ڪپڙا مٽائي وٺان.“
هو جڏهن ماني کائڻ وينو ته گراهه نه ڳيسجيس، سندس بک مري چڪي هئي. سچ پچ ڳڻتي ۽ ڏک اسان کي اڏوهي وانگر کائڻ ٿو لڳي. ماڻهوءَ جي بک ختم ڪري وجهي. هو ڏهين وڳي ڪلاس وٺي، اسٽاف روم ۾ وينو هو ته انور فون تي خوشخبري ٻڌايس. ايندڙ مهيني جي ڏهين تاريخ انور جي شاديءَ جي خبر هن لاءِ به خوشي جي ڳاله هئي ۽ هو سچ ته ڏاڍو خوش ٿيو فون تي ڳالهائڻ کان پوءِ هڪڙو الڪو ڪيس ورائي ويو. انور کي شاديءَ تي سوکڙي ڏيڻي هئي اها ڪهڙي ڏئي، جو انور جي شان وٽان هجي. انور شاهوڪار هو وڏو ماڻهو هو ڪيس سوکڙي به اهڙي ئي ڏيڻ کپي. هن کي پنهنجي شاديءَ جي سار اچي ويئي جڏهن هن کي ڪاليج ۾ اچان ڀهريون سال ئي پورو مس ٿيو هو هن ڏاڍي محنت ۽ ڪنجوسي ڪري ڪنيل قرض لاٿو هو. ۽ هاڻ هن پائي به ڪانه هئي. زرينا جي مائٽن نيٺ ها ڪئي ۽ هن کي ترت شاديءَ جو بندوبست ڪرڻ جو چيو هئائون. ڇاڪاڻ جو زرينا جي ننڍي ڀيڻ جي شادي لاءِ وري انهن جي گهوٽيتن زور ڀريو هو. هو وڏي اصول وارو ۽ خوددار قسمجو ماڻهو هو. جو هن جو ڪنهن وٽ هٿ ڊگهيڙڻ اڻ ٿيڻي هئي. انور ڪانئس پڇيو هو.
”رشيد تون شاديءَ تي ڪهڙي سوکڙي پسند ڪندين؟“
”جيڪا تون پسند ڪندين اهائي منهنجي پسند هوندي
پر دوست هڪڙي ڳاله سار ڪجائين، ته اها منهنجي حيثيت جي هجي. ايتري ڳري نه هجي جنهنجو بار ڄمار پر تڪليف ڏيئي.“ رشيد سڌي ڳاله ڪرڻ وارو ماڻهو هو. هو سوکڙي ۾ هميش؟؟؟؟ انهي اصول جو قائل هو ته سوکڙي ڏيڻ واري کي سوکڙي وٺندڙ جي حيثيت نظر ۾ رکي

سوڪڙي ڏيڻ گهرجي، ڇو جو سوڪڙي به هڪڙي قسم جو قرض آهي، جو وننڊڙ کي ڏک گهٽ اوتري ئي قيمت ۾ حياتيءَ جي ڪنهن بئي درجي تي ادا ڪرڻو پوي ٿو.

”پر يار تون مون تي ڪا شرط نه ٿو وجهي سگهين. اهو منهنجي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ته مان ڪهڙي سوکڙي ڏيان. مان ته توکان نه پڇان ها پر مون کي آمريڪا ويندڙ زرعي ڊيليگيشن ۾ شامل ڪيو آهي مون کي ڊپ آهي ته آئون تنهنجي شادي ۾ به شايد شرڪت نه به ڪري سگهان. مان توکي رڳو اهو چوڻ آيو آهيان ته توکي سوکڙي شادي ٿيڻ کان اڳ ۾ قبول ڪرڻي پوندي“

اها خوشخبري به آهي ته افسوس جي ڳالهه به. تون آمريڪا وڃي رهيو آهين، اها ته خوشي جي ڳالهه آهي ۽ تون منهنجي شادي ۾........ پر يار اڃا منهنجي شادي ڪٿي تي ٿئي!. هن کي پنهنجون حالتون سار اچي ويئون هن کي هاڻ ڏک گهٽ پڪ ٿي ويئي هئي ته سندس شادي ڪانه ٿيندي هو ڪو هڪڙو ئي اميدوار ته ڪونه هو. زرينا جهڙي ڇوڪري لاءِ بيا به گهڻا ۽ هن کان سٺا اميدوار هئا. هن ڳاله جاري رکندي انور کي چيو ”پر پاڻ ته پائرن وانگر آهيون. تون ڇو ٿو ايتري تڪليف ڪرين.“ هن نهناٽي کان ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪئي”۽ ها. تون مونکي ڀاءُ چئي ”به ڀائر ٿيو ليکو“ جي پهاڪي تي عمل ڪرائڻ ٿو گهُرين. بيشڪ آئون تنهنجي ڀاءُ وانگر آهيان. پر ڀاءُ نه آهيان. آئون تنهنجو دوست آهيان، ۽ دوستن جو ڪو حساب ڪتاب نه آهي. دوستن جو حساب دل ۾ ٿيندو آهي. انور ايئن چئي ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ هڪڙو لفافو رشيد کي ڏيئي چوڻ لڳو.

”ڏس ڪيترو نه هلڪو آهي، تون ٻن آڱرين ۾ کڻي سگهين ٿو“

انور لفافو ڇڏي هليو ويو. هُن لفافو کوليو لفافي ۾ پنج هزار رپين جا نوٽ پيل هئا!

هڪ وڳي تائين ڪاليج ۾ هو رهيو انور کي هاڻي هو ڪهڙي سوکڙي ڏئي. انهيءَ سوال جو جواب هن کي ڪٿي به نظر نه ٿي آيو. هن ماني ڪائي بس ڪئي، پر زرينا سان ڪا به ڳالهه نه ٿي. به تي گراهه ڪائي هو ليٽي پيو ۽ پاسا ورائيندي نيٺ کيس ننڊ اچي وئي.

شام جو جڏهن هو اٿيو ته پاڻ کي ڪجهه هلڪو محسوس ڪري رهيو هو پر اڃا پاڻ کي اون کان آجو محسوس نه ٿي ڪيائين. هن باقي رهيل کهيل ڳٽيءَ کي فلحال ختم ڪرڻ ٿي گهريو. زرينا هن جي اڳيان چانهه جو ڪوپ آڻي رکيو ته هن کي زرينا وڏيڪ سهڻي نظر اچڻ لڳي. زرينا کي پاڻ اڻ تڻ هئي ته رشيد جي ڳٽيءَ جو ڪارڻ پڇي، پر سندس مرڪندڙ چهرو ڏسي، هو به گهڙي کن لاءِ ڳٽيون وساري ويٺي".”ها مان توکي اهو ٻڌائڻ ته وساري ويس ته ايندڙ مهيني انور جي شادي ٿي رهي آهي، تاريخ به مقرر ڪري ڇڏي اٿن، ڏهين تاريخ رکي اٿن." هن اهڙي نموني خبر ٻڌائي جڻ ڪا عام خبر هجي..“

"”اڃا مس مس ادا انور به شادي تي راضي ٿيو. مون ته سمجهيو هو ته هتي ڪا ڇوڪري پسند نه ايندس ۽ آمريڪا ۾ ڪا ڦاسائي وجهيس ها ته ٻي ڳالهه آهي.“ زرينا کي خبر هئي ته انور ڪنهن نه ڪنهن مان ڪو نقص ڪڍي ڇوڪري ناپسند ڪري ڇڏيندو هو.

”ها, زري شادي تہ تولاءِ تہ بهترين وجھ آهي. هن تي تہ هار بہ پائي سگهين ٿي.'' رشيد, زرينا کي پنهنجي ڳالھ سار ڏياريندي چيو. هو زرينا کي هميشہ جهليندو هو تہ عام وجهن تي اهو هار نہ پائي, پر هو ڪنهن خاص ڏهاڙي لاءِ رکي ڇڏي. ايترو قيمتي هار رڳو شاديءَ جهڙن ڏينهن تي ئي پائڻ جهڙو آهي ۽ هاڻي اهو وجھ ملي رهيو هو. هن جي ذهن ۾ هڪ پل لاءِ ويچار آيو جيئن اوچتو ڪنوڻ چمڪي”مون توکي ڪڏهن اهو هار پائيندي نہ ڏٺو آهي. “

رشيد جي آواز ۾ پيار جا جذبات هئا..

'''ڇو مون توهان کي پائي تہ ڏيکاريو آهي. شادي کان پوءِ ڪافي ڏينهن تائين جو مان پائيندي هيس.“ زرينا کي اچرج لڳو تہ ڇا رشيد کي ايترو جلدي وسري ويو.

”اوهو اهو تہ جڏهن تون نئين ڪنوار هئين, شادي کان پوءِ پهريان بہ ٽي ڏينهن پاتو هئي پوءِ وري بس.“ رشيد جي اکين ۾ پريت جهلڪي رهي هئي.

”ڇڱو پلا مان جڏهن شاديءَ تي تيار ٿيندس تہ پوءِ ڏسجو تہ ڪيئن ٿي لڳان.“

اهو هار بہ سندس ٻئي دوست مشتاق جي سوکڙي هئي.

هو مشتاق ۽ انور ننڍي هوندي جا دوست هئا. گڏ پڙهيا گڏ گهميا ۽ گڏ ٻي اونيءَ جو دور پورو ڪري عملي جيوت ۾ داخل ٿيا ۽ مشتاق ۽ هو ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيا. هن کي سار آئي تہ ڪيئن انور کيس سوکڙي ڏيئي ويو هو ۽ ڪيئن مشتاق بہ کيس سوکڙي ڏني هئي. مشتاق کي سندس شاديءَ جو ٻڌي ايتري تہ خوشي ٿي هئي جو هو چئي ويٺو ”رشيد مون کي تنهنجي شادي تي ايتري خوشي ٿي رهي آهي جو مون کي پنهنجي شاديءَ ۾ بہ ايتري خوشي ڪانہ ٿي هئي, سچ ٿو چوان.“

مشتاق جي ڳالھ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونہ هو. هنن جيڪي حياتيءَ جا پروگرام ٺاهيا هيا, شادي بہ ماڳ ڏانهن هڪ وک هئي..

مشتاق چيو هوس, ”ها يار تنهنجي شادي جي ڪري اسان کي مڙيئي ڪس لڳي ويندي, “

تون گهبرائي نہ يار , منهنجي تو لاءِ پريت ايتري ئي گهٽبي جيتري وري تو شادي ڪري گهٽائي آهي, ڪيئن حساب تہ برابر ٿيو نہ . رشيد کلي ڏٺو هو. پر اهو ٻڌي ڇڏ پريت جيترو ورهائبي آهي, اوترو ئي وڌندي آهي ۽ ٻنهي گڏجي ٺهڪ ڏنو هو.

”ٻڌ مان توکي سوکڙي ۾ مون وٽ جيڪا سڀ کان قيمتي شيءِ هوندي سا ڏيندس, ۽ توکي اُها وڻي پوندي“

مشتاق زور ڏيندي چيو هو ۽ ٻڌ اها سوکڙي اسان جي دوستيءَ جي محل جو پيڙهائتو پٿر هوندو جي تو منهنجي سوکڙي موٽائي تہ محل ڪري پوندو. مشتاق رشيد کي ڌمڪي ڏني هئي.

هن کي ٻي ڪا واھ بہ ڪانہ هئي, هن اها سوکڙي قبول ڪري ورتي هئي. مشتاق هڪ غريب ماڻهو هو پر هن نهايت قيمتي سوکڙي ڏني هئي اهو قيمتي هار هو. مشتاق اڄ ڪلھ انگلينڊ ۾ پي. ايڇ. ڊي ؟؟؟ رهيو هو.انور جي شاديءَ ۾ هڪ ڏينهن وجي بچيو هيو رشيد کي هوئڻ سوکڙي جو تہ ڪو الڪو ڪونہ هو پر هڪڙو احساس سندس ذهن کي ڇهندڙيون پائي رهيو هو. ڪالھ بہ چانڊوڪي

رات هئي اڄ بہ چانڊوڪي رات ٿيندي اوڏي مهل سانجهيءَ جي مهل چانڊوڪي رات جو ويچار ايندئي هن زرينا کي سڏ ڪيو زرينا رڌڻي ۾ ڇانهه ڻاهي رهي هئي.

زرينا ڇانهه ڻاهي ڪٿي آئي؟؟؟؟

”ٻڌ اڄ چانڊوڪي رات اٿئي، هل تہ گهمڻ هلون.“

رشيد جهٽڪ زرينا جي دل جي ڳالهه ڪئي، دريا جو سير ڪريون ۽ بوٽنگ ڪريون“

اُها چانڊوڪيءَ رات ۾ بوٽنگ. ڏاڍو مزو ايندو.““

زرينا ٻارن وانگر ڇهڪڻ لڳي.

”ها پر توکي هڪڙي ڳالهه مٺي پوندي، توکي جيڪو انور جي شاديءَ ۾ هار پاتڻو آهي، مان ڏسڻ ٿو گهران تہ تون انهيءَ ۾ ڪيئن ٿي لڳين.“

”اهو مان جڏهن شاديءَ جي ڏينهن پائيندس تڏهن ڏسي ونجو.“ زرينا جي لهجي ۾ اچرج ظاهر هو.

”نہ ، تون ڪپڙا ۽ زيور پائي هڪدم هلي ويندينءَ ۽ وري رات جو موٽي اچي بدلائي ڇڏيندينءَ ، مان ايتري ٿوري دير لاءِ توکي ڏسڻ نہ ٿو گهران. مان اڳ ۾ ئي توکي دل پري ڏسڻ ٿو گهران.“ رشيد جي لهجي ۾ التجا هئي. جهٽڪ هن جي زرينا سان گڏ آخري رات هجي. زرينا تاري نہ سگهي.

جڏهن هوءَ ساڙهي پائي ڊريسنگ ٽيبل جي اڳيان اچي ويٺي، ۽ آخري پيرو ميڪ اپ ٽيڪ ڪرڻ لڳي تہ رشيد ڪيس مان هار ڪڍيو. سونو هار جنهن ۾ گهاٽا سائي رنگ جا نگ لڳل هئا. بجلي جي روشني۾ اهي ڀهڪڻ لڳا. رشيد زرينا جي پويان اچي بيٺو هار هٿ ۾ جهلي اڳيان وڏي زرينا جي ڳچي ۾ هار وجهي هُڪ لڳايو. رشيد هُڪ لڳائي آرسي ۾ نهاريو. زرينا سان سندس نظرون مليون، هن زرينا جي ڪلهن تي هٿ رکيا، ڪجهه دير لاءِ هو ٻئي هڪ هنڌ ڄمي ويا. آرسي سندس تصوير ٻڌجي چڪي هئي. شايد هو ٻئي پنهنجن پنهنجن ويچارن ۾ الائي ڪٿي ڪان ڪٿي پهچ چڪا هئا. رشيد هن دنيا ۾ موٽي آيو ۽ هلڪو چرڪ پري هٿ هٽايائين. زرينا اٿي بيٺي. زرينا کي ڪو بہ اچرج نہ ٿيو هن کي رشيد جي خبر هئي تہ هو ڪيترو جذباتي آهي.

”توهان کي هار انهيءَ ڪري تہ نہ ٿو وڻي جو ان ۾ ساوا نگ لڳل آهن؟“ زرينا مرڪي رشيد ڏانهن نهاريو ۽ رشيد بہ جواب ۾ مرڪي ڏنو.

جڏهن هو دريا تي پهتا تہ چوڀاسي چانڊوڪي ڦهليل هئي هو ٻيڙي ۾ سانت ويٺا رهيا. خبر ناهي ڪيتري دير تائين ٻيڙي ۾ گهمندا رهيا. رشيد بہ گهاٽي نيري رنگ جي سوٽ ۾ سهڻو لڳي رهيو هو. اهو زرينا جو من گهريو رنگ هو ٻيڙي واپس ڪناري تي هلڻ لڳي. ٻيڙي مانٺي رفتار ۾ هلندي جڏهن ڪناري تي لڳندي هلڪو جهٽڪو ڏنو تہ هنن جي خوابن جو سلسلو ٽٽي پيو. رشيد هٿ ڏئي زرينا کي لاٿو. هو جڏهن مٿين ڪئنال جي پل تي اچي پهتا تہ سامهون درياءُ چانڊوڪيءَ ۾ چمڪي رهيو هو.

”زري توکي هي هار پسند آهي.“ رشيد يڪدم سوال پڇيو.

تمام گهڻو؟ عورت کي زيورن سان لڳاءُ هوندو ئي آهي. اوهان کي بہ پسند آهي؟“

”ها مون کي وڻي ٿو جيڪڏهن تنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل هجي!“

”پوءِ تہ ان کي روز روز پائيندس.“
”جيڪڏھن ھي ھار وڃائجي وڃي تہ؟“
”مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو“
”قيمتي آھي انھيءَ ڪري“
”نہ ان ڪري جو توکي پسند آھي“
رشيد زرينا کي ھار پاتل جيتري گھڻي دير تائين ڏسي سگھي، ڏسڻ تي گھريو. ھن زرينا ڏانھن نھاريو. ھار چانڊوڪي رات ۾ تارن وانگر ڀھڪي رھيو ھو. چانڊوڪي رات ۾ تارا لڪي ويندا آھن. پر زرينا جي ڇھري جي چنڊ اڳيان تارن ۾ وڌيڪ روشني نظر اچي رھي ھئي. چند کان وڌيڪ چمڪندڙ چنڊ ۽ تارن کان وڌيڪ روشن تارا.
ھن زرينا ڏانھن وري نھاريو. ”زري سياڻي کان ھار نہ پائجائين مون کي نہ ٿو وڻي.“ زرينا، رشيد جي ايتري بدليل ڳالھ تي اچرج سان تڪڻ لڳي.
”جيڪڏھن اوھان کي ھار نہ ٿو وڻي تہ مان عمر ڀر نہ پائيندس.“
”زرينا اسان وٽ سيني کان قيمتي شيءِ ڪھڙي آھي؟“
”پريت“ زرينا مڙس جي عجيب ۽ چرڪائيندڙ سوالن تي اچرج ۾ پئجي وئي
”پريت کان سواءِ منھنجو مطلب آھي شين ۾.“
”اسان وٽ تہ ھي ھڪ ھار ئي آھي.“
”تہ پوءِ آئون انور کي سندس شاديءَ تي پنھنجي سڀ کان قيمتي شيءِ جي سوکڙي ڏيڻ گھران ٿو.“ رشيد ڪنڌ ڦيرائي دريا ڏانھن نھارڻ لڳو. ھن ۾ زرينا سا اکيون ملائڻ جي ھمت ڪانہ ھئي.
”منھنجو بہ اھوئي ويچار آھي.“ زرينا جي وراڻي ھو.
رشيد پنھنجي ھٿ ۾ زرينا جي ٿڌاڻ محسوس ڪئي. ھو ھٿ ھٿ ۾ ڏيئي ھلڻ لڳا.
ٻئي ڏينھن شاديءَ کان پوءِ انور وٽ سوکڙين جو ڍڳ لڳو پيو ھو. سوکڙيون ڏسندي ھن ھڪ پئڪيٽ کوليو ان مان ھڪ سھڻو ڪيس نڪتو. ڪيس کوليندئي انور اچرج سان تڪڻ لڳو. ڪيس ۾ سونو نگن پريو ھار جرڪي رھيو ھو. اندر ڪارڊ تي لکيل ھيو ”رشيد ۽ زرينا وٽان پيار لاءِ.“
انور جي اچرج جو ڪارڻ اھڙي قيمتي ھار جھڙي سوکڙي رشيد وٽان اچڻ جي ڪري نہ ھو. سندس اچرج جو ڪارڻ ھو تہ اھو ساڳيو ھار، جيڪو ھن پاڻ مشتاق کي شاديءَ ۾ ڏنو ھو. ھن اھو ھار بہ انھن ڏينھن ۾ بہ ڏھ ھزار رپين ۾ خريد ڪيو ھو. مشتاق کي ڏنل سندس ھار جي اھا سوکڙي ايئن دوستن وٽان ڦري واپس ملندي ان جو ڪيس گمان بہ نہ ھو. ھونئن بہ ڪو غريب ڪا سوکڙي گھڻي دير تائين پاڻ وٽ سنڀالي رکي نہ ٿو سگھي ڇو تہ يا تہ اھا وڪڻڻي پوندي آھي يا وري سوکڙي ڪري ٻئي ھنڌ ڏيڻي پوندي آھي، مشتاق ۽ رشيد وري بہ ڀاڳوند ھئا ھو سوکڙي وڪڻڻ جي لاچاريءَ کان بچي ويا.

# گناهه جو ڏک

اوڏي مهل وڏيري سان گڏ تي ڄڻا ٻيا بہ ويٺا هئا.
وڏيرو کين پنهنجا قصا ٻڌائي رهيو هو.
”پئرس جي ڳهڙي ٿا ڳالھ پڇو. پئرس ڇا سڄو يورپ سهڻن جو ملڪ آهي ، ڇا سونهن آهي، سونهري وار، نيريون اکيون ۽ کير جهڙي اڇي چمڙي، آئون تہ ڀرين ڀرين سندن سرير کي هٿ لائيندي ڊڄندو هوس تہ ڪٿي ميرو نہ ٿي پوي،“ وڏيري ڳالھ ڪندي کلي ڏنو.
سائين هي پئرس ڪٿي آهي؟ ويٺلن مان هڪڙي پڇيو.
”يورپ ۾ ٻيو ڪٿي.“ وڏيري پنهنجي ڄاڻ جي ڏاڪ ويهاريندي چيو.
”۽ پلا اهو يورپ ڪٿي آهي؟ ساڳي ماڻهوءَ وري سوال پڇيو.
وڏيري کي ڀرين تہ ڏاڍي چڙ لڳي، پر پوءِ درگذر ڪندي جواب ڏنو ”بابا هي سڀ ملڪ ۽ شهر ولايت ۾ آهن.“ ولايت جو ٻول ٻڌي انهيءَ ماڻهو ايئن ڪنڌ ڌوڻيو ڄڻ سڀ ڪا خبر پئجي ويس. وڏيري پنهنجي ڳالھ کي جاري رکندي چيو. ”باقي پنهنجي ملڪ جون زائفائون ڪاريون ڪوجهيون ۽ وري اهڙيون ميريون ۽ گدليون جو کين ڏسڻ بہ دل کي نہ وڻي، هاء يورپ. وڏيري ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو تہ ڳالهين ڪندي قادر بخش اڳيان اچي ماٺ ڪري بيهي رهيو. وڏيري جي ڪمدار تي نظر پئي تہ ڳالھ اڌ ۾ ڇڏي ڏني، ڇو قادو وڏيري پڇيس.
”سائين هي تقاوي ڀيا گهرن،“ قادر بخش هٿ سان سڌير، سورج ۽ درگي ڏانهن اشارو ڪندي چيو. انهن ٽنهي ڪولهين پنجاھ پنجاھ رپيا گهريا هئا، ”سائين مون گهڻو ئي چيو مان
تہ اچا نہ ، پر مڃين ئي نہ ٿا، قادربخش بيزاريءَ واري لهجي ۾ چيو. وڏيري، ڪولهين تي نظر وڌي ڪولهين ڪٽي هٿ جوڙيا. ”سائين گلام آهيون، ڏياري اچي مٿان پئي آهي، نہ تہ ڪين گهرون ها.“ سڌير هٿ ٻڌندي عرض ڪيو. سڌير ٽنهي ۾ وڏو هو. ڀرين تہ وڏيري کي ڪاوڙ آئي، پر پوءِ الائي ڪهڙو ويچار آيس، ڪمدار کي چيائين، ”قادو ڏين پنجويھ پنجويھ رپيا اچا ڪمايو ئي ڪونہ تہ تقاوي مٿان تقاوي لڳائي ڏني اٿو“.
هاڻي سورج اڳتي وڌي آيو نہ سائين پنجاھ ڪري ڏيو، پنجويهن ۾ ڪم نہ هلندو.“ سيني کي خبر هئي تہ وڏيرو سورج جي ڳالھ نہ موٽائيندو.
”توهان ايئن ڪونہ مڃندو، قادو پنجاھ ڪري ڏين، وڏيري سورج جي ڳالھ مڃيندي اهڙي نموني سان چيو، جيئن ٻيا ايئن نہ سمجهن تہ ڪو هن سورج جي ڪا ڳالھ مڃي. وڏيري ڳالھ ڪندي پنهنجي دوستن ڏانهن رخ ڦيرايو ”ها آئون ڇا چئي رهيو هوس؟“ وري پاڻ ڳالھ ڪندي چوڻ لڳو، ”ها ها مون پئرس جي ڳالھ پئي ڪئي.“
وڏيرو خير محمد پنهنجي ڏر جو وڏو زميندار هو. هزارين ايڪڙن ۾ زمين پکڙيل هئس. پر تنهن کان سواءِ وڏيڪ رعب داٻ انهيءَ ڪري هوس، جو هو پنهنجي قوم جو سردار هو. سندس برادريءَ جا

ڳوٺ چئني پاسي پکڙيل هئا سندس سڄي علائقي تي پورو ضابطو هو. سندس موڪل کان سواءِ پن بہ چري نہ سگهندو هو. سندس زمينن تي ٿيندڙ هر جهيڙي جو نبيرو پاڻ ڪندو هو. پوليس بہ سندس مدد کان سواءِ سڦل تي نہ سگهندي هئي. ماڻهن سان سندس ايترو تہ رعب هو جو ڪنهن کي مجال نہ هئي جو ڦڙڪ بہ ٻاهر ڪڍي سگهي. سڀ سندس نبيرو اکين تي قبول ڪندا هئا. سندس حڪم پٿر تي ليڪ هوندو هو. هر ٻئي تي ڏينهن ڪونہ ڪو جهيڙو پيو نبيريندو هو. سندس اوطاق باغ ۾ هئي، هڪڙي پاسي انبن جي شاهي وڻن جون قطارون لڳيون پيون هيون، تہ ٻئي پاسي وري زيتون ۽ ڪيلا جهومر ڪيو بيٺا هئا. اوطاق جو اڱڻ تمام گهڻو وڏو هو جنهن ۾ ڇپر لڳل هئي ۽ ڇپر جي چوڌاري گلن ۽ ٻوٽن جون ڪونڊيون رکيل. سندس حويلي سڄ پنڌ تي ڳوٺ ۾ هئي. حويلي ۾ اوطاق ئي سڄي تڪر ۾ پڪسريون جايون هيون، هارين جا گهر ڪچا ڪهيل هئا. ۽ ڪي تہ رڳو منهن هئا. جتي ماڻهو ۽ جانور گڏ رهندا هئا. پاڻ حويلي تي رڳو رات جو ويندو هو گهڻو ڪري سڄو ڏينهن اوطاق ۾ گذاريندو هو جتان ٻنيءَ جي سار سنڀال لهڻ ويندو هو ۽ ٻنپهرن جو ننڊ ڪري وري شام جو چڪر تي نڪري ويندو هو. آل اولاد وارو هو ٽن پٽن جو پيءُ هو. وڏي پٽ جي گذريل سال ئي شادي ڪرائي هئائين. بدن جو متارو ۽ قد جو ڊگهو هو پر پنڌ نہ ڪرڻ ڪري ۽ سٽپ وارن کاڌن جي ڪري سندس پيٽ ڪافي نڪري آيو هو. جڏهن کان ڳوٺ کان شهر تائين پڪو رستو ٺهيو هو، پهرين تہ پنهنجن ئي هارين کان ڀاڄيون ڪرايائين، پر هو ڪٽڪ ، ڦٽي تي هريل ڀاڄين تي ڪمائي نہ سگهيا ، وڏيري پاڻ ڪي بہ ڀاڄين جو تجربو ڪونہ هو. هن کي خبر هئي تہ ڀاڄين ۾ ڪولهين جو ڪو مٽ ڪونهي، سو ڪولهين جي ڳولا ڪرايائين، اهو ڪم قادر بخش جو هو. پوءِ قادر بخش الائي ڪٿان ڪولهين کي آسرا ڏئي اچي وڏيري جي زمين تي پهتو. چوڏهن پندرهن ڪڪائون جهوپڙيون اڏجي ويون، لوڙهو اچي ويو ۽ اوطاق جي پرسان ئي سڄ پنڌ تي ڪولهين جو ڳوٺ ٻڌجي ويو. ڪولهي، محنتي هاري، ڀاڄين ۽ گاهہ ڪرڻ ۾ تاڪ، وڏيري جون ڀاڄيون ۽ گاهہ پلا ٿيندا ويا.

هاڻي روز ٽريڪٽر جو ٽريلر ڀرجي شهر پهچندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ مال ايترو تہ گهڻو لهندو هو جو ٻہ ٽي ڊگهي گاڏيون بہ ٽرئڪٽر سان ويندڙيون هيون. وڏيري جو سيني ڪولهين مان سورج تي راڄ هو ۽ هو سورج جي گهڻو ڪري هر ڳالهہ مڃيندو هو. انهيءَ جو اهو ڪارڻ ڪونہ هو تہ هو سيني کان محنتي يا ڀڙ هاري هو پر سورج جي سهٽي وني هئي. ڪولهي هئا تہ ڪارا ڪوجها پر جيٺا تہ سيني ۾ اهڙي هئي جهڙو ڪارن ڪڪرن مان ليئو پائيندڙ چنڊ. جڏهن ڪولهين اچي پنهنجيون جهوپڙيون وڏيون تڏهن سڀ کان پهرين وڏيري قادر بخش کان پڇيو.

”ڪيئن قادر، آهن ڪي منجهن داڻا؟“

قادر بخش بہ ائين ئي وراڻي ڏني جڻ هن ڪولهين جي ڳولا ۾ خاص ڌيان رکيو هو ”سائين اوهان جو ٻانهو آهيان ڏسي واسي ماڻهو آندا اٿم، ڪجهو ڪم تہ اوهان جو ڪريان ڪونہ “

”پر تڏهن بہ؟“ وڏيري تفصيل ڄاڻڻ گهري.

”بہ ٽي داڻا تہ خاشا آهن پر هڪ جو تہ جواب ئي ڪونهي. جيٺا نالو اٿس سورج جي وني آهي.“

ٽنهي ڪولهين کي وڏيري وٽان وئي ڪلاڪ ڪان مٿي ٿي ويو هو. رات ٿي چڪي هئي. قادر بخش ڪولهين جي جهوپڙين وٽ پهچي سڏ ڪرڻ لڳو.

”درگا... درگا... آهي ڪو؟“

ٿوري دير ۾ درگو ليلو پريو ۽ سورج نڪري آيا..

ڪمدار کين سمجهائڻ لڳو ”اڄ ٽريڪٽر سان پريو درگو ۽ سورج ويندا. گاڏين سان پيلو ڪيسرو ۽ سڌير ويندا. رات جو ساڳي وقت تي نڪرنداسون.“

پوءِ جڏهن ٽريڪٽر ۽ گاڏيون شهر روانيون ٿيون ته قادر بخش سورج کي سمجهائڻ لڳو ”جڏهن ڪجھ گهرجئي ته ٻين کي ساڻ نه وٺي ايندو ڪر. رئيس تنهنجي ڪم مان خوش آهي. جڏهين به ڪجھ کپئي ته سڌو هليو ويندو ڪرينس ،

پر اڪيلو.... پورڙي سورج کي وڌيڪ ڪجھ سمجھ ۾ نه آيو هو. خوش ٿي ويو. ٽئين چوٿين ڏينهن سورج جو شهر وڃڻ لاءِ وارو پيو ايندو هو. ڪولهين جو پهريون فصل هو.

هو سڀ جڏهن پهرين آيا هئا ته اچڻ سان ٻنين کي لڳي ويا هئا. سندن ونيون به پنهنجن مڙسن سان ڪم ڪرڻ لڳيون، پر تڏهين به جڏهن وقت ملين ته ڇڄ ڪارا ۽ ٽوڪريون ٺاهيندي گذارين. وڏيرو سيني ڪولهين سان اهڙو ته سٺي طرح پيش آيو جو هو سيئي وڏيري جا ڳڻ ڳائڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن سڌير سيني کي چيو. ”اسان کي آئي چڱا ڏينهن ٿي ويا آهن ، وڃو ۽ حويليءَ تي ڇڄ ٻڄ ڏئي به اچو ۽ اندر ملي به اچو“ لڇمي، جيٺا، لڪي، گنگا سيني پنهنجا پنهنجا ٺاهيل ڇڄ، ٽوڪريون ۽ وڃڻا پاڻ سان کنيا ۽ حويليءَ تي پهتيون. حويلي ڇا هئي هڪ ڪوٽ هو. ٻاهران به ماٺهنئي پٽ ڏنل هئي، پر اندر ته محل لڳو پيو هو. شاهي اڱڻ، وڏا وڏا ڪمرا، درن ۽ درين تي شيشا لڳل، سيني جون اکيون چرخ ٿي ويون.

”ڪيڏو نه شاهي گهر آهي، اسان جهڙا ته هزار ماڻهو رهي وڃن!. لڪي اچرج ڪائيندي چيو حويلي ۾ اندر پهچي وڏيرياڻيءَ ۽ ٻين ياتين کي ڪيڪاريائون. وڏيرو به اوڏي مهل حويلي ۾ هو. هو وڏي ڪمري ۾ پينگهو لڏي رهيو هو. ڪولهياڻين کي ڏسي سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي. سيني کي هڪ نظر مان ڪڍي ويو. سندس نظر وڃي جيٺا تي کتي.

”سائين بسملايون“ لڪي جي آواز تي وڏيري ڪنڌ ڦيرايو. لڪي سيني ۾ وڏي هئي

”مائي سڀ خوش آهيو؟“ وڏيري پڇين.

”سائين اوهان جي راڄ ۾ وينا آهيون، اوهان جا ٻچا آهيون مڙيئي ديا ڪپي... ڪجھ ڇڄ ڪارا ٺاهيا هئاسون، سو چيوسون مڙيئي سائينجن جي حويلي تي ڏيئي اچون.“ لڪي پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌائيندي چيو. وڏيري جي نظر وڃي ڪولهياڻين جي آنڌل مال تي پئي.

”مائي ڪم نه سنو ڪري جاڻو“ وڏيري واکاڻ ڪندي چيو. لڪي ساراھ ٻڌي سيني جا نالا وٺڻ شروع ڪيا، ”ڪارا منهنجا نهيل آهن آئون سڌير جي ونِي آهيان، لڇمي جا ڇڄ نهيل اٿو“ لڇمي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، ”لڇمي پريو جي گهرواري اٿو ۽ هي جيٺا سورج جي“

جيٺا پنهنجو نالو ٻڌندي لڄ کان ڪنڌ هيٺ ڪيو.

وڏيري ٻٽون ڪڍيو ۽ ڏهين جو نوٽ ڪڍي لڪيءَ ڏانهن هٿ وڌايو.
”هي ڇا سائين!“ لڪي ڪيٻائيندي چيو.
وڏيري ڪنڌ کي ٻه ٽي لوڏا ڏيندي چيو. ”مائي وٺ، مڙيئي خير آهي. اهي اوهان سڀني لاءِ آهن.“
جيٺا وڏيري جي عاليشان حويليءَ کي ڏسي حيران ٿي رهي هئي. ايڏا وڏا ڪمرا جو هر هڪ منجھ پنج ڇهه جھوپڙيون سمائجي وڃن. هڪ نه ٽي ٽي پينگھا هئا ۽ وٽن وڏا پينگھا ته ٿهيو پر ٻارن لاءِ ننڍا پينگھا به ڪونه هئا. هتي منجين ۽ کٽن جو ته حساب ئي ڪونه هو. ڪھڙو نه آرام سان سمهندا هوندا ۽ هوءَ ته پٽ تي سمهندي سمهندي وڏي ٿي هئي ۽ وهاڻ ڪانپوءِ ئي کٽ تي سمهڻ ياڳ ٿيس. هتي فرش تي فرنسيون ۽ غاليچا وڇايل هئا ۽ سندن جھوپڙين ۾ تڏي ڪانسواءِ ڪي به ڪين هو. تڏو به سندن ئي هٿن جو ناهيل هو. هتي جارن ۾ سھڻا چيني ۽ ڪاشيءَ جا ٿانوَ رکيل هئا ۽ وٽن جارائي ڪونه هئا! جيٺا سوچڻ لڳي: هو هاڻي موتي ويندي ته ٿانو ايئن ئي پيتيءَ تي ناهي رکندي. پر پوءِ ويچار آيس ته ٿانو ايئن ناهي سينگاري رکندي ته پوءِ هو ڪائيندا ڇا ۾؟ هو پنهنجي بيوقوفيءَ تي من ئي من ۾ کلڻ لڳي. ڇت ۾ بجليءَ جو پکو ۽ بلب لڳل هئا ۽ جڏهن مشن هلائي ويندي هوندي ته بلب به ٻري پوندا هوندا ۽ پکو هاڻ لڳندو هوندو. هن سوچيو ته هن پاڻ ڪئي ڀيرا مشن هلڻ جو گوڙ ٻڌو هو. جھڙو هوائي جھاز. هن کي سورج ٻڌايو هو ته جڏهن مشن هلي ٿي ته ان ۾ بجلي ٿي ٺهي نه ته هن به مڙسس کي چيو هو ”ٿوري تون ٿوري تون به وٺي اچ ته پونگيءَ ۾ ٻاريون.“ اها ڳالھ ٻڌي سورج کان ٺهڪ نڪري ويو هو ۽ چيو هئائين، ”چري بجلي گاسليٽ وانگر ڪينهي جو ايئن وٺي اچجي. بجلي تارن مان ايندي آهي، پھرين تارون هيستائين آڻبيون پوءِ انهن مان بجلي ايندي.“ اها ڳالھ سوچيندي هن جي چپن تي مرڪ اچي وئي. هن جون نظرون حويليءَ جي چوڌاري ڦرڻ لڳيون. هو دل ئي دل ۾ وڏيري جي شان ۽ شوڪت کان مرعوب ٿيندي رهي. ڪھڙو نه ياڳ وارو آهي، پڳوان ڪيس ڇاڇا نه ڏنو آهي ۽ ڪين جڳهين ۾ ڏوڙ ڪان سواءِ ڪجھ به نه . ٻنيءَ ۾ ڪمائين به هو. ڏينهن رات پگهر به هو وهائين ۽ وڏيرو رڳو گھوڙي تي سير ڪري ۽ گھر ويني پئسا ميڙي. هن جو ذهن انهيءَ کان وڌيڪ ڪجھ نه سوچي سگھيو. هن جي نظر وچي وڏيرياڻي تي پيئي جيڪا پريان کٽ تي ويٺي هئي، جھڙي راڻي، نڪو ڪم نه ڪار، ٻانهيون ڪم ڪار کي لڳيون پيون آهن، پاڻ ويٺي حڪم هلائي. هن سوچيو ته جي هوءَ پاڻ کي وڏيرياڻي هجي ها ته! هن گھڙيءَ ڪن لاءِ پاڻ کي وڏيرياڻي محسوس ڪيو. انهيءَ احساس ايندي ئي هن وڏيري ڏانهن نهاريو ته سورج ياد اچي ويس. هو سورج کي سامهون اوچن ڪپڙن سان پينگھي ۾ لڏندي ڏسندي رهي .
”ڇگو بيبي هاڻي موڪلائيون ٿيون.“ لڪي جي آواز هن جي ويچارن جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو. جڏهن سيئي پنهنجي گھرن ڏانهن روانو ٿيون ته هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪنديون ويون، پر جيٺا ماٺ ۾ هئي، هوءَ اڃا حويليءَ جي اندر هئي پنهنجن پورن ۾!! بس ايئن وڏيري پھريون پيرو جيٺا جي جھلڪ ڏٺي.
هوڏانهن ڪولهين زمينون ناهي پوريون ڪيون ته ٽماٽن، مرچن ۽ مٽرن جا سلا زمين جي ٻٽ مان جھاتي پائي آڪاش ڏانهن نهارڻ لڳا هئا. وڏيرو ٽئين چوٿين ڏينهن هن پاسي به زمين

گهمڻ ايندو هيو. سندس زمين، وڏيري لاءِ پنڌ گهمڻ کان زور هئي، انهيءَ ڪري گهوڙي تي چڙهي زمين گهمندو هو.
جڏهن بہ ڪيس ڪولهين واري ٽڪر ۾ عورتون ڪم ڪندي نظر اينديون هيون، گهوڙي جي واڳ اوڏانهن موڙي ڇڏيندو هو. پر هن کي جيٽا ڪڏهن اڪيلي نظر نہ آئي،
ساڻس گڏ ٻيون بہ هونديون هيون، پر تڏهن بہ انهيءَ پاسي چڪر هڻڻ فرض سمجهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ کهرو ڳالهائيندو هو تہ هو ويچاريون هيسجي ويندريون هيون ۽ وڏيرو جڏهن موٽندو هو تہ جيٽا کيس گهوڙي تي ويندي ڏسندي رهندي هئي، تيسين ڪہ هو نظرن مان اوجهل نہ ٿي وڃي.
جيٽا وڏيري جي رعب داب کان ڏاڍي متاثر ٿيل هئي. پاڻ رڳو لنگهيو وڃي، تہ هاري ڏڪيو وڃن.
دڙڪو ڏئي تہ هارين جو اڌ ساهہ نڪريو وڃي، تڏهن بہ سڀ هاري سندس اشاري تي جان ڏيڻ لاءِ تيار. اسين هاري ڏينهن رات هڪ ڪري ڏيون تہ پئسا وريو گهر ويني وڏيري کي ملن.پاڻ نڪو کوڏر کڻي نہ ڪمائي، نڪو ڪاڙهي تتي ۾ نڪري، نڪو تہ سياري ۾ زمين جو مالڪ جو ٿيو.
سڀ ڌڻيءَ جون مهربانيون آهن. باقي اسان کي تہ مانيءَ جو ٽڪر بہ مس ملي. هو ايئن سوچيندي رهي.
جيئن ڏينهن گذرندا رهيا ، تيئن وڏيري جي اڃ تڃ وڌندي رهي. قادر بخش تي باهہ ٻاري ڏنائين،
”قادر وارو ڪر. اجا بہ ڏينهن لڳندئي ڇا؟“
”سائين ٿورو وقت لڳندو. داڻو وڏو اٿم ڪوڙڪي تيار آهي. بس پڪي اهو داڻو ڇڳيو تہ پوءِ سڌو ڪوڙڪي ۾.“ قادر وجهہ جي ڳولا ۾ رهڻ لڳو.
هڪ ڏينهن جيٽا پاٽي ڀري موٽي رهي هئي تہ قادر بخش جي جيٽا تي نظر پوندي ئي سندس هٿ ڀراڻ جي ڪيسي ۾ هليو ويو. اها وٿ اتي موجود هئي. اصل ۾ قادر بخش اها وٿ اها وٿ پاڻ سان گڏ ڪنيو پيو هلندو هو متان ڪٿي لوڙنہ پئجي وڃي. جيٽا اڪيلي هئي ۽ قادر بخش لاءِ هي سونو وجهہ هو. هو اچي جيٽا کي منهن ۾ گڏيو. جيٽا جو ڪنڌ هيٺ هو. قادر بخش دير نہ ڪئي..
”اسين مري ويندا سين جي اسان جي سار نہ لڌئي.“
قادر بخش ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو ۽ جيٽا لچ کان ڳاڙهي ٿي وئي، پر پوءِ سندس منهن تي ڪاوڙ جا تاثرات اچي ويا.
ڀرين تہ ويچار آيس تہ مٿ پاٽي سوڌو قادر بخش کي هڻي ڪڍي، پر ڪٿي هو غريب، ۽ ڪٿي وڏيري جو ڪمدار. ۽ وري سوچڻ لڳي تہ متان سندس مڙس آهيءَ ۾ نہ اچي وڃي.
هن قادر بخش کي ڪا وراڻي نہ ڏني ۽ چپ چاپ هلڻ لڳي. هن جي سانت قادر بخش کي همٿايو ۽ هو وڏي ٻنهہ جيٽا جي ويجهو اچي پهتو. ڪيسي مان بہ چانديءَ جا ڪڙا ڪڍي هن جيٽا ڏانهن وڌايا، پر جيٽا ڏنا اڻ ڏنا ڪري ڇڏيا.
”سوڪڙي ٿئي اسان غريبن جي. اها نہ موٽائجانءِ نہ تہ دل ٽٽي پوندي،“ قادر بخش هاڻي آزي نيزاري ڪرڻ لڳو.
پر جيٽا ڊڄي وئي.

مونکي تنگ نہ ڪر، منهنجو مڙس مونکي ماري وجهندو.“ جيٺا هراسجي چوڻ لڳي.
سورج کي چئجائين تہ ڇج وڪٽي وڪٽي پئسا جمع ڪري مائي بختاور کان گهرايا اٿم.“ مائي بختاور ڳوٺ وارن کان پئسا وٺي شهر مان وکر سکر آڻيندي هئي. پر جيٺا قادر بخش جي انهيءَ هدايت کي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.
سامهون ڪولهين جا گهر هئا. وقت ٿورو هو قادر بخش هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ڪٿي بہ ڪو ماڻهو ڇيٽو نظر نہ ٿي آيو. هن هڪدم ڪڙن کي ڪٽي مَٽ ۾ وڌو. ”ڳڙپ“ جو آواز آيو ۽ ڪڙا وڃي مٽ جي تري ۾ پيا ۽ قادر بخش تڪڙا تڪڙا پويان پير ڪيا.
ٻئي ڏينهن قادر بخش کي ڏاڍي آنڌ مانڌ هئي تہ ڪيئن بہ ڪري جيٺا کي ڏسي. هو بهانو ڪري سورج جي جهوپڙي ڏانهن ويو. جڏهن اتي پهتو تہ جيٺا اوڏي مهل ماني ٿڦي دانگيءَ تي وجهي رهي هئي. سندس ٻانهہ ۾ پيل چانديءَ جا ڪڙا اُس ۾ جرڪي رهيا هيا. قادر بخش جي اکين ۾ سڦلتا جي چمڪ اچي وئي. جيٺا ۽ قادر بخش جون نظرون چار ٿيون، ٻنهي مرڪي ڏنو. پڪيءَ داڻو چڳي ورتو هيو.
انهيءَ ڏينهن ڪانپوءِ ٻي رات سورج جو ٽرئڪٽر سان وڃڻ جو وارو هو. قادر بخش اهو وقت بيچينيءَ سان ڪاٽيو.
هن وڏيري کي پنهنجي مهم جي سڦلتا جي خبر نہ ٻڌائي.
هن جو پنهنجو بہ مطلب هو هن جي پنهنجي لالچ هئي. هو ڪو مفت ۾ وڏيري تائين جيٺا کي پهچائي نہ رهيو هو.
وڏيرو تہ اڳيئي اوبر پي رهيو هو ۽ جي هن بہ ڪٽي چڪي پيتي تہ ڇا ٿي پيو. پر جي وڏيري کي خبر پئجي وڃي ها تہ بر ٿي وڃي ها. نيٺ رات آئي ٽريڪٽر ساڻ سورج ۽ ٻيا ڳڏجي شهر ويا. اها رات ڏاڍي اونداهي هئي، سيءُ رات جي سانت ۾ اجا بہ واڌ ڪري رهيو هو. قادر بخش رات جي اونداهہ ۽ سانت جي ڇپر ۾ سورج جي جهوپڙي ۾ ويو.
ان مهل تي ٽيڙو تارا اوير ۾ هيا ۽ جڏهن هو جهوپڙي کان ٻاهر نڪتو تہ ٽيڙو اولهہ طرف لڙي چڪا هئا. پکي ڪوڙڪي ۾ ڦاسي چڪو هو.
ڦاٿل پکيءَ کي هڪڙي هنڌان ڪٽي ٻي هنڌ رکڻ ڏکي ڳالهہ نہ هئي. پکي جهوپڙي مان محل پهچي ويو. جڏهن جيٺا اوطاق ۾ پهتي تہ وڏيري کي ڏسي ڪڇي بہ نہ سگهي.
وڏيري کي رڳو وڻ کي هٽ لائڻ جي دير هئي تہ انب اچي جهولي ۾ ڪريو. جيٺا جي دل ۾ بہ چور هو. وڏيري جو رعب داب اڳيئي اثر ڪري چڪو هو. هن جي اکين آڏو وڏيري جي وڏ ماڻهپيءَ جا سڀ نظارا گهمي ويا. ٻيا تہ نهيو پر الياس ۽ ڪموءَ جهڙا جاننا ۽ شودا هاري بہ وڏيري جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي بيهندا هيا. جڏهن جيٺا اوطاق ۾ پهتي تہ هو پنهنجي پاڻ کي اوطاق جي مالڪياڻي سمجهڻ لڳي.
هوءَ محسوس ڪرڻ لڳي تہ هو بہ وڏيرياڻي هئي. وڏيرو آڪڙ وارو ماڻهو سو هاڻي سندس نوڪر وانگر ٿي لڳو.

وڏيري جي هٿ کي ايئن ٽٽندي ڏسي، هوءَ پنهنجي غربت جو اميريءَ کان بدلو وٺندي محسوس ڪرڻ لڳي، ”هونھ آيو آهي وڏي آڪڙ وارو، ڪٿي آهي سندس آڪڙ!“
بس پوءِ اهو معمول ٿي ويو. جنهن ڏينهن سورج ٽرئڪٽر سان شهر ويجي ته جيٺا اوطاق ۾. سورج کي خبر نه پئي ته پويان ڇا ٿي رهيو آهي. بس ايترو فرق سو پيو ته جيٺا چڙچڙي طبيعت جي ٿي پئي. ٿوري ٿوري تي سورج کان رسيو ويجي، پر تڏهن به هن کي اها ڄاڻ نه ٿي سگهي ته جيٺا جي طبيعت ۾ ڇو ڦيرو آيو آهي. جيٺا پاڻ کي مٺيرو سمجهڻ لڳي. ڪولهياٽين ۾ سهٽي ته اڳي ئي هئي،
پر وڏيري جي دل گهري هئڻ ڪري سندس پير زمين تي ايئن پوندا هئا، ڄڻڪ راڻي هجي. اها ڳالھ هوئن به لڪي ڪيستائين رهندي. هڪڙي پيري ڪيسري ڏسي ورتس پوءِ ته سڄي ڪولهياٽين کي خبر پئجي وئي، پر سندن مڙسن تائين اجا ڳالھ نه پهتي هئي.
انهيءَ رات سورج پنهنجي واري سان ٽريڪٽر تي شهر ويو ۽ جيٺا به معمول وانگر سورج جي نڪرنديئي وڃي اوطاق ۾ پهتي.
جڏهن سج جو پنير ڪي مهل جيٺا موٽي پنهنجي جهوپڙي پهتي ته ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو. سامهون ڪروڏ ۾ پريل سورج ويٺو هيو!
پهرين ته ڪيس پنهنجين اکين تي ويساھ نه آيو. هن وري پڪ ڪرڻ لاءِ سورج ڏانهن نهاريو. اونده ۾ به سورج جون رت پريون اکيون چمڪنديون نظر آيو. هن کي پنهنجي سرير ۾ سياٽو محسوس ٿيڻ لڳو. هن کي ائين لڳو سوين ڪيڙا سندس ماس پٽي رهيا هجن. هن رڙ ڪئي، ”اڙي مون کي بچايو.“ هن کي وڌيڪ رڙين ڪرڻ جو وجھ نه مليو.
اک ڇنڀ ۾ سورج اٿي ويٺو ۽ ڪهاڙي گهمائي جيٺا جي ڪنڌ ۾ ٽڪا ڪرايائين..
”وٺ هي ڪميٽي“ ڏند ڪٽيندي سورج هڪل ڪئي.
جيٺا رڳو هڪ ڀيرو ”آھ“ ڪئي ۽ ڌو وڃي پٽ تي ڪري. سورج ڪروڌ ۾ الائي گهٽا ڀيرا ڪهاڙي جا وار ڪندو رهيو. سهٽي جيٺا، سندس پيرن ۾ رت سان ٽمٽار ٿي پئي هئي.
جيٺا جي رت تي نظر پوندي ئي هن جو هانءُ ٺريو. هن تان وڏو بار لهي ويو. هن پنهنجي بي عزتيءَ جو پورو وير ورتو هو. هڪ غريب، غريب کان ئي وير وٺي سگهي ٿو. هن جي بي عزتيءَ جو ڪارڻ جيٺا نه وڏيرو هو. ڪروڌ ۾ انڌو سورج به جيٺا ۽ وڏيري جي فرق کي صاف ڏسي سگهيو ٿي. سندس بي عزتيءَ ڪنڌڙ به رهجي ويو پر هو رڳو جيستائين پهچي سگهيو ٿي اوستائين هليو. وڏيري کان بدلي وٺڻ جي همت منجهس ڪانه هئي. غريب جو زور غريب تي ئي هلندو آهي.
سورج جي جهوپڙي جي چوڌاري گوڙ ٿي چڪو هو.
سڀ ڪولهي هراس ۽ ڊپ ۾ ويٺا هئا. پريو سورج کي ڀاڪر ۾ جهليو ويٺو هو. ڙالن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ڪين خبر هئي ته ڪارڻ ڪهڙو هو. پريوءَ رڳو سورج کان ايترو پڇيو. ”اڙي هي ڇا ڪئي!“ پريو جي ڀاڪر مان سورج ڇڏائڻ جي ڪوڙ ڪندي وڦلڻ لڳو:
”ڇڏيو ڙي مونکي، ڇڏيو ته آئون ڦاٽي تي وڃان.“

هوڏانهن اوطاق ۾ روشني ٿي چڪي هئي. قادر بخش سهڪندو سهڪندو وجي وڏيري وٽ پهتو. وڏيري تي نظر پوندي ئي قادر بخش رڙ ڪئي:
”سائين سورج جيٽا کي ماري وڌو.“
وڏيري کي ڪارڻ پڇڻ جي لوڙ ئي ڪانه هئي ۽ نه قادر بخش کي ڪارڻ ٻڌائڻ جي، وڏيري جي منهن تي گهٻراهٽ جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا.
”پر سورج ته ٽرئڪٽر سان ويو هوا!“ وڏيري قادر بخش کان اچرج منجهان پڇيو.
”ها سائين ويو ته منهنجي اکين آڏو هو پر الائي ڪيئن موٽي آيو.“ قادر بخش پاڻ اچرج ۾ هو ته سورج ڪيئن موٽي آيو. ”سائين پيو ته نهيو هاڻي مڃريو بيٺو آهي، چوي ٿو ته ڇڏيو ته ٽاٽي تي وڃان.“ قادر بخش ڪُٽتي ڪندي وڏيري کي ٻڌايو.
”ڪنهن کي خبر ٿورئي آهي، وڃڻ ڏينس هن تي ڪو ويساهه ته ڪونه ڪندو.“ وڏيري ڏاڍي پڪ واري لهجي ۾ چيو.
”پر سائين هتي ته سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته جيٽا...!،
قادر بخش ٿورو هٻڪيو ۽ اڳتي سڏو سنئون چئي نه سگهيو پر ڳالهه ٺاهيندي چوڻ لڳو ”....ته جيٽا هتي اوطاق ۾ ايندي آهي.“ اها ڳالهه ٻڌندئي وڏيري کي ٿاپر لڳي ويا. هن سوالي نظرن سان قادر بخش ڏي نهاريو. جهٽڪ پڇي رهيو هجي:
اهو سڀ ڪنهن مشهور ڪيو. قادر بخش وڏيري جي نظرن کي سمجهندي چيو، ”سائين اهڙيون ڳالهين ڳوٺن ۾ لڪيون نه رهنديون آهن سڀ ڪنهن کي خبر هوندي آهي.
پر اهو سائينجن جو رعب آهي جو ٻڙڪ ٻاهر نه ٿو ڪڍي سگهي.“
هاڻي وڏيري کي پنهنجي بدنامي ٿيندي نظر آئي سورج تي ڪيس هلندو. ملڪان ملڪ ڳالهه پکڙجندي، سورج هر ڳالهه ڪورٽ ۾ ڪندو. سڄو معاملو اخبارن ۾ اچي ويندو. ڇا سندس عزت رهندي! هر ڪو چوندو: وڏيرو وجي ڪولهڻ سان ڪريو. ڪيس ڪورٽ ۾ نيو ويندو. آڏي پڇا ٿيندي. وڏيري کي اهو سڀ سوچيندي پگهر اچي ويو. لڪ چپ ۾ ته مڙيئي خير هو پر ائين ڳالهه مشهور ٿيندي ته سندس عزت ٽڪي جي به نه رهندي. هن کان پهرين ته اهڙيون گهٽيون ڳالهيون لڪ چپ ۾ ٿي ويئون هيون وڏيري گهٻراهٽ ۾ قادر بخش کان پڇيو پوءِ پلا ڇا ڪجي؟“
”جيڪو سائين جو حڪم“ هن فرمانبرداريءَ سان چيو.
”ڪيئن به ڪري سورج جو منهن بند ڪرايو وڃي، نه ته ڦڪڙ ڦاٽ ڪاڏو نه پوءِ معامرو....“
''”ها سائين بيشڪ معامرو وڏي ويندو“قادر بخش وڏيري جي ها ۾ ها ملائي، ”سائين حڪم ڪريو ته پورو بندوبست ڪري ڇڏيون. اوهان جي اشاري جي دير آهي. اهي وات رڳي هڪڙي، پئسن کان معامرو وڏي ويو آهي، مڙس مڃرير بيٺو آهي.“
وڏيري کان حڪم احڪام وٺي ڪمدار ڪولهين وٽ پهتو. پنهنجي منهن تي ڏک جا آثار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ روئڻهارڪو ٿي ڪولهين کي چوڻ لڳو ”اڙي هن ڇا ڪري ڇڏيو. جيٽا کي هٿ سان ماريائين هاڻ پاڻ به ڦاسيءَ تي چڙهي ويندو.“ هن ڦاسيءَ جي ٻول زور ڏيندي

چيو. قاسيءَ جو ٻڌي ڪولهي ڏجي ويا سيني ڪٽي هٿ جوڙيا. ”ڏٽيءَ جو واسطو اٿيئي ڪيئن به ڪري هن کي بچاءِ. جيٽا ته ويئي، هي ٻه نه هليو وڃي. اسين هينئر ئي ٽا وڏيري وٽ وڃون. وڏيرو ضرور ڪجهه ڪندو. هو هلندي وارو آهي، هو اسان جو ابو آهي ضرور ڪجهه ڪندو“
ڪيسري سيني جي پاران ڳالهائيندي چيو.
”پر وڏيرو هتي آهيئي ڪونه ، هو ته ڪالهونڪر شهر ويل آهي“ قادر بخش ڪوڙهنيو ”هو هجي ها ته ڪا ڏکيائي ڪانه ٿئي ها. هاڻي پوليس کان جند نه ڇڏائي سگهبي،
خدا ڀيو خير ڪري“ هن اجا وڏيڪ کين ڏيجاري ڇڏيو.
”پوءِ تون ئي ڪجهه ڪر، تون هتي وڏيري جي جاءِ تي آهين.“ پرپوءَ ڪيس اڏ وڏيرو ٻڌائي ڇڏيو. قادر بخش گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو
”هڪڙو رستو آهي. سورج کي فلحال هتان پري ڪري ڇڏجي. پوليس هتي اچي ته چئجوس اوهان کنهن کي به ڪونه ڏٺو. رڙيون ٻڌي جڏهن اوهان هتي پهتا ته جيٽا رت ۾ ٻڏل پٽ تي پيئي هئي.“
پيو هتي ڪير ڪونه هو، سورج جو پيڇن ته چئجون ته درگي، علي نواز ۾ پين سان ٽريڪٽر تي گڏجي شهر ويو هو. اتان کيس ٽر وڃٹو هو، سو اوڏانهن ويو هوندو. پيو آئون ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.“
قادر بخش هنن تي وڏو احسان ڪري رهيو هو.
''”جيئين تو چيو آهي ، ائين ئي چوندا سون.“ هنن قادر بخش کي پڪ ڏياري.
قادر بخش سورج کي ٻانهن کان ورتو. سورج اڏ چريو ٿي چڪو هو هن جي ڪجهه سمجهه ۾ نه پي آيو ته ڇا ٿي ويو ڇا پي ٿيوءِ ڇا ٿيندو. هو چپ چاپ قادر بخش سان گڏجي هليو ويو.
پوليس آئي بيان وٺي هلي ويئي. وڏيري جي سر زمين هئي. وڏيرو پهچ وارو هو تنهن کان سواءِ پوليس لاءِ سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو هو. پوليس کي مٿان فون به اچي ويا ۽ پئسا وڏيري لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئي.
ٻئي ڏينهن قادر بخش وڏيري کي سربستو حال ٻڌائي رهيو هو. ”پوءِ سائين ڪيوسونس ڪئنال جي حوالي ۽ جڏهن وڃي تر ورتائين تڏهن موٽياسون“
”وڏئوس ته ٻلائتو ڪري؟'' وڏيري پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو.
”سائين ٻنهه ٻلائتو ڪري. ڳچي ۾ اڏ مٽي پيجري ٻڌي
پوءِ ڇڏيوسونس. اسين ڪي ٻوڪ نه ڪين آهيون.“
وڏيري جي ساهه ۾ ساهه پيو. سندس عزت بچي وئي.
نه ته هي رذيل ڪيس تڪي جو ڪري ڇڏي ها.
ڪجهه ڏينهن صبر ڪري سڏير قادر بخش کان سورج جو پڇيو. قادر بخش سمجهائڻ لڳس، ”ابا اجان ڳالهه نه ڪريو پلي وقت گذري. ٻنهن کي ٻوڪ آهيو. ڳالهه ڦاٽ ڪاڏو ته توهان به اندر ته آئون به اندر پوليس سڏو سورج کي ڪاٽ ۾ وجهندي، توهان مڙئي قاسي ڏياريندوس!“ وري هوريان آواز ڪري چوڻ لڳو ”تر موڪلي ڇڏيو اٿئونس. اتي ڪمائي پيو. هاڻي هو هتي ڪونه ايندو. چڱو ٿيو

ياد آيو. تيون ڏينهن ٽر مان ماڻهو آيو هو. سورج اوهان سيڻي کي سلام موڪليا آهن.“ ڪولهي خوش ٿي وڃي پنهنجي ڪم ڪي لڳا.

وڏيرو پنهنجون ڀنيون گهمي رهيو هيو. قادر بخش ساڻس گڏ هو. پريان ڪٽڪ جو لابارو ٿي رهيو هو. هاري زالين مڙسين لابارو ڪري رهيا هئا. وڏيري چوڌاري نظر ڦيرائي،

سندس نظر وڃي هڪ هارياڻيءَ تي ڪتي. قادر بخش وڏيري جي نظرن کي تاڙي ورتو. سندس چپن تي مرڪ اچي وئي.

”سائين محمود جي ڏيءَ اٿو. ڪالهه ٻار هئي، اڄ....“ وڏيريءَ قادر بخش جون نظرون چار ٿيون. ٻنهي مرڪي نظرن ئي نظرن ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائي ورتو!

# پاڳ_نپاڳ

آئون هڪ امير ماڻهو آهيان. زميندار بہ آهيان تہ وڏيرو بہ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ چونڊيو آهيان. شوقين بہ آهيان تہ عياش بہ. "تنهي" قسمن جو شڪاري آهيان. جانورن جو ماڻهن جو ۽ زائفائن جو. لکن جا قرض اٿم تہ ڪارخاني جا "ليسن" بہ اٿم. جي هر مند ۾ وڪٽيو لک ڪمايو وٺان. مطلب تہ مون ۾ ڪا اهڙي عادت ڪانهي، جا هڪ سنڌي زميندار ۾ نہ هجي. پر تڏهن بہ مان هڪ عام زميندار وانگر نہ آهيان. مون ۾ ۽ هنن ۾ رڳو هڪڙو فرق آهي. مون کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن جي ٿوري گهڻي پروڙ آهي ۽ دل ۾ احساس بہ اٿم تہ سنڌ تي ڏکيئي ۾ ڏکي مهل آهي، جي اسان هاڻي اکيون نہ پٽيون ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪيو سين تہ اسين فنا ٿي ويندا سون. اسان جي ٻولي ۽ ثقافت کي ڏاري ٻولي ۽ ثقافت جي وڏي مڇي ننڍيءَ مڇي وانگر ڳڙڪائي ويندي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو منهنجي پاران ڪم شروع آهي. اڃا تہ آئون هڪڙو آهيان، پر يار دوست اٿم مون کان بہ موچارا، انهن کي بہ مون تيار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اهي بہ مون وانگر عياش ۽ خود غرض آهن، رڳو پنهنجي ميمبريءَ جي سيٽ پڪي ڪرڻ تا گهرن— باقي مسئلا وجي پون کڏ ۾، پر کهڙا بہ آهن، آهن تہ سنڌي، مون انهن کي سمجهائڻ شروع ڪيو آهي اميد تہ هن قصي کي سمجهي ويندا. مون پنهنجي رٿا پٽاندر ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي .

اڄ هڪڙي رسالي جي ايڊيٽر کي گهرايو اٿم. هو مون وٽ ڏهين وڳي پهچڻ وارو آهي. مون کي پڪ آهي تہ هو پوري مهل تي پهچندو. مهل جي پابندي سڦلتا جي ڪنجي آهي. پهرين تہ مون کي مهل جو احساس ئي ڪونہ هوندو هو. ڪنهن کي مهل ڏيندو هوس تہ مهل تي پهچڻ تہ ٺهيو مرڳوئي وسري ويندو هو پر هاڻي مجال آهي جو ائين ٿئي. اهو مون ٻين قومن سان گڏ رهي سکيو آهي.

گهنٽيءَ جو آواز اچي ٿو شايد هو اچي ويو آهي. نوڪر ايڊيٽر جو نالو وٺي مون کي هن جي اچڻ جو ٻڌائي ٿو ۽ آئون کيس اندر وٺي اچڻ لاءِ چوان ٿو.

اهو ايڊيٽر هڪ سنڌي لکاري آهي. ڪهاڻيون لکندو آهي. چون ٿا تہ سٺيون ڪهاڻيون لکندو آهي. مون سندس ايڪڙ ٻيڪڙ ڪهاڻيون پڙهيون آهن، سي بہ ياد ڪونهن.

اسان کي پنهنجيون بيڪاريءَ واريون مصروفيتون ايتريون آهن، جو مهل ئي ڪونہ ٿي ملي. بس ايتري سڌ اٿم تہ هي ايڊيٽر هڪ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان آهي. منجهس نہ رڳو جوش ۽ جذبو آهي پر ڪم ڪرڻ جي لڳن بہ اٿس. سنڌي ٻوليءَ جي چاڪري سندس حياتيءَ جو مقصد آهي. جڏهن پهريون پيرو مون سان مليو هو تہ ڏاڍي عجيب ڳالهہ ڪئي هئائين. چيو هئائين: "سنڌي ٻولي جي چاڪري ۾ بہ منهنجي خود غرضي لڪل آهي. اڄڪلهہ جي سنڌي ٻولي غريب آهي تہ آئون بہ غريب آهيان، پر جڏهن سنڌي ٻولي شاهوڪار ٿيندي، ان ۾ هر موضوع تي هزارين ڪتاب نڪرندا ۽ سنڌ جي اسي لک ماڻهن ۾ ڪنهن ڪتاب جون هزار ڪاپيون نہ پر لک ڪاپين جو وڪرو ٿيندو، تہ پوءِ آئون بہ امير ٿي ويندس. اها بي ڳالهہ آهي تہ ائين ٿيڻ کان پهرين آئون بکون ڪٽي مري وڃان." سچ تہ هو بکون ڪاٽي پنهنجي ٻارن ٻچن کي تڪليف ۾ وجهي رسالو ڪڍي ٿو

ڇاڪاڻ جو ڪنهن سنڌي ادبي رسالي مان ڪمائڻ ته نهيو پر مور پئسا ڪيڻ به وڏي ڳالهه آهي پر تڏهن به هن کي سڄي محل جو اوسيڙو آهي. هو اچي ٿو ۽ آئون اٿي سندس آدرڀاءُ ڪريان ٿو. آئون هن کي صوفي تي ويهڻ لاءِ چوان ٿو.

ڪو وقت هوندو هو ته آئون انهن ساهتيڪارن ۽ شاعرن کي بيڪار نه پر واهيات سمجهندو هوس ۽ هنن سان ڳالهائڻ به شان کان گهٽ سمجهندو هوس ۽ سچ ته اهو آهي ته مون لاءِ تپيدار ۽ صوبيدار ئي سڀ ڪجهه هئا. پر هاڻي اڪيون کليون اٿم ۽ احساس ٿيو اٿم ته اسان جي ٻوليءَ ۽ ثقافت جا رکوالا اهي لکاري ۽ فنڪار ئي آهن. اسان ته ميمبري ۽ ليسنن تي سنڌ جا سودا ڪيو وجهون. پر هي مڙس ڦاهيءَ جي تختي تي پهچي به پنهنجي ڳالهه تان نه ٽا لهن. انهن جي ئي لکٽي آهي جن ملڪ ۾ سجاڳي آندي آهي. اهائي ڳالهه آهي جو آئون هاڻي انهن جي ايتري عزت ڪريان ٿو ۽ کين اٿي ٻيهي ملان ٿو.

مان ايڊيٽر سان خير عافيت ڪريان ٿو. هو ڳالهيون ڪندي منهنجي اڳيان اخبار کولي ٿو ۽ منهنجو ڌيان اخبار جي هڪ خبر ڏانهن ڇڪائي ٿو. اخبار ۾ انهن ڪتابن جي لسٽ ڇپي آهي، جن کي انعام ڏنا ويا آهن. انهيءَ لسٽ ۾ ڪنهن به سنڌي ڪتاب جو نالو ڪونهي. آئون ڪائنس پڇان ٿو

”ڇا سنڌيءَ ۾ ڪوبه اهڙو سنو ڪتاب نه ڇپيو آهي جنهن تي انعام ملي سگهي!“ آئون دل ئي دل ۾ سوچيان ٿو ته سنڌي لکاري ڪو سنو ڪتاب ته لکي نه ٿا سگهن باقي هر ڪو ادب جي چاڪري ڪرڻ تي سندرو ٻڌو بيٺو آهي. ۽ شڪايتون تنهن کان سواءِ پيا ڪن.

”نه سائين، اها ڳالهه ڪانهي. پر سنڌي ڪتابن تي انعام رکيل ئي ڪونهي.“ هو چوي ٿو.

اهو ٻڌي مان اچرج ۾ پئجي وڃان ٿو ۽ نه رڳو سنڌي لکارين جي باري ۾ غلط تاثر قائم ڪرڻ تي دل ئي دل ۾ ڦڪو ٿيان ٿو پر سنڌي سياستدان جي حيثيت سان اها به خبر ڪانه اٿم ته سنڌي ڪتابن تي انعام ئي ڪونه ڏين.

''”ائين ته نالي ماتر سرڪار لاچار تي انعام ڏيڻ شروع ڪيو آهي. پر ڪمال آهي ته بئنڪن ۽ ڪارخانيدارن به انعام ورهائڻ شروع ڪيا آهن. پر سنڌيءَ ٻوليءَ کي انهن به نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي.“ هو وضاحت ڪندي پنهنجي ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکي ٿو. ”بينڪن ۽ ڪارخانيدارن کان سنڌي ڪتابن کي انعام ڏيارڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي اسان جي شاهوڪار سنڌين جا انهن بئنڪن ۾ اڪائونٽ آهن. هو بئنڪ وارن تي زور آڻي انعام ڏياري سگهن ٿا. ۽ جي بئنڪ وار ننهڪار ڪن ته مهم هلائي سنڌين جا انهن بئنڪن مان اڪائونٽ ڪيرائي ڇڏجن. پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه ٿا بئنڪ وارا به سنڌي ڪتابن کي انعام ڏين“

”پر ڪارخانيدارن جو ڇا ٿيندو؟“

”ڪارخانيدار به سڌا تي ويندا. هڪڙو ڪارخانيدار جيڪو ڪتابن تي انعام ڏئي ٿو تنهنجو ڪپڙو سنڌ ۾ به گهڻو وڪامي ٿو. سندس هڪ ويمو ڪمپني به آهي. اسين اهو ڪپڙو وٺڻ ڇڏي ڏيون ۽ ويمي ڪمپنيءَ کان ويما نه ڪاريون ته ڏسون ته ڪيئن نه پوءِ هو به سنڌي ڪتابن تي

انعام ٿو ڏي.“
آئون سندس اهي ڳالهيون ٻڌي حيران ٿيان ٿو. مون کي ٻه جوش اچي ٿو وڃي ”ڇا اسين سنڌي اهڙا ويل آهيون. جو پنهنجي ٻوليءَ کي ائين وساري ويٺا آهيون.“ آئون اهو سوچيندي کيس چوان ٿو ”ٻڌو جيسين اسين اها مهم هلايون ۽ سنڌي ڪتابن کي سندن جائز حق وٺي ڏيون. تيسين توهان منهنجي پاران انعام جو اعلان ڪري ڇڏيو. آئون فلحال پنهنجي پاران هزار ٻه هزار هر سال هڪ بهترين سنڌي ڪتاب تي ڏيندس توهان ڳڻتي نه ڪريو ٻه ٽي دوست پيا گڏجي ويا ته انعام ڏهن هزارن تائين به ڪري ڇڏينداسون.“
هن جو منهن اهو ٻڌي ٻهڪڻ لڳي ٿو ۽ خوشي ضبط ڪندي چوڻ لڳي ٿو ”ته سائين، پوءِ هيئن ڪريو ٻه هزار هڪ ڪتاب تي ڏيڻ بدران، هڪ هزار بهترين رچنائي ڪتاب تي ۽ هڪ هزار بهترين کوجنائي ڪتاب کي ڏيو. ۽ پوءِ جڏهن ڏه هزار انعام ڪري سگهو ته پوءِ اهي پنجين پنجين هزارين جا انعام ڪري ڇڏجو.“
هو بي انت خوش نظر اچي رهيو آهي. پاڻ به لکاري آهي شايد کيس ئي انعام جي آس هجي. مون کي هڪڙو ويچار اچي ٿو ۽ پڇي ٿو ويهانس ”اوهان به ته لکاري آهيو ٿي سگهي ٿو هن سال اوهان جي ئي ڪتاب تي انعام ملي، جي هن سال نه ته ايندڙ سال ئي سهي. ڪيئن؟“ منهنجي لهجي جي ٽوڪ کي هو سمجهي ٿو وٺي.
''”نه سائين، هينئر ته مون کي اها به سار نه رهي هئي ته آئون به ڪو لکاري آهيان. مون کي انعام جي لالچ ڪانهي جيڪڏهن اوهان اهي انعام سچي سچي ڏيڻ لاءِ تيار آهيو ته آئون اوهان کي لکي ٿو ڏيان ته جيستائين آئون جيئرو هوندس، تيستائين آئون انعام ڪونه وٺندس. توهان پنهنجو وچن پاڙجو آئون پنهنجو!“
آئون اها وراڻي ٻڌي حيران ٿيان ٿو. ڇا هو سچي پچي ايڏو بي غرض آهي. آئون سوچڻ لڳان ٿو. ”مون کي ته هميشه ڪو به ڪم ڪرڻ مهل پنهنجو مفاد آڏو رهيو آهي. پر هي شخص رڳو انهيءَ ۾ خوش آهي ته ٻين لکارين کي فائدو ملي. سچ ته هي عجيب شخص آهي.“
ڪجهه دير سانت رهي ٿي. آئون مطلب جي ڳالهه تي اچي، نه رڳو سانت پر هن جو تجسس به ٽوڙيان ٿو. ”اوهان حساب لڳايو پريس تي گهڻو خرچ ايندو؟“
هو هڪدم پنهنجو بريف ڪيس کولي، ڪي ڪاڳر ڪڍي مون ڏانهن وڌائي ٿو. آئون ڪاڳر وٺڻ بدران ئي کيس چوان ٿو. ”توهان ئي ٻڌايو ڪل ڪيترو خرچ ايندو؟“
”هڪ ننڍي پريس لڳائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏه هزار کپن.“
ايتري ۾ نوڪر چانهه کڻي اچي ٿو ۽ اسان جي ڳالهائڻ جو سلسلو ٽٽي پئي ٿو. آئون اٿان ٿو ۽ ميز تان چيڪ بڪ کڻان ٿو ۽ کيس رقم لکي ڏيان ٿو. هو چيڪ وٺي ٿو ۽ هن جا هٿ ڏڪڻ لڳن ٿا، ۽ هو هڪڙو ڀيرو رقم پڙهي ٿو. هن کي ويساهه ئي نه ٿو اچي ته ڪو سنڌي وڏيرو اهڙي ڪم لاءِ ڏهه هزار رپيا ڏئي سگهي ٿو. هو ايترو ته حيران آهي، جو ڪجهه ٻول هن جي چپن تي اچي موٽي وڃن ٿا،

وري همت ڪري ڳالهائڻ جي جاکوڙ ڪري ٿو. "سائين هي، هي سڀ روپيا پريس لاءِ ٿا ڏيو!" هو مَس مَس جملو پورو ڪري ٿو.

آئون سندس گهبراهٽ ڏسي لطف اندوز ٿو ٿيان. "ها توهان پريس هٽو رسالا ڪيو ڪتاب ڇپاريو. منهنجو پريس سان ڪو لاڳاپو نہ هوندو. جي توهان پنهنجي مقصد ۾ سڦل ٿيا تہ مون کي خوشي ٿيندي پر هڪڙي ڳالهہ ٻڌو. جڏهن سنڌي ماڻهن کي پڙهڻ جو چاهہ ڪونهي تہ اوهان سنڌي ڪتاب ۽ رسالا وڪڻندو ڪيئن. فائدو ڪيئن ڪمائيندو؟.

هو موکي آڇيندي چئي ٿو "سائين معاف ڪجو آئون اوهان جي راءِ سان سهمت ناهيان. اوهان جي راءِ صحيح ڪانهي. اسان سنڌي پڙهندڙن کي ڏنوئي ڇا آهي. هڪ ٻہ سرڪاري رسالا، ٽي چار پارٽي بازيءَ جون شڪار اخبارون، ۽ سال ۾ اٺ ڏهہ ڪتاب، ٻيو ڇا؟ اسان پڙهندڙن کي پنهنجي پسند پٽاندڙ ڪتابن چونڊڻ جو وجهہ ئي ڪٿي ڏنو آهي.

اسين تہ هڪ رسالو ۽ ٻہ ڪتاب ڪيڏي چئون ٿا. ٻيلي سنڌيءَ ۾ اٺو سو زوريءَ وٺو وٺيو يا نہ وٺيو. اسان جو سرندي وارو طبقو ڪتاب وٺي ڪونہ . غريب طبقي وٽ ايترو پئسو ڪونهي جو بيڪار اخبارون ۽ رسالا وٺي. سائين توهان ئي ٻڌايو تہ هو سنڌي اخبار جي قيمت ۾ ٻي ٻوليءَ جي اخبار ڇو نہ وٺي، جنهن ۾ گهٽيون خبرون، تصويرون ۽ دلچسپ ڳالهيون هونديون آهن. پر جي هو سنڌي اخبار وٺي نہ هن کي رڳو هڪ ٻئي لا ڇپيل گاريون ٿيون نظر اچن، خبرون اڌگابريون، مضمونن ۾ رڳو سڪڻن ٻولن جو ذخيرو، سنڌ جي مسئلن ڏانهن ڌيان ئي نہ . هاڻي سائين، اوهان ٻڌايو تہ هڪ غريب سنڌي جيڪو رڳو هڪ اخبار وٺڻ جي حيثيت رکي ٿو هو سنڌي اخبار ڇو وٺي.اها قرباني ٻہ غريب ڇو ڏي؟ اوهان تہ سنڌي ۽ ٻيون اخبارون ٻہ وٺي سگهو ٿا ۽ ائين تسڪين حاصل ڪريو ٿا، پر هو غريبپنڌرهن منٽن ۾ سڄي اخبار پڙهي پوءِ ڇا ڪري ؟ ۽ رسالا ٻہ ائين آهن، هڪ سرڪاري رسالو ٿلهو موچارو نڪري ٿو پر مجال آهي جو وقت تي نڪري. باقي ٻيا پنهنجي سر، ڪتابي سلسلا ڪييو، مڙيئي ٻيا ڇاڪري ڪن. اتي ٻہ اها ساڳي اخبار واري ڪيفيت آهي. ٻين ٻولين جا رسالا سستا، سٺا، باتصوير، وقت تي نڪرن ۽ اسان جا رسالا خشڪ، مهانگا ۽ ٻي وقت نڪرن. پوءِ پلا ڪٿان وڪرو ٿيندو؟ تنهن کان سواءِ پڙهڻ ٻہ هڪڙي هير آهي. جڏهن عام سنڌي پڙهندڙ ٻين ٻولين جا رسالا پڙهي ٿو تہ هن کي انهن جي هير ٿيو وڃي ۽ اهو پڙهندڙ اسين سنڌي ڪتابن وارا هميشہ؟؟؟؟ لاءِ وڃائي ٿا ڇڏيون. اها ئي ڳالهہ آهي جو رسالن ۽ اخبارن جي سرڪيوليشن وڌڻ بدران گهٽبي ٿي وڃي. اسان کي پهرين مارڪيٽ ۾ هر موضوع تي سنڌي ڪتابن جو ذخيرو آڻڻ گهرجي. پڙهندڙ کي پنهنجي پسند جي چونڊ ڪرڻ ڏجي، ائين هن کي سنڌي پڙهڻ جو هيراڪ بنائجي پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ن ٿا سنڌي ڪتاب ۽ اخبارون وڪامن." هو مسلسل ڳالهائي رهيو هو ۽ آئون هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هوس.

هن جون اهي ئي تہ ڳالهيون هيون، جن مون تي ايڏو اثر ڪيو هو ۽ آئون هن کان انهيءَ ڪري متاثر هوس تہ هن وٽ ڪيتريون نہ نهريون دليلون ۽ رٿون هيون ۽ آئون هن کي چئي ويٺس ، "هي پريس اوهان لڳايو. سڦل ٿيا تہ آئون اوهان کي اڳتي ٻہ مدد ڪندس، تہ جيئن اوهان سنڌي ۾ اهو ڪجهہ

پيش ڪريو جنهن سان سنڌي ٻولي وڏي ۽ ويجهي ۽ جڳ جي ڪنهن ٻه ترقي يافته ٻولي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي.“

هو وڃي ٿو ۽ آئون پاڻ کي ڪجهه هلڪو ٿو محسوس ڪريان. ائين ٿو لڳي ته مون تي ڪو بار هو جو لهي ويو. ڏهه هزار مون وٽ ته ڪجهه به حيثيت ڪونه ٿا رکن. رڳو گڏريل اربع تي، يارنهن هزار ته ريس ۾ ئي هارائي آيو هوس. ڊپٽي ڪمشنر جي ڌي جي شادي ۾ ٻارهن هزارن جا زيور سوڪڙي ۾ ڏنا هئم. اهي ڏهه هزار ته رڳو هڪ رات ۾ ئي اڏائي ڇڏيندو آهيان. مون کي سار آهي ته گذريل سال هڪ اداڪاره تي جڏهن پندرهن هزار رپيا خرچ ڪيم تڏهن وڃي هن مس مس هڪ رات مون سان گذاري. آئون واچ تي نظر وجهان ٿو. اجا يارهن ۾ ڏهه منٽ آهن. پوري يارهن وڳي هڪ ٻيو ماڻهو اچڻ وارو آهي. آئون ان جي باري ۾ سوچيان ٿو. هن کي سڏايو ته اٿم ۽ مدد ڪرڻ جي نيت به اٿم پر ڪٿي پئسو ٻڏي نه وڃي. ڏهن پندرنهن هزارن جي ڳالهه ڪونهي، هتي ته لکن جو معاملو آهي. پئسن جي ته ڳڻتي ڪونهي رڳي اها اون اٿم ته صحيح هٿن ۾ پهچي ۽ ان مان نه رڳو ذاتي فائدو حاصل ٿئي، نه پر سنڌي ٻولي کي به اوسر ملي. اڄڪالهه ڪنهن به ٻوليءَ ۽ ڪلچر کي ترت ڪنهن ٻي ترقي يافتا ٻوليءَ ڪلچر جي برابر آڻڻ لاءِ فلم هڪ وڏو وسيلو آهي. اهو ويچار مون کي پهرين ڪونه هو پر جڏهن هن نوجوان سان مليس ته هن منهنجيون اکيون کولي ڇڏيون. سنڌي فلمن جي ايتري اهميت آهي، اهو پهرين مون تي ظاهر ڪونه هو. آئون ته سمجهندو هوس ته فلمون رڳو هڪ عياشي جو ذريعو آهن ۽ ٻيو ڪجهه به نه . پر هن شخص جي دليلن مون کي قائل ڪري ڇڏيو. هن مون کي ٻڌايو ته فلمن جي ذريعي اسين سنڌي لڪارين ۽ فنڪارن کي نه رڳو سندن فن جي اظهار جو وجهه ڏيندا سين، پر هنن جو حق به آهي. تنهن کان سواءِ ٻين ٻولين جون فلمون ۽ ڪلچر ڏسي اسان جو ذهن اڻڄاڻائي ۾ انهن جو اثر قبول ڪري ٿو جو اسان جي ٻولي ۽ ڪلچر لاءِ هاڃيڪار آهي، پر جيڪڏهن اسان پنهنجون فلمون ٺاهيون ته اسين پنهنجي ٻولي، سنگيت ۽ ساهت جي اثر کي پڪيڙي سگهون ٿا.

اهو ئي ڪارڻ هو جو اڄ هن نوجوان سان ملاقات ڪري رهيو آهيان. آئون وري واچ ڏسان ٿو. پورا يارهن لڳا آهن، پنجن ستن منٽن ۾ هو پهچي ويندو. هو شايد اچي ويو آهي. نوڪر مون کي نالو ٻڌائي ٿو. آئون کيس اندر وٺي اچڻ لاءِ چوان ٿو. هن نوجوان جي خاص ڳالهه اها آهي ته هيءَ ڪو عام فلم جو مريض ڪونهي، پر فلم جي فن جي باقائدي تعليم ورتل اٿس. هن ملڪ مان نه، پر ولايت مان هن فلم ۾ ڊپلوما حاصل ڪئي آهي ۽ ملڪ جي ٻن ٽن انهن ماڻهن مان آهي، جن فلم جي ولايت مان باقائديتعليم حاصل ڪئي آهي. تنهن کان سواءِ ايم.اِي ايم.اي پڙ آهي.

مون پڇيو هو مانس ته ڇو ڪيس اجا ڪنهن فلم ٺاهڻ جو موقعو نه مليو آهي ته وراڻي ڏنائين ته جيڪڏهن هن وٽ فلم جي ڊگري نه هجي ها، ۽ ايم.اي جي بدران مئٽرڪ فيل هجي ها ته هو ڪڏهن کان ڊائيريڪٽر ٿي وڃي ها.

هو اچي ويو آهي. آئون کيس ويهاريان ٿو. خير عافيت کان پوءِ فلم جي موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪريون ٿا.

پڇانس ٿو ”توهان فلم جو تفصيلي بجيٽ ڪٿي آيا آهيو؟“
هو لفافو کولي ان مان ڪجھ ڪاغذ مون ڏانهن وڌائي ٿو آئون تفصيل پڙهان ٿو. سنگيت جو خرچ، اسٽوڊيو جو خرچ ، فنڪارن جو معاوضو ، پبلسٽيءَ جي ڪٽ، انهن تان نظر ڪندي ٽوٽل تي نظر پوي ٿي. هڪ لک پنجونجھ هزار رپيا! آئون پورو خرچ ڏسي حيران ٿيان ٿو ۽ هڪدم ڪائنس پڇان ٿو ”ڇا توهان ايترا پئسا سنڌ مان ڪڍي ويندا؟ ڇا سنڌي پڪچر لاءِ ايتري مارڪيٽ آهي؟“
ڇو نه سائين، ڪنهن ٻي ٻولي جي پڪچر هن کان ٻيڻي ڪمائي سگهي ٿي ته سنڌي ڇو نه ڪمائيندي. پر شرط اهو آهي ته سٺي هجي، ۽ جي فني لحاظ کان اعليٰ هجي ته اسين ان کي ڊب ڪري، نه رڳو پنهنجي ملڪ جي ٻين حصن ۾ پر پرڏيهي ملڪن ۾ به هلائي سگهون ٿا. توهان تصور ڪريو ته ڪنهن انٽر قومي ميلي ۾ هڪ سنڌي فلم انعام کٽي ته پوءِ اسان جو ڪيترو نه ڳاٽ اوچو ٿيندو.
آئون هن جي جوش تي مرڪي ڏيان ٿو ”ميان، هتي ٻين ٻولين جي فلمن ئي انعام حاصل نه ڪيو ته سنڌي فلمون ڪٿان ڪنديون ؟
هن جو جوش اڃا به وڌي وڃي ٿو ”سائين ، اسان کي ڪمتري جو احساس ڇو ٿيڻ کپي، هندستان ۾ ڪروڙين روپين ۾ ٺهيل هندي فلمن جي ڀيٽ ۾، ٿن ڇئن لکن ۾ ٺهيل بنگالي فلمون سڄي دنيا ۾ فني لحاظ کان نه رڳو مشهور آهن، پر انعام پيون کٽين. جي بنگالي فلمون انعام کٽي سگهن ٿيون ته سنڌي فلمون به انعام کٽي سگهن ٿيون.“
سندس دليل ڪافي متاثر ڪري ٿي. آئون ڪيس ڇوان ٿو ڇڱو اڄ ئي بئنڪ ۾ پنهنجي ڪمپنيءَ جو اڪائونٽ کوليو اسڪرپٽ تي ڪم شروع ڪريو. دوستي کان مٿيرو ٿي سٺا لڪاري ۽ فنڪار گڏ ڪريو ۽ فلحال فلم جو اعلان ڪري ڇڏيو.“
هو شايد انهيءَ آڇ جي لاءِ ذهني طور تيار نه هو. هو اچرج وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو ۽ جڻ ائين پڇي رهيو هجي: سائين، سچ پيا ڳالهايو نه !
هن جي پريشاني جائز آهي. مون سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ فنڪارن جي مدنظر اوچتو فيصلو جو ڪري ڇڏيو آهي.
هو پنهنجو هوش حواس قابو رکندي چئي ٿو ”سائين آئون اوهان کي ۽ سنڌي قوم کي مايوس نه ڪندس، ۽ ڏيکاريندس ته معياري فلمون ڪيئن ٺيون ٺهن. پر سائين،فلم جو اعلان اڃا نه ڪريو. مون کي ڪجھ وقت ڏيو نه ڪا ڳري ڪاروائي پوري ڪريان، جيستائين اسڪرپٽ پوري طرح تيار نه ٿئي ۽ فلم سيٽ تي نه وڃي ، تيستائين فلم جو اعلان نه ڪنداسون.“
”پر ڀرين اعلان ڇو نه ؟“ مون کي سندس دير سان اعلان
ڪرڻ واري ڳالھ سمجھ ۾ نه ٿي اچي.

”اڄڪالهه تہ خبر ناهي ڪيترين سنڌي فلمون رڳو اعلان جي حد تائين پهچي گم ٿي ويئون. آئون نہ ٿو ڳهران تہ سنڌي فلمن جي باري ۾ هي عام تاثر ٿئي تہ سنڌي رڳو اعلان ڪري ڇاڻن. باقي پڇاڙي ۾ اهي ايڪڙ ٻيڪڙ فلمون ئي مس ٿيون ٿين، سي بہ ڇڪي تاڻي.“

آئون سندس اوچن ويچارن جو قدر ڪريان ٿو. مون کي خوشي ٿي ٿئي تہ آئون بلڪل صحيح ڏس ۾ وک وڌائي رهيو آهيان. مون کي پڪ آهي تہ هو سڦل ٿيندو. هو ڄاڻو آهي، ايماندار آهي، محنتي آهي. هو ضرور سڦل ٿيندو. هو خوش ٿي، ٻيهر اچڻ جو چئي موڪلائي ٿو. مون لاءِ لک بہ لک ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. يورپ جو چڪر لڳايم تہ لک کن وڃائي آيس. وزير جي شڪار جو بندوبست ڪيم تہ پنجويهہ هزار خرچ اچي ويو. رڳو پٽ جي شاديءَ تي پنجاهہ هزار خرچ ڪري چڪو آهيان. هفتي ٻين هفتي ڪراچيءَ وڃيو ڏهہ پندرهن هزار دف ڪيو اچان.

اليڪشن جو زمانو ويجهو اچي رهيو آهي. سدائين چونڊن ۾ ٻيهان ۽ سدائين سرڪاري پارٽي جي طرفان. جڏهن اسان کي ماڻهو چوندا آهن تہ: ابا روز روز پيا پارٽيون بدلايو. تہ لڄ ڪونہ ٿي اچيو. تہ آئون بہ چوندو آهيان: هي جو روز روز حڪومتون پيا بدلايو اوهان کي لڄ ڪونہ ٿي اچي! مطلب تہ جيترا ڀيرا حڪومت بدلي اوترا ڀيرا اسان جي پارٽي جي حڪومت ايترو ترت نہ بدلجي تہ حرام جو پارٽي بدلايون. مثال طور ڏسو تہ گذريل ڏهہ سالن کان هڪ پارٽيءَ سان وفاداري قائم رکيو اچان، ڇو جو ڏهہ سالن کان هڪڙي حڪومت آهي. ماڻهو ٿا چون تہ سرڪاري پارٽي جي پويان سدائين ڇو ٿا لڳو. همت ڪري مخالفت ڇو نہ ٿا ڪريو؟ اها ڳالهه ٻڌي آئون کلي ڏيندو آهيان. ڳالهه اها آهي تہ اسان جا ڪم ئي اهڙا آهن.

شڪر آهي جو ملڪ ۾ انصاف ڪونهي، نہ تہ ڪڏهن ڪو ٽيپ ڪائي وڃون. ايڏا تہ جڏا ڪم آهن هو اصل توبهہ. بئنڪن جا قرض وٺون تہ حرام ڏيون. اوسي پاسي جي ڪا ننڍي نيٽيءَ تي دل اچيو وڃي تہ خون ڪرايو بہ وڃيو پار پئون. هاري ناريءَ تي رعب داب رکيو وينا آهيون. سو بہ پوليس ۽ ڌاڙيلن جي ڪري. پوليس تہ جنهنجو پاسو ڪٽي تنهنجا پئون ٻارنهن. وينو لٺ ڪر. هاڻي پوليس ان جو پاسو ڪٽيندي جيڪو سرڪاري پارٽي جو هوندو يا مخالفت ڪرڻ واريءَ جو! پوليس بہ تہ سرڪار جي ئي آهي نہ . مخالفت ڪرڻ لاءِ اعلا ڪردار ۽ اڇو اُجرو رڪارڊ کپي. ماڻهو شريف هجي، همت وارو هجي، قرض کان آجو. قاعدي قانون کان واقف هجي جو سرڪار کي ٻُل ئي نہ ڏئي، جو نقصان پهچائي سگهي. اسان جو رڪارڊ تہ ڪارو ڪٽ لڳو پيو آهي، جي ڪريون مخالفت تہ غريب غربو هاري ناري لٺ ڪٽي منهنجون زمينون ۽ حق وٺي وڃي موجون ڪن. سو سدائين اسان سرڪاري پارٽيءَ جي پويان هوندا آهيون. پر هاڻي منهنجون اکيون کليون آهن. سوچان ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌين کي لٽي تباهہ ڪري ڇڏيو اٿم. خبر ناهي ڪهڙي قسم جو احساس جاڳيو اٿم. مخالفت جي اجا بہ همت ڪانهي، جو ڪائنر آهيان. پر هڪ ٻئي نموني سان ڪم ڪري رهيو آهيان. من ان ۾ ئي منهنجو ڇوٽڪارو ٿئي. هر ويرو سنڌ ۾ سنن ماڻهن ۽ اڳواڻن جو ڪال ڪونهي.

پر انهن ماڻهن وٽ وري پئسو ڪونهي. اسان جو سرشتو وري اهڙو آهي، جو چونڊن ۾ اهو سوپارو ٿيندو جيڪو پئسي وارو هجي. ڪڏهن ڪو اڙيو ٽڙيو حڪومت جو مخالف ميمبر چونڊجي ويندو

آهي تہ اسيمبليءَ ۾ رڻ ٻاري ڏيندو آهي، جي ٻہ چار چونڊجي وڃن ها تہ اسان جو اهڙو حال نہ ٿئي ها..

اڄ رات دعوت آهي. آئون بہ سوٽ بوٽ پائي دعوت ۾ پهچان ٿو. سيني سان ملندو، وڃي هڪ جڳهہ تي ويهان ٿو. منهنجون اکيون هڪڙي شخص کي ڳولي رهيون آهن.

پر هو اڃا نہ آيو آهي. پهرين تہ سوچيو هوم تہ ڪيس گهر وڃي ملان، پر همت نہ ٿيم. مٿان سي آءِ ڊي ۾ نالو نہ اچي وڃي. هو شخص سرڪار جي زبردست مخالفت ڪندڙ آهي،

سدائين جيل ۾ هوندو آهي، پر مجال آهي جو پرواهہ هجيس. هو اچي ٿو سڀ ڪيس ملڻ لاءِ اٿي بيهن ٿا. سيني مهمانن مان هن جا ئي ڪپڙا پراڻي اسٽائيل جا آهن. اهوئي جهوني زماني جو سوٽ ۽ چاليهہ سال پراڻي ٽاءِ. هو سنڌ جي مشهور هستي آهي. هن جو اخلاق اعلا آهي، هن ڪڏهن بہ ڪو ڪڌو ڪم نہ ڪيو آهي، هن ڪڏهن بہ جيپ ڏيئي اسان وانگر ڦرتي نہ ڪاڏي آهي، هن سدائين ظلم جي خلاف جهاد ڪيو آهي. هن جي اڳيان ڪڏهن بہ ذاتي مفاد نہ رهيو آهي.

هو رڳو حڪومت جو جذباتي مخالف ڪونهي، رڳو گاريون ڏيئي نہ ڄاڻي، هن وٽ ظلم جا انگ اکر آهن، ثبوت آهن، هر ظلم هو تفصيل آهي، هو اسان جو سچوءِ صحيح معني ۾ اڳواڻ آهي، پر اسان نياڳن ڪڏهن بہ هن کي چونڊڻ ۾ سوپارو ٿيڻ نہ ڏنو آهي. اسين حڪومت جا چمچا سندس دل ۾ تہ عزت ڪندا آهيون پر ٻاهران حڪومت کي ڏيکارڻ لاءِ گاريون ڏيندا آهيون. آئون بہ سرندي سرندي هن جي ويجهو پهچان ٿو، ڊپ ٿو ٿئيم تہ جي گهڻي دير ڳالهائيندو سانس تہ مٿان منهنجائي چمچا ساٿي نہ وڃي مٿي ڪن پرين ۾ منهنجا ترا ڪڍي ڇڏين.

آئون سندس طبيعت جي باري ۾ پڇان ٿو ۽ هو مرڪي مون کان حال احوال وٺي ٿو. هن کان پهرين رڳو آئون سندس عزت ڪندو هوس پر اڄ جڏهن منهنجي ضمير جي ٿوري اک کلي آهي تہ هو ايئن لڳي رهيو آهي ڄڻڪ فرشتو هجي. دل پيئي چئي: "اهو اٿئي اهو ماڻهو جنهن سان تنهنجي سنڌ جو ڀاڳ لڪيل آهي. ڪمال آهي تو هن کي پهرين نہ سڃاتو!" دعوت نہ هجي ها تہ آئون سندس پيرن ۾ ڪري پوان ها ۽ چوانس ها تہ "سائين اسين سڀ تنهنجي پنيان آهيون." پر منهنجي ڪانئر دل ۾ اها همت ڪانهي.

هو مرڪي مون ڏانهن نهاري ٿو ۽ پڇي ٿو تہ آئون اڄڪلهہ ڪيئن آهيان. آئون جواب ۾ ڪجهہ چوان ٿو، پر سندس مرڪ ۾ اڄ عجيب چقمق جهڙي چڪ ڏسان ٿو اڄ پهرين ڀيرو مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ سهڻي مرڪ رڳو سهڻي وڻيءَ جي ئي نہ ٿيندي آهي. ملوڪ ترين زالون پنهنجي ملڪ جون هجڻ يا ولائتي مدمون، ڏڪ گهڻ سيني قسم جي زالن سان ويجهو واسطو رهيو آهي . ۽ سندن مرڪ هميشہ لاءِ نہ تہ ڪجهہ وقت مون لاءِ مخصوص رهي آهي. پر آئون دعوا سان چوان ٿو تہ ڪابہ مرڪ ايتري موهيندڙ نہ هئي، جيتري هن شخص جي مرڪ آهي. هن مرڪ جي پويان آئون سنڌ کي مرڪندوڏسي رهيو آهيان ۽ اسين ڪيترا نہ ظالم آهيون جو اسان ڪيس ڏک ڏيئي سندس مرڪ کسيندا رهيا آهيون. هو سنڌ جو اهڃاڻ آهي، اسان هن جي مرڪ نہ پر سنڌ جو

اهڃاڻ ڪسي ورتو آهي. منهنجي ويچارن جو سلسلو ٽٽي پيو ته. آئون پڇانس ٿو ”هن اليڪشن جون تياريون آهن ؟“
هن کان ٺهڪ نڪري وڃي ٿو ”اليڪشن ۾ آئون.“
هن جي لهجي جو درد آئون محسوس ڪريان ٿو. ”آئون اليڪشن ۾ ڪٿي ٿو ڪٽان پر آئون جيڪڏهن ان وقت جيل ۾ هوندس ته به فارم ضرور ڀريندس ، اهو منهنجو حق آهي.“
آئون ڪانئس هڪڙو سوال پڇان ٿو. مون رڳو اسيمبليءَ ۾ هڪ پيرو پاٽيءَ جي مسئلي تي به ٿي ٻول چيا هئا، ته چوندو هئس مون سنڌ جو مسئلو پيش ڪيو آهي، انهيءَ ڪري مون کي ٻيهر به چونڊيو وڃي ، اهو قوم جو فرض آهي. ”اوهان هيترا پيرا جيل ۾ ويا، هيترا مضمون لکيا، هيتريون تقريرون ڪيون، پر توهان چونڊن ۾ ڪڏهن سوڀارا نه ٿيا. اوهان کي ڪاوڙ ته ڏاڍي ايندي هوندي.“
اوهان غلط سمجهيو. آئون هي مسئلا ۽ هي تقريرون جو عوام جي آڏو ڪندو آهيان، اهو منهنجو فرض آهي ۽ منهنجو چونڊن ۾ بيهڻ جو مقصد به اهو هوندو آهي ته جيئن اهي مسئلا اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري سگهان ته جيئن مسئلا حل ٿي سگهن. پر جيڪڏهن چونڊن ۾ سوڀارو نه ٿيان، ته انهيءَ جو مطلب اهو ڪونهي ته تقريرون ڪرڻ بند ڪري ڇڏيان يا مضمون نه لکان. منهنجو هڪ سنڌيءَ جي حيثيت سان فرض آهي ته ڪوبه ظلم يا مسئلو هجي ته ان کي سرڪار جي آڏو پيش ڪريان. چونڊن ۾ ڪٽڻ يا نه ڪٽڻ منهنجو مقصد ڪونهي.“
هن اها ڳالهه پوري ڪئي ته مون کي وري پاٽيءَ وارو مسئلو ياد اچي ويو جڏهن منهنجو فصل سڪڻ لڳو هو ته مون اسيمبلي ۾ رڙيون ڪيون هيون. هو ٿوري دير ترسيو. ”توهان ته اليڪشن ۾ بيهو پيا نه ، ڪيئن آهي پوزيشن ؟“ هن مون کان پڇيو
مون سندس سوال اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي جذبات جو اظهار ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نه سگهيس. ”اوهان کي هن ڀيري بيهڻو پوندو. توهان کي لکن ۾ پئسا به خرچ ڪرڻا پوندا. هن ڀيري اليڪشن جو خرچ اسين ڀريندا سون. وقت گهٽجي رهيو آهي. توهان جو ڪٽڻ بنهن ضروري آهي. لک به لک ، ٽي لک سڀ آئون ڏيندس. آئون پنهنجي اليڪشن تي پنج لک رپيا خرچ ڪري سگهان ٿو، ته اوهان لاءِ ڇو نه .“
هو اچرج سان مون ڏانهن نهاري رهيو آهي. منهنجو بدن ڏڪي رهيو آهي، هو منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي ٿو.
مون کي خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي. آئون وري ڳالهائڻ لڳان ٿو. ”مِل جو اسين وڪيو هوم، اٺ لک رپيا مليا اٿم.“
هو نيٺ ڳالهائي ٿو ”پر تون ته پاڻ قرض ۾ ٻڏل آهين. ڀهرين قرض لاهه ، پوءِ جي جيئرو رهيس ته ٻي اليڪشن ۾ مدد ڪجان.“ آئون سمجهان ٿو ته هو ٽارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ”تنهن کان سواءِ آئون سرڪاري زمين جي نيڪاليءَ جي باري ۾ هڪ پئمفلٽ لکي رهيو آهيان. سو هفتي کن ۾ تيار ٿي ويندو ۽ جڏهن چونڊن جو وقت ايندو تڏهن ان پئمفلٽ جي ڪري آئون اڳيئي جيل ۾ هوندس!

نہ ، نہ ، هاڻي پئمفليٽ نہ پبلش ڪريو. سرڪاري زمين ڪان وڌيڪ ضروري، توهان جو اسيمبليءَ ۾ وڃڻ آهي: هن پيري سنڌ جي بقا جو سوال آهي. ائين ٿهندو، اسان کي پنهنجا حق آئين ۾ وٺڻا پوندا. توهان کي اليڪشن ۾ بيهڻو پوندو، توهان کي هينئر اهو پئمفليٽ نہ پبلش ڪرائڻو آهي. توهان کي چونڊڻ ۾ بيهڻو پوندو. اهو منهنجو عرض ۽ سنڌ جو حڪم آهي ، توهان کي مڃڻو پوندو.“

هو سانت سان پولار ۾ تڪڻ لڳي ٿو. هن جي سانت ۾ رضامندي آهي. منهنجي دل تکي تکي ڌڙڪڻ لڳي ٿي. دل مان آواز اچي ٿو ”هن تنهنجي آڇ قبول ڪري ورتي! هن تنهنجي آڇ قبول ڪري ورتي! هن تنهنجي آڇ قبول ڪري ورتي.“

مون کي ويساھ نہ ٿو اچي، مون کي محسوس ٿو ٿئي تہ منهنجا سپ گناھ ڌوپجي ويا آهن. مون تان غداري جو داغ ميٽجي ويو آهي، چئني پاسن کان پڙاڏي ۾ جهٽڪ آواز پيو اچي. هو اليڪشن کٽي ويو آهي_ هن پيري کٽي ويو آهي. آواز وڌندو وڃي ٿو. چيڪاٽ جو آواز اچي ٿو. دري هوا جي زور تي ٺڪاءُ ڪري بند ٿئي ٿي ۽ منهنجي ڪرسي پٽ تي ڪري پوي ٿي ۽ آئون ڪپڙا ڇنڊي اٿي ٿو بيهان. اتر کان سياري جي ٿڌي هوا لڳي رهي آهي. سج سامهون گهر جي پويان لڪي چڪو آهي. آئون اڪيون مهتي رهيو آهيان، سامهون امان بيٺي آهي.

ڌڪ تہ ڪونہ لڳئي؟ “ هوءَ پڇي ٿي. ”ويٺي ويٺي ڪري پئين.“

آئون ڦڪو ٿي مرڪي ٿو ڏيان. ”ڌڪ تہ ڪونہ لڳو پر اها ھڪڙي ئي آرام ڪرسي هئي سا بہ ڀڄي پيئي. بابا جي يادگيري هئي.“

امان ٿوڪ ڀرئي لهجي ۾ چوي ٿي، ”چڱو ٿيو تہ اها ڪرسي ڀڳي. ماڻهو رات جو خواب ڏسن ۽ تون هن ڪرسي تي ليٽيو ليٽيو ڏينهن ڏٺي پيو خواب ڏسين. خبر ائئي گيھ بہ ختم ٿي ويو آهي ، اٽو بہ ڪونهي ، اڄ رات ماني ڪيئن پچندي ؟“

'اٽو تہ پاڙي مان ئي ڪٽي وٺو، باقي گيھ اوڌر تي وٺيو ٿو اچان.“

امان چپ چاپ وٺو آٽي تي ڏي، ويچاري ڪابہ شڪايت نہ ٿي ڪري، هن حالت تي هري ويئي آهي. .

آئون وٺو وني ٻاهر ويندي ويندي امان کي چوان ٿو: ”امان ڪيترا بہ اسين غريب ڇو نہ سهي، پر اسين اهو ڪجھ سوچي سگهون ٿا، جو امير بہ سوچي نہ ٿا سگهن. امان ، هي پير ، وڏيرا ۽ زميندار ڏاڍا نياڳا اٿو، جو هو ڪجھ ڪرڻ تہ نهيو، پر ڪجھ سوچي بہ نہ ٿا سگهن. آئون ٻاڳن وارو آهيان، آئون وڏو ماڻهو آهيان.“ ائين چئي آئون ٻاهر وڃڻ لڳان ٿو.

پويان امان جو آواز اچي ٿو ” تنهنجيون اهي ابتيون ڳالهيون مون کي تہ سمجھ ۾ نہ ٿيون اچن. الائي ڇا پيو سوچين!“

امان جو پلا ڪھڙو ڏوھ، امان کي ڪھڙي خبر تہ آئون ڇا سوچي رهيو هوس.

# تڪي اسٻ تڏي ڇانوَ

هن کي اڄ پئسن جي ڏاڍي لوڙ هئي. ٻيون کي حالتون هجن ها ته هو ماٺ ڪري ويهي رهي ها. ڪتي شاديءَ لاءِ ويٺو هجيس ها ، ته نه وڃي ها. ڪا شيءِ وٺي هجيس ها ته نه وٺي ها. ڪنهن کي قرض موٽائي ڏيٺو هجيس ها ته گهر ۾ منهن لڪائي ويهي رهي ها. جي سندس حياتي خطري ۾ هجي ها ، ته به هو ڪجهه نه ڪري ها. پر هتي ته سندس ٻارن جي جيون جو سوال هو. ٻابليءِ کي تپ هو، ۽ انوءَ کي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ لاءِ پئسا گهربل ها.
هڪ ئي وقت ٻه ٻه ضرورتون ئي غريبن کي گهيريندڙيو آهن. ٻابليءَ جو ڏيان ايندي ئي هن کي گهبراهٽ ٿيڻ لڳي ڪيس محسوس ٿيڻ لڳو ته هن جي دل ٻيهڻ لڳي هجي. هن ته سمجهيو هو ته معمولي تپ هوندو، پر جڏهن هو ڊاڪٽر وٽ پهتو ته سندس تاڪ لڳي ويا . ڊاڪٽر جڏهن ڪيس ٻڌايو ته ٻاليءَ؟؟؟ کي مدي جو بخار آهي ته هو ڏڪ گهٽ ڏڪي ويو . ۽ وري جڏهن ڊاڪٽر ڪيس دوائن جي لسٽ لکي هٿ ۾ ڏني ته هن کي ٻابليءِ جي بيماريءَ سان گڏ، پنهنجيءَ حالت جو به ويچار اچي ويو. اسپتال کان ٻاهر نڪرڻ لڳو ته ڪيس پنهنجو جسم جنسي ٻرندو محسوس ٿيو ۽ هو ٻاهر وڃڻ بدران وري ڊاڪٽر وٽ موٽي ويو ۽ پنهنجي لاءِ به دوا وٺي آيو. ٻابليءَ لاءِ ڊاڪٽر جي تاڪيد ته "دوا هينئر کان ئي شروع ڪجانءِ" هن جي دماغ تي هر هر متڙڪي وانگر ڏڪ هڻڻ لڳي.
هو ٻابليءِ کي ڪڇ ۾ کڻي ٻاهر نڪتو. دوائن جو ڪاڳر هن جي هٿ ۾ هو. هن کي دل ئي دل ۾ ڊاڪٽر تي رشڪ اچڻ لڳو.... ڪاش، مان به ڊاڪٽر هجان ها ته پنهنجن پراون جي دوا درمل ته ڪريو وينو هجان ها! دوا____ ها،
دوا.... ٻابليءِ جي دوا ڪٿان ايندي؟ هن جو ويچار پنهنجي خالي کيسي ڏانهن ويو. اڄ ايڪيهين تاريخ هئي ۽ آخري تاريخن ۾ پئسا نه هئڻ ڪا نئين ڳالهه ته ڪانه هئي پر ٻابليءِ جي بيماري کيس ڳڻتيءَ وند ڪري وڌو هو. انو اڳي ئي داخلا لاءِ پئسا گهري رهيو هو. اڄ هن کي وٽيءِ تي به ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هو کيس ڏاڍي ڏاهي سمجهندو هو ۽ فخر سان دوستن ۾ ڳالهه ڪندو هو ته سندس وني محنتي آهي ۽ اهڙي ڏکي حالت هوندي به ڪجهه پئسا بچائي ويندي آهي هو بي-اي پاس هو. پر پئسا ميڙڻ نه آيس سو نه آيس. پر سندس وني رڳو مئٽرڪ هوندي به گهٽ ۾ گهٽ پئسن بچائڻ ۾ هن کان وڌيڪ سمجهه واري هئي. پاڻ چوندو هو، تعليم کان وڌيڪ ماڻهو کي پنهنجي سمجهه ضروري آهي. پر هن ڀيري ته هن کي پنهنجيءَ وٽيءَ تي به ڏاڍي ڪاوڙ آئي. انهيءَ جو ڪارڻ هو ته انوءَ کي داخلا لاءِ ڏيڍ سوءِ روپين جي ضرورت هئي. انو مئٽرڪ ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيو هو ۽ هن کي ايتري ئي خوشي ٿي هئي جيتري انوءَ جي پيدا ٿيڻ مهل. رزلٽ ٻڌي، هن خوشيءَ سان وٽيءِ کي چيو هو:
"هاڻي پنهنجا اهنج سڀ دور ٿي ويندا. پنج ست سال ٻيا ڪڍي وٺ ، پوءِ ته پنهنجو انو انجنيئر ٿيندو ۽ اسين مزا ڪنداسون. بس ، پوءِ ڪا به ڳڻتي نه رهندي" ۽ جڏهن انوءَ داخلا لاءِ پئسا گهريا

هئا تہ هن جو منهن ئي لهي ويو هو. هن وٽ تہ ڏهہ رپيا بہ ڪين ها ۽ هو ڏيڍ سو رپيا گهري رهيو هو. پر هن کي اميد هئي تہ جوٽس پئسا بچائي رکندي آهي سو ضرور هن وٽ هوندا. ۽ هن جڏهن جوٽس کان پئسن جي باري ۾ پڇيو تہ هن جو جواب ٻڌي، هن کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو تہ هن جهڙي بيوقوف ٻي ڪا وني ڪانهي. جوٽس چيو هو: ”گهٽا پئسا ڪپن اوهان کي؟ ويهہ رپيا ڪن پيا اٿم.“

هن اها وراڻي ٻڌي سوچيو هو تہ هو ڪيس ڏک هٽي ڪڍي. هن پنهنجي جوکائيءَ جي ڪسر هن مان ڪڍڻ چاهي. ”تون تہ ڏاڍا پئسا بچائي رکندي آهين. پر خبر پئي تہ تون بہ ڪا ٻنه هٿ ڦاڙ آهين.“ هن جي لهجي ۾ ٽوڪ جو انداز ظاهر هو. هن کي ائين چوندي محسوس ٿي ڪونہ ٿيو تہ هن جو پگهار رڳو اڍائي سو رپيا آهي، جنهن ۾ اڄڪلهہ ڇئن ڀاتين جو گذران ڪرڻ طوفان ۾ ٻيڙي هلائڻ وانگر آهي.

پنهنجي اهڙي حالت ڏسي ، هن سوچيو تہ انو جيڪڏهن فيل ٿئي ها تہ ڪيترو نہ چڱو هو. حالتن هن کي ائين سوچڻ تي بہ لاچار ڪري ڇڏيو. انوءَ جي پاس ٿيڻ جي خوشي ايتري مختصر ٿيندي ، تنهن جو هن کي وهم گمان بہ ڪونہ هو. غريب جي حياتيءَ ۾ خوشيءَ جا وجهہ ايترا تہ گهٽ ۽ مختصر ٿين ٿا جو جيسين هو خوشيءَ جي هير جو پهريون جهوٽو محسوس ڪري، ڏکن جون لُڪون لڳ ساڙيو وجهن.

۽ اڄ هن کي ڪنهن بہ حالت ۾ پئسا هٿ ڪرڻا هئا. انوءَ جي داخلا تہ ڪڏ ۾ پئي پر هينئر ڪيس رڳو بابليءَ جو ئي الڪو هو. هن کي ان لاءِ سؤ ڪن رپين جي ضرورت هئي. هو ڪيتريءَ دير تائين گهر اهو ئي سوچيندو رهيو.

قرض ئي هن لاءِ واحد واٽ هئي. هو هميشہ ضرورت وقت مشتاق کان ئي قرض وٺندو هو. مشتاق هن جو جگري دوست هو. هو زميندار هو ۽ پئسي وارو هو. هن هميشہ ضرورت وقت مشتاق جو ئي سهارو ورتو هو. ”قرض وٺڻ سچ تہ دنيا جو سڀ کان ڏکيو ڪم آهي. هڪ خوددار ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي ئي دوست کان قرض وٺڻ خود داريءَ جو آپگهات آهي. ۽ هو پنهنجي خود داريءَ جو آپگهات اڄ کان گهٽا سال اڳ ڪري چڪو هو. تنهن کان پوءِ هو لڳاتار آپگهات ڪندو رهيو. هن جڏهن شادي ڪئي هئي، تہ مشتاق کان ئي قرض ورتو. هن کي ان مهل اها اڻ ٿيڻي نظر ٿي آئي تہ هو بہ ڪنهن کان ايتري اوڌر وٺي سگهي ٿو. هن سنهن ڪنيو هو تہ هن حياتيءَ ۾ رڳو اهو ئي هڪ ڀيرو قرض ورتو آهي، وري ڪڏهن بہ نہ وٺندو. پر هڪ غريب ماستر، ٻارن ٻچن هوندي ، ڪيستائين پاڻ کي قرض کان آجو رکي سگهيو ٿي؟ جڏهن سندس ماءُ گذاري ويئي تہ ڪيس پنهنجو سنهن ٽوڙڻو ئي پيو. سنهن ڪو هن جي ماءُ کان وڏيڪ ڪونہ هو. ۽ ٻيو ڀيرو مشتاق کان قرض وٺڻ ايترو ڏکيو نہ هو جيترو هن کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو هو. ٻيو ڀيرو هن قرض ورتو ؛ ۽ پوءِ ٽيون ڀيرو؛ چوٿون ڀيرو ؛ ۽ پوءِ هن جي حياتي قرض تي ئي ٻڌل رهي پهرين ڀيري کان ٻيو ڀيرو ۽ ٻئي کان ٽيون ڀيرو قرض وٺڻ ، هن کي نسبتن سولو لڳو. مشتاق کان سواءِ هو پنهنجي هڪ ٻن ٻين دوستن کان بہ قرض وٺڻ لڳو

... پر اج بابليءَ جي دوا ۽ انوءَ جي داخلا لاءِ هن کي گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سو کن رپين جي لوڙ هئي. هن جون وکون مشتاق جي گهر طرف وڌڻ لڳيون. هو سچي واٽ مشتاق بابت سوچيندو رهيو. مشتاق ڪيڏو نہ مهان آهي. دوستن جي لاءِ هن زماني ۾ نعمت آهي. هن سوچيو جيڪڏهن مشتاق نہ هجي ها تہ سندس الائي ڪهڙا حال ٿين ها. هو سندس احسان حياتيءَ پر نہ ٿو لاهي سگهي. مشتاق هر مهل تي سندس مدد ڪئي آهي: ۽ هن ڀيري بہ هو ضرور مدد ڪندو. انهن ئي ويچارن ۾ هو مشتاق جي گهر تائين پهچي ويو.

”مشتاق، چڱو ٿيو جو تون گهر تي ملي وئين.“ هو مشتاق کي گهر تي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

”آهي تہ سڀ خير نہ ؟“ هن جي پريشان چهري کي ڏسي، مشتاق پڇيو.

'بس، يار، بابليءَ کي تپ ٿي پيو آهي ڊاڪٽر چئي ٿو ٽائيفائيڊ اٿس“

”اوهو! خدا خير ڪري. هاڻي ڪيئن آهي؟“

ايترو تکو تپ تہ ڪونہ اٿس، انهيءَ لاءِ ئي آيو هوس ڪجھ پئسا کپندا بابليءَ جي دوا لاءِ... ۽ مٿان وري انوءَ جي داخلا جي آخري تاريخ بہ اچي مٿان بيٺي آهي. ان جي داخلا لاءِ بہ ڪجھ...“

هن جملو اڌ پورو ڪري مشتاق ڏانهن نهاريو. مشتاق ڪجھ دير سانتيڪو رهيو. ڪجھ سوچيندو رهيو. پوءِ چپن تي ٿوڙي مرڪ آڻيندي چوڻ ”لڳو: ٻڌ يار، اڄڪلھ منهنجي بہ حالت خراب آهي... پر گهڻا کپنئي؟“

'”مڙئي اڍائي سو کن. سؤ کن رپيا دوائن لاءِ ۽ ڏيڍ سؤ انوءَ جي داخلا وغيره لاءِ“

ڪجھ دير وري سانت رهي: مشتاق ڪجھ سوچيندو رهيو: ۽ ائين هڪدم چوڻ لڳو جڻ ڪا ڳالھ سار اچي وئي هجيس ”هيئن ڪر يار، رات جو اچجانءِ. ائين ڏاري : هڪڙي هنڌان پئسن ملڻ جو آسرو آهي. گهبراءِ نہ سڀڪجھ ٺيڪ ٿي ويندو. هينئر تہ مون وٽ اتفاق سان ويهارو کن رپيا مس آهن. بس يار، ڪڏهن ڀريءَ ۾ تہ ڪڏهن ڀاڪر ۾ هڪڙي هنڌ پئسا ڏيڻا هئم. سو هينئر پائي بہ ڪانهي بچي.“

مشتاق جي واتان آهي اکر ٻڌي، هن کي ائين لڳو جڻ سندس سرير کي باھ وڪوڙي وئي هجي ، ۽ هن مشتاق جي ٻولن مان ڪوڙ جي بوءِ سونگهي ورتي. هن مشتاق جي منهن ۾ نهاريو. جيڪو هڪ گهڙي اڳ کيس فرشتي وانگر نظر اچي رهيو هو. مشتاق ۾ وٽس رڳا ويھ رپيا پيل هجن!

سندس دل اها ڳالھ . ڪنهن بہ حالت ۾ مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي، هن کي حياتيءَ ۾ شايد ايترو ڏک ڪڏهن ڪونہ پهتو هو جيترو مشتاق جي وراڻي ٻڌي کيس پهتو هو. هو سوچڻ لڳو:

ڇا مشتاق بہ دوستيءَ ۾ دوکو ڏيئي سگهي ٿو؟ “ کيس ان جي آس بنھ ڪانہ هئي. هو تہ هن ڀيري مشتاق ۾ وڏي اميد رکي آيو هو: ۽ مشتاق بہ اڳي ڪڏهن ائين ڪونہ ڪيو هو. پر...هن مشتاق سان هٿ ملايو. ۽موڪلائي گهر طرف هلڻ لڳو. هن جو اڄوڪو ڏينهن شايد حياتيءَ جو بدترين ڏينهن هو. هن کي هاڻي اهو ويچار نہ هو تہ بابليءَ جو ڇا ٿيندو يا انو کي داخلا ڪيئن ملندي پر هينئر هن کي ان جي عيوض دوستيءَ جي آدرش ٽٽڻ جو ڏک هو جيڪو هن آرزوئن ۽ احساسن سان ٺاهيو هو، ۽ جيڪو دوست جي هڪڙي تکي ٻول جي تيشي سان ڪري اچي پٽ تي پيو هو.

هو سوچ ۾ ويچارن ۾ ٻڏل ، گهر ڏانهن هلندو رهيو. هن کي هڪ هڪ وک کڻڻ اوکي ٿي پئي جڻ ڪنهن سندس پيرن ۾ سنگهرون وجهي ڇڏيون هيون. هو دوستن کي حياتيءَ جي ڪاڙهي تتل واٽ تي ٻيٺل وڻن وانگر سمجهندو هو, جتي واٽهڙو ٿوريءَ دير لاءِ ساهه پٽيندو آهي ۽ وري نوبنو ٿي ماڳ ڏانهن هلڻ لڳندو آهي. رستي تي ٻيٺل وڻن جي ڇانو نه هجي ته واٽهڙو اڌ واٽ تي ئي اس ۾ لڪن ۾ سڙي مري وڃي. پر اڄ هن کي محسوس ٿيو ته وڻن جا پن ڇڻي چڪا هئا, ۽ خودغرضيءَ جي تکي اس انهن جي ڇانو کي ڳيهي وئي هئي. مشتاق هن جو دوست هو ۽ هو ان کي ائين ٿاري ڇڏيندو, سو هن جي وهم ويچار ۾ به ڪونه هو.

هن جي ذهن تي طرح طرح جا ويچار تري آيا. "مشتاق ائين ڇو ڪيو؟ شايد مون مان ڪڪ ٿي ويو هوندو. آئون هن جا پئسا ڪائي ته ڪونه ويٺان ها, باقي واپس ڏيڻ ۾ ڪٿي ڪا دير ٿئي ها, آخر ته دوست هئا سين ، ۽..." وري هن کي سار آئي: "ها, پوئين پيري مهيني لاءِ سؤ رپيا ورتا هئا مانس, ۽ ٽن مهينن ۾ موٽايا مانس شايد ان ڪري هن پيري لنوائي ويو."

وري هن کي ڪجهه سار اچڻ لڳي: "مشتاق وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي. ننڍي هوندي گڏ پڙهيا هئاسين, سو مڙيئي ملندو اچي, باقي هو وڏن ماڻهن سان گهمي سو مون مان پڪ ڪڪ ٿي پيو هوندو. هن پيري پئسا نه ڏيئي, مڙئي هميشه لاءِ جند ڇڏائڻ ٿو گهري." هاڻي هوريان هوريان هن جو ذهن مشتاق جي طرفان بدظن ٿيندو ويو. هن کي سار اچڻ لڳي ته جيڪڏهن مشتاق هن تي ٿورا ڪيا آهن ته هن وسان ڪونه گهٽايو هو. هن به ته مشتاق لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو جو هڪ دوست کي ڪرڻ کپندو هو. ۽ هاڻي هو اُهي مهربانيون ياد ڪرڻ لڳو جي هن مشتاق تي ڪيون هيون, جيڪي پهرين هن کي سار به ڪين هيون. دوستن جي وچ ۾ ته ڪو ليکوئي ڪونه ٿيندو آهي. اهو شايد دستور آهي ته دوستن جون هڪ ٻئي تي ٿيل چڱايون سار نه رهنديون آهن, ڇو جو اهي چڱايون ۽ احساس دوستن جي وچ ۾ عام ڳالهه هونديون آهن; ۽ عام ڳالهه جي سار ڪانه رهندي آهي.

هن کي هڪڙو واقعو ياد آيو. اهو شايد آچر جو ڏينهن هو. اوڏي مهل سادا نو ڪن ٿيا هئا, ۽ ڏهين بجي هن کي رئيس علي مراد سان ملڻ لاءِ وڃڻو هو. سال کن بيڪار رهڻ کان پوءِ هن کي مس مس نوڪريءَ جو آسرو مليو هو. هو ڪيترو نه خوش هو تنهن ڏينهن. اجان هو گهر مان نڪرڻ وارو هو ته مشتاق اچي پهتو.

"يار مون کي پڪ هئي ته گهر هوندين" مشتاق هن کي ڏسي, ٽڏو ساهه پريندي چيو.

"ڇو خير ته آهي ؟" مشتاق جي منهن تي گهبراهٽ جا آثار ڏسي, هو به ڳڻتي وند ٿي پيو.

مشتاق رومال سان منهن تان پگهر اگهيو ۽ هن جي ڪلهي تي هٿ رکندي چوڻ لڳو ته: "ڏاڍي گهبراهٽ پئي ٿئي. الائي ڇا پيو محسوس ٿئي . ائين ٿو معلوم ٿئي ته دل ٿي ٻڏي. گهر ۾ آرام ئي ڪونه آيو. گهبراهٽ ايتري ته وڌي ويئي جو تو وٽ هليو آيس."

هن کي خبر هئي ته مشتاق کي ڊپريشن ٿيندي هئي ۽ دل ٻڏڻ لڳندي هئي. اڪيلي رهڻ ڪري هن جي ذهن تي عجيب عجيب ويچار ايندا هئا. ڳڻتين ۽ پريشانين جي ڪري ننڊ ڦٽي ويندي هئي, ۽

هو پنهنجي دل ٻڏندي محسوس ڪندو هو. اها ئي ڳالهه هئي جو جڏهن به هن جي دل گهٻرائيندي هئي تہ هو هڪدم دوستن سان ملي دل وندرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

”تون ڪيڏانهن وئين پئي ڇا؟“ مشتاق هن کي تيار ٿيل ڏسي پڇيو.

”جي؟ نہ نہ ، مان تہ ائين تيار ٿيو وينو هئس.“ هن ڪوڙ ڳالهائيندي هن کي آٿت ڏني. وري ٿوري دير ترسي چوڻ لڳو: ”پر يار، تون گهٻرائين ڇو ٿو. هر وڏيرو دل جو روڳ کٽي لڳايو اٿئي. رات متان گهڻو کائڻ ڪري بدهاضمو ٿيو هجنئي، ۽ پوءِ گئس جي چڙهڻ ڪري دل تي اثر ٿيندو هجي.“ هو مشتاق کي آٿت ڏيڻ لڳو. هو دوست جي الڪي ۾ پنهنجي خوشي بہ وِساري وينو. هن سوچيو: نوڪري پوءِ بہ ملي ويندي، هن وقت مشتاق کي سنڌس ضرورت آهي.

پوءِ هو سڄو ڏينهن مشتاق سان گڏ رهيو. هو سڄو ڏينهن گهمندا رهيا، ۽ جڏهن مشتاق جي طبيعت بهتر ٿي تہ هو ڪيس گهر ڇڏي آيو. هو ٻئي ڏينهن رئيس علي مراد جي گهر پهتو تہ معلوم ٿيو تہ رئيس صبح سوير ڪراچي وڃي چڪو هو، جتان هو ٻئي ڏينهن يورپ لاءِ روانو ٿي ويو_ ۽ هو ائين ئي بيڪار رهجي ويو! پر هن کي انهي جو ڪڏهن افسوس نہ رهيو. ”دوستن جي مٿان جان قربان آهي اها تہ خسيس نوڪري هئي.“

۽ هاڻي اهو دوست ٻن سون رپين جي خاطر ائين رخ بدلائيندو سا ڳالهه هن جي وهم گمان ۾ بہ ڪانہ هئي. هن کي مشتاق تي ڪيل پنهنجي هڪ مهرباني تہ سار رهي هئي ،

پر مشتاق جون مٿس ڪيل سؤ مهربانيون سار نہ رهيون. شايد اهو دستور آهي تہ ڏهہ احسان ڪري، پوءِ ڪو يارهون احسان نہ ڪري سگهي تہ گذريل ڏهہ احسان بہ ڏوپجي ويندا آهن.

هو سڄي شام سوچيندو رهيو. مشتاق چيو هو تہ رات جو ائين بجي تائين هو ڪوشش ڪري هن کي پئسا هٿ ڪري ڏيندو. پر ڪيس پڪ هئي تہ هي مشتاق جو هڪ بهانو هو. رات جو وري چوندو، ”يار، مون ڏاڍي جاکوڙ ڪئي، پر پئسا هٿ اچي نہ سگهيا.“ هن کي ائين لڳو تہ مشتاق سچ پچ اهي ٻول چئي رهيو هجي. هو سوچيندو رهيو تہ مشتاق وٽ وڃي يا نہ وڃي. رگو انوءَ جي داخلا جي ڳالهہ هجي ها تہ بہ هو پرواهہ نہ ڪري ها، پر هتي تہ بابليءَ جي حياتي جو سوال هو. ڊاڪٽر تہ چيو هو تہ اڄ کان ئي دوا کارائڻ شروع ڪجان. پر مشتاق جو هن کي ڏڪ هنيو هو، تنهن ڪيس لوڏي ڇڏيو هو. ٻين دوستن کان تہ اڳي ئي قرض ورتل هوس. هو سوچيندو رهيو.... ۽ هڪ ويچار ايندي ئي، هن جو منهن خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳو.

چٽڪ هن جو مسئلو حل ٿي ويو.

احمد علي بہ تہ هن جو ۽ مشتاق جو دوست هو. شاهوڪار هو. هو هن جي ضرور مدد ڪندو. جيتوڻيڪ هن احمد عليءَ کان ڪڏهن اوڌر نہ ورتي هئي پر هينئر حالتن هن کي اهو ڪرڻ تي بہ لاچار ڪري وڌو. گهٽ ۾ گهٽ مشتاق وٽ وري وڃڻ کان تہ بهتر آهي تہ هن ڀيري احمد علي کان ئي قرض وٺجي. هن سوچيو ۽ جيڪو ماڻهو هڪ دوست کان قرض وٺي سگهي ٿو تنهن لاءِ ٻئي دوست کان قرض وٺڻ ڪا ڏکي ڳالهہ ڪانهي. هن مشتاق جو ويچار لاهي، احمد عليءَ جي گهر ڏانهن رخ رکيو.

احمد علي بہ ٻاڳن سان گهر تي موجود هو. ڪيتري دير تائين هن کان مطلب جي ڳالهہ وات مان نہ نڪري سگهي. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي، نيٺ هن مطلب جي ڳالهہ زبان تي آندي:
”هڪڙو ڪم هو. پر ڇوڙ مون کان نہ ٿو پڇي . مون اصل ۾ يار، تو کي ڪڏهن اهڙو ڪم چيو ڪونهي. الائي تون ڇا سمجهندين.“ هن شروعات ۾ همت نہ ساري.
”يار ڇئي ڏي، دوستن جي وچ ۾ حجاب ڪهڙو. منهنجي هٿ ۾ هوندو تہ ضرور ڪندس.“
هو ٿورو هٻڪيو، ڪنڌ موڙي، هن احمد علي کان اکيون ڦيرائي پريان نهاريو ۽ هوريان سان چيو:
”مون کي ڪجهہ پئسا کپن. بہ سؤ رپيا کن.“
هو مس مس اهي ٻول وات مان ڪيڍڻ ۾ سڦل ٿيو. هن احمد عليءَ جي وراڻي ٻڌڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪيو. هن سوچيو شايد احمد علي وراڻي نہ بہ ڏئي، ۽ چپ چاپ اندران وڃي بہ سؤ رپيا ڪڍي اچي. پر هن پاسي بہ سانت رهي. هن احمد عليءَ ڏانهن نهاريو. احمد عليءَ جو آواز هن جي ڪن تي پيو:
”يار، عجب اتفاق آهي. ٿوري دير ڪيئي، صبح جو اچين ها تہ ڪجهہ ٿي وڃي ها شام جو هڪڙو دوست آيو. انهيءَ کي بہ اتفاق ڏس پورن بہ سون رپين جي ئي ضرورت هئي مون وٽ هئا ئي ايترا، ڏئي ڇڏيا مانس. پر ٻڌ، سياڻي تائين ڪري ڏيندو سانءَ ۽...“
هو اهو جواب ٻڌي، پنڊ پهڻ ٿي ويو. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ هر ويرو هن احمد عليءَ وٽ اچي پنهنجي بيعزتي ڪرائي. هڪڙي ڏينهن ئي ان کي بہ جهٽڪا لڳندا، تنهن جي هن کي اميد ڪانہ هئي. احمد علي بہ ڪوڙ ڳالهائي پنهنجي جان ڇڏائي. هو ڏک گهٽ پنهنجي هوش ۾ نہ رهيو. هن جي لاءِ دوست ئي سيڪجهہ هئا، اها ئي هن جي لاءِ هاڻي ڪجهہ بہ ڪين هئا. هن کي محسوس ٿيو تہ سندس حياتيءَ ۾ ڪوبہ دوست ڪونہ هو دوست جو ٻول هن جي لاءِ دشمن کان بہ وڌيڪ اُگرو ٿي پيو هو. هو جڏهن گهر پهتو تہ پاڻ بہ تپ ۾ ٻري رهيو هو. هلڪو تپ تہ ڪيس اڳئي هو پر سڄي ڏينهن جي ڏکن ۽ ڳڻتين هن جي طبيعت وڌيڪ خراب ڪري وڌي. هو جڏهن گهر پهتو تہ رات جا ساڍا نو ٿي رهيا هئا. اڃان وينو ئي مس هو تہ دروازي تي ڪڙڪو ٿيو.
هن دروازو کوليو. سامهون مشتاق بيٺو هو.
”ڇو يار آئين ڪونہ ؟ آئون تنهنجو انتظار ڪندو رهيس. بابلي جي طبيعت ڪيئن آهي؟“
”ٺيڪ آهي“ هن مشتاق کي بابليءَ جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌائڻ پسند نہ ڪيو.
مشتاق کيسي ۾ هٿ وڌو. نوٽ ڪڍي، هن جي هٿ ۾ رکيا.
”معاف ڪجانءِ يار، وقت تي ڏئي نہ سگهيو سانءِ. ٻن ٽن دوستن وٽ چڪر لڳايم، سڄو ڏينهن رليو آهيان نيٺ احمد عليءَ وٽان ملي ويا. ويهہ رپيا گهٽ اٿئي. احمد علي وٽ بہ ايترا پئسا ڪين هئا.“
۽ هن کي محسوس ٿيو تہ سندس بدن جي ٻرندڙ باهہ تي ڪنهن ٿڌي پاڻيءَ جو مٽ اوتي ڪري ڇڏيو هجي ـــ ۽ هو ڪاڙهي ٽتل وات تي هلندي هلندي، وڻ جي ٿڌيءَ ڇانو هيٺ اچي بيٺو هجي.

# عيد جي خرچي

رمضان مهيني جي اوڻٽيهين تاريخ اينديئي هرڪو چنڊ ڏسڻ لاءِ آيو هوندو آهي . عيد جي چنڊ ڏسڻ ۾ اهڙي خوشي سمايل آهي جا هرڪو ماڻهو گهرندو آهي. پوءِ ڀلي هن روزا رکيا هجن يا نه . ماڳهين ٻي رازائتن کي ويتر وڌيڪ خوشي ٿيندي آهي. رمضان جي مهيني جو اهو گڻ آهي ته هو ماڻهن لاءِ خوشيون ٺو آڻي . بازارين ۾ وکرن جا اگهه چوٽ چڙهيو وڃن. هوٽلن ۾ پڙدا لڳايو خوب ڪمائي ڪئي ٿي وڃي. پر اڄ اوڻٽيهين نه ٽيهين تاريخ هئي ۽ رمضان جو مهينو اڄ پورو ٿي رهيو هو. گهر گهاٽن وارا ڇتين تي چڙهيو چنڊ ڳولهڻ جي جاکوڙ ڪري رهيا هئا ته غريب غربو هيڻائين تي روڊ تان چنڊ ڏسڻ ۾ لڳو پيو هو.

جيترو جيڪو امير هوندو اوترو ئي هو مٿان چنڊ ڏسندو ۽ جيترو جيڪو غريب هوندو اوترو ئي هو هيٺان چند ڏسندو اهو ئي چنڊ ڏسڻ جو عام دستور آهي. ساران به پنهنجي پاڙي وارن جي گهر وڃي ڪڌ تي چنڊ ڏسڻ لاءِ ويئي هئي، پر اتان جو دڙڪا مليس، جو روزي جي آخري حصي ۾ روزي دارن کي مڙيئي ڪاوڙ گهٽي هوندي آهي، هيٺ پڄندي اچي پيءُ وٽ ويٺي.

بابا اڄ چنڊ نه ڏٺو ته ڇا عيد نه ٿيندي؟

”نه پٽ اڄ ته چنڊ ضرور ٿيندو.“

”پر جي ڪالهه وانگي اڄ به نه ڏٺو ته!“

”اڄ ته چنڊ پڪ ٿيندو. اڄ ته ٽيهون روزو آهي نه .“

”مقو ٻڏئي، بابا چئي ٿو ته سڀاڻي عيد ضرور ٿيندي“

ٻاهر اڱڻ ۾ مقبول ٻاڙدي سان پاڻي جا ڏول ڀري مَٽ ۾ وجهي رهيو هو. هن ساران جي آواز تي ڪنڌ ڦيرايو ئي مس ته ساران سندس آڏو پهچي چڪي هئي.

”ٻڏئي، بابا چوي ٿو ته سڀاڻي عيد ضرور ٿيندي“ ساران کيس اها خبر ٻڌائيندي، آڪڙ ۾ اچي وئي جو جو هن سمجهيو ته اها خبر هن کي مقبول کان اڳوات پئي هئي.

ڪنهن ڳالهه جي اڳ ۾ خبر پوڻ جي خوشي ٻارن کي ته نهيو پر وڏن کي به ٿيندي آهي.

”اڙي ڇورا! جهٽ ڪر ڪلاڪن کان مس مس هڪ ٻاڙدي ڀري آيو آهين. اجان ٻي به پرٽي اٿئي“ ماڻس رڙ ڪئي ۽ مقبول تڪڙو تڪڙو مَٽ ڀرڻ لڳو. هن جي سامهون نل تي لڳل دلن ۽ ٻاڙدين جي ڊگهي قطار ڦري ويئي. مقبول ٻاڙدي خالي ڪرڻ شرط تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيو ۽ نل ڏانهن وڃڻ لڳو. ساران، جا ماڻس جي مقبول تي نڪتل ڇڙٻ تي چپ ٿي وئي هئي سا به مقبول جي پويان نڪري آئي . کيس مقبول ۾ جو شڪ هو، سو پڪ ۾ بدلجڻ لڳو ته مقبول کيس صاحب جي گهر عيد جي خرچي وٺڻ لاءِ نه وٺي ويندو. اڪيلي سر سڄي خرچي ڦٻائي ويندو. انهن ويچارن ۾ هوءِ ڪجهه دير بنا ڳالهائڻ جي پويان پويان لڳي آئي. سانت جو احساس ٿيندي ئي، هوءِ مقبول کان پڇڻ لڳي:

”ادا مڪو سچ ٻڌاء تون اڪيلو خرچي وٺڻ وڃين ها پلا؟“ ساران جي آواز ۾ نراسائي هئي، آزي نيزاري هئي.
”توکي پلا ڪيئن ڇڏي ويندم“
”ڏس ادا مڪو پڪ نہ ؟ مان تنهنجي هر ڳالھ مڃيندي آهيان نہ “ ساران ٻاڏائيندي چيو.
”ها، وٺي ويندو ماڻ نِي، مٺو نہ ڪاڻ!“
۽ ساران جي منهن تي خوشي جي لهر موٽي آئي. هن جي اکين اڳيان صاحب جو گهر، گهر جا باقي، اتي ايندڙ ويندڙ ماڻهو ۽ روپئي روپئي جا نوٽ گهمي ويا.
ساران موٽي اچي وري پيءُ وٽ ويٺي، وري ٻيهر پيءُ کان عيد جي پڪ وٺڻ لاءِ. ٻاهر ماڻهن بہ پئي چيو تہ سڀاڻي عيد آهي پر هاڻ ساران ڪنهن ۾ ويساھ نہ پئي رکيو.
”بابا سڀاڻي عيد پڪ ٿيندي نہ ! چنڊ نہ ڏسجي پوء بہ!“
”ساران وري اتاوليءَ مان پڇيو.
”پٽ، سڀاڻي عيد آهي اصل پڪ سان، چنڊ نہ ڏسجي تہ تہ بہ عيد آهي سمجهيئي! هوڏانهن عربستان ۾ تہ بہ ڏينهن اڳ عيد ٿي بہ ويئي!“
”اهو وري ڪيئن ؟ چنڊ تہ اڄ ڏسبو پوءِ اتي عيد ڪيئن ٿي؟“ ساران اچرج ۾ پيءُ جو منهن تڪڻ لڳي ، پريان ماڻساهي ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، ۽ هوءَ ساران جي سوال جي وراڻي ڏيڻ کان رهي نہ سگهي.
”اتي عربستان ۾ مڪو مدينو آهن نہ ، اتي الله جي حڪم سان چنڊ اڳ ڏسڻ ۾ ايندو آهي.“
”هان بابا ؟“ ساران ماڻس تي ويساھ نہ ڪندي، پيء کان پڇيو.
”ها بابا الله جي حڪم سان هن کان بہ وڏا ڪم پيا ٿين !“
پيء ماڻس ڏانهن نهاريندي چيو.
چنڊ رات خوشيءَ ۾ ڪيتري دير تائين جاڳندي رهي ۽ ماڻس کان آڏا اُبتا سوال پڇندي رهي.
”اما، هو سونا ايرنگ وڪامي تہ نہ ويندا؟“ ساران کي ڊپ هو تہ هوء دوڪان تي جي ايرنگ ڏسي آئي هئي سي عيد جي خرچيءَ مان هوء جيسين خريد ڪري تيسين وڪامي ويندا.
نہ ڌيءَ اها هڪڙي جوڙي تہ ڪانهي جو وڪامي ويندي دوڪان تي اهڙيون گهڻيون ئي جوڙيون پيون هونديون.“
”پر امان جي سڀئي وڪامي ويا تہ؟“ ساران جو شڪ اڃا قائم هو.
”اتان نہ مليا تہ پٺين بازار مان وٺي ڏيندء.“
ماڻس کيس آٿت ڏني.
”پر امان بازار ۾ اهڙا ايرنگ هوندا؟“
هن کي پڪ هئي تہ سندس پسند جا ايرنگ جڳ ۾ رڳو هڪ ئي دوڪان تي هئا
”ها ها، هوندا، ان کان بہ سٺا. هاڻي ماٺ ڪري سمهي رهہ.“ ماڻس هاڻ ڪڪ ٿيڻ لڳي.
”امان پلا هي سونا ڪونهن ڇا؟“ ساران کي وري هاڻ ٻئي الڪي اچي ورايو.

”ٻڌايو ڪونہ هو مان تہ آهي نقلي آهن نقلي، سون جا ايترا مهانگا آهن جو پڻهين بہ نٿو وٺي سگهي!“
”پوءِ جيڪي سونا ايرنگ هوندا آهن، اهي ڪير وٺندو آهي؟“
”سون اميرن لاءِ هوندو آهي ۽ نہ غريبن لاءِ...“ ساران جي ماءُ ڪجھ گهڙي ماٺ ٿي وئي پر وري حسرت ڀريئي لهجي ۾ چوڻ لڳي ”۽ غريبن لاءِ اهو نقلي سون هوندو آهي جنهن مان تنهنجا ايرنگ جڙيل آهن.“
”اهو ڇو ڀلا؟ سون رڳو شاهوڪار ٿا وٺي سگهن ، ڀلا اهو سون اسين ڇو نہ ٿا وٺي سگهون ؟“
”ان ڪري جو اسين غريب آهيون ۽ سون نہ ٿا خريد ڪري سگهون؟“
”پوءِ ڀلا اسان غريب ڇو آهيون؟“
”ان ڪري جو الله سائين اسان کي غريب ٺاهيو آهي.“
”الله سائين ڀلا غريب ڇو ٺاهيا آهن؟“
”هاڻي مٿو نہ کاءُ ، ماٺ ڪري سمهي رهہ!“
ماڻس ساران جي جڪ ڪان ڪڪ ٿي چڪي هئي. پريان ساران جو پيءُ، ماءُ ۽ ڌيءَ جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. هيستائين ماٺ هو پر جوڻس جي جند ڇڏائڻ واري وراڻيءَ تي ڳالهائڻ کان رهي نہ سگهيو.
”الله سائين غريب ان ڪري ٺاهيا آهن جو امير ماڻهو خيرات ڏئي ثواب حاصل ڪري سگهن!“
پر ساران پيءُ جي وراڻي اڻ ٻڌي ڪري پنهنجا سادا سودا سوال پڇندي رهي.
”امان، ڀلا عيد هر مهيني ڇو نہ ٿي اچي؟“
”پوءِ ماڻهو کي ٻارهوئي روزا رکڻا پوندا!“
”اهو ڇو؟“
”اهو ان ڪري جو روزا رکبا آهن تڏهن تہ عيد جون خوشيون ماڻبيون آهن. عيد تہ روزي وارن لاءِ ايندي آهي.“
”عيد نہ رڳو روزي دارن لاءِ پر بي روزائتن، اميرن، شرابين، رشوتن، قورن، ظالمن ۽ هر مسلمان لاءِ ايندي آهي.“ ساران جي پيءُ کان وري رهيو نہ ٿيو.
”۽ عيد ان ڪري بہ ايندي آهي جو ٻارن کي خرچي ملي. ها نہ بابا“
ساران پيءُ جي ڳالهين کي نہ سمجهندي جڻ سار ڏيکاريندي ٻڌايو تہ هو عيد جي خوشين ماڻيندڙن ۾ ٻارن کي وساري ويو آهي.
صبح جو عيد هئي. ساران ۽ مقبول ايترو سوير رڳو عيد جي ڏينهن اٿندا هئا ۽ ترت تيار ٿي ڪلاڪ رڳو ويٺا رهيا جيسن پيءُ اٿي، وهنجي سهنجي تيار ٿئي. مقبول کي اڄ صبح جو پاڻي پرڻو نہ هوهن اڳيئي رات جو دير تائين پاڻي ڀري صبحڪي ڪسر پوري ڪري ڇڏي هئي_ نماز تي پيءُ سان گڏجي ويا. ساران جي ماءُ سَيون ٺاهي رکيون هيون تہ ٻار نماز تان اچي کائي پوءِ ويندا. هن

ڏاڍي اڪير سان اهي سَيون ناهيون هيون پر جڏهن ٻار نماز تان موٽيا ته گهر هڪ منٽ به نه ترسيا ۽ ماڻس کين ڪاڻ لاءِ رڙيون ڪنديرهجي ويئي.

”اڙي ايترو جلدي. سَيون ته ڪائيندا وڃو.“

”نه امان دير ٿي ويندي.“ مقبول پنهنجي تڪڙ لڪائي نه سگهيو.

”امان هتي ته رڳو سَيون آهن ٻيو ڇا آهي، صاحب جي گهر تي سيرو ، شير قورمون، مٺايون، جليبيون، بسڪوٽ، ڪٽمنڙا ۽ ڏاڍيون سٺيون شيون هونديون آهن.“ ساران پنهنجي معصوماڻي لهجي ۾ چيو.

''”۽ ها اما اتي وري گهڻا ميوا رکيا هوندا آهن ، اصل ٽوڪرا ڀريل، ڪيڪ پيسٽريون به ! مقبول ساران جي ڳالهه کي ڳنڍ ڏيندي چيو.

ساران جي ماءُ مڙس ڏانهن نهاريو ۽ شڪايت واري لهجي ۾ چوڻ لڳي:

”ٻارن کي ڏسو عيد جي ڏينهن به گهر نه ٿا ڪائين ۽ ٻاهر ٻين جي گهر ڏڪا ڪائڻ پڄندا ٿا وڃن.“

”عيد شايد ان ڪري ايندي آ هي جيئن امير اهو ٻاور ڪري ته هو ڪيترو امير آهي ۽ غريب کي اهو احساس ٿئي ته هو ڪيترو غريب آهي! ٻارن جو ڇا آهي ٿوري دير کان پوءِ اسين غريب به اميرن جي گهرن تي ڏڪا ڪائڻ ويندا سون“ ساران جي ماءُ کي مڙس جي اها ڳالهه خراب نه لڳي، هن کي اهو محسوس ٿيو ته شايد ساران جي پيءُ جون ڳالهيون سچيون آهن ۽ هوءَ غلط هئي ”ٻڌ مقوءَ ماءُ عيد ملڻ جو به دستور اٿئي ته ننڍو ماڻهو وڏي ماڻهو سان عيد ملڻ ويندو ۽ غريب وري عيد جي ڏينهن وڏي ماڻهوءَ سان عيد ملندي ائين محسوس ڪندو آهي ڄڻڪ ننڍ وڏائي جو ويڇو پل کن لاءِ ختم ٿي ويو آهي ۽ هو به وڏي ماڻهوءَ برابر اچي ويو آهي ۽ وڏو وري ان ۾ خوش ته هن وٽ ڪيترا نه ماڻهو عيد ملڻ اچن ٿا.“

پر ٻار پيءُ جي ڳالهه ٻڌڻ کان اڳ گهران نڪري چڪا هئا ٻاهر جڳ ئي ٻيو لڳو پيو هو. خوشيون ۽ شادمانا،رستن تي ٻاهر نڪري آيا هئا. وڏا ننڍا امير غريب سڀئي هڪ ئي رنگ ۾رڱيل هئا. رستن تي ڪئي هرڪڻ جا هنڌ هئا،قرموٽيون ڦوڪڻا، ٽوتاڙيون، رانديڪا الائي ڇا ڇا هو پر مقبول ۽ ساران انهن سڀني کان بيخبر اڳتي وڃي رهيا هئامقبول ساران کي ٻانهن کان ڇڪيو تڪيون وکون کڻي رهيو هو.

هو هڪ گهٽي مان ٻي گهٽي ۾ ٿيندي وڏي رستي تي اچي نڪتا هئا. جتي موٽرون رڪشائون زوزاٽ ڪيو پي ويون ايتري ته گپا گيهه لڳي پئي هئي، جو هلڻ ڏکيو لڳو پيو هو ۽ رستو پار ڪرڻ لاءِ ته وڏي جاکوڙ ڪرڻي ٿي پئي.

”خدا ڪري اڄ صاحب وٽ گهڻا ماڻهو اچن ته گهڻي خرچي ملي!“ ساران چوڻ لڳي

”بابا پئي چيو ته صاحب اڳي کان به وڏو آفيسر ٿي ويو آهي بابا اهو به پي چيو ته ماڻهو جيڏو وڏو آفيسر هوندو اوترا ماڻهو وڌيڪ وٽس ايندا.“ مقبول ٻڌائڻ لڳو.

”خدا ڪري ته بابو به وڏو آفيسر ٿئي هن وٽ به ماڻهواچن ۽ اسين پنڌ ڪرڻ کان ڇٽي پئون!“

”بابا ڪڏهن به آفيسر ڪون ٿيندو.“

”اهو ڇو؟“

”ڇو جو بابا ننڍو ماڻهو آهي.“

پر ساران کي اها وراڻي سمجهه ۾ ڪونه آئي.

”پر بابا ته صاحب کان به وڏو آهي. بابا جو مٿو نه ڇت سان ٺوڪجي، ۽ صاحب ته بنهن پتڪڙو آهي!“

”اڙي بابا ته قد ۾ وڏو آهي هونئن ٿوروئي وڏو آهي.“

ساران اهو ٻڌي ماٺ ٿي وئي پوءِ ڪجهه سار آيس ۽ چوڻ لڳي ”۽ هو جو وڏيرو آهي نه ، جتي چاچا گلڻ ڪم ڪندو آهي، هو آفيسر ڪونهي ۽ پڙهيل به ڪونهي ته پوءِ هو وڏو ماڻهو ڪيئن ٿيو؟“

”هو زميندار آهي نه هن وٽ زمينون آهن.“

”بابا به وڏيري وانگر زمينون وٺندو.“

”وڏيري زمينون خريد ٿوروئي ڪيون آهن. اهي ته سندس پيءُ وڏن مليون آهن.“

”۽ هن جي پيءُ وٽ اهي زمينون ڪٿان آيون؟“

اهي زمينون الله سائين ڏنيون هوندن.“

”الله سائين ڇو ٿو ڪري پيلا!“

”الله سائين جي مرضي آهي.“

”الله سائين جي اهڙي مرضي ڇو ٿيندي آهي؟“

”امان ڪونه پئي چيو ته الله سائين جي ڳالهين جي وچ ۾ نه پئبو آهي، اهو وڏو گناهه آهي ٻڌئي ڇري.“

مقبول گناهه جو ٻڌ ڏئي ساران کي ماٺ ڪرائڻ چاهيو ماڻس به ائين ماٺ ڪرائيندي هئي

”چڱو پيلا بابا ته وڏو ماڻهو نه ٿيندو پر تون ته ٿيندين نه ! پوءِ مون کي گهٽي خرچي ڏجانءِ“

”نه ساران مان وڏو ماڻهو نه ٿيندس مان ته اسڪول ئي ڪونه ٿو وڃان.“

”پوءِ وڃين ڇو نه ٿو؟“

آئون اسڪول ويندس ته مزوري ڪير ڪندو پاڻي ڪير پريندو ؟

ساران ڪجهه به نه سمجهندي به چپ ٿي وئي هئي.

رستي تي وڏندڙ ٽرئفڪ ۽ سندن هلڻ جي تکي رفتار هنن جي ڳالهين کي ختم ڪري ڇڏيو هاڻي هو چوسول وٽ پهچي چڪا هئا چوسول وٽ ٽريفڪ ڇئوٽي هئي جيئن صاحب جي گهر ويجهو پوندا ٿي ويا تيئن هنن جي وک اجا ن تکي ٿيندي ٿي وئي چوسول کي پار ڪرڻ عيد جي ڏينهن سولو ڪم نه هو مقبول نظر ڦيرائي پريان ايندڙ موٽر اجان به پري هئي.

صاحب جي گهر پهچڻ جي جلدي هنن کي رستي پار ڪرڻ جو فيصلو ڏئي ڇڏيو. رستو پار ڪندي جڻ ته ٻئي دماغ گڏ سوچي رهيا هئا. مقبول ساران کي ٻانهن کان جهلي تکائيءَ سان رستو اڪرڻ لڳو ۽ ساران مقبول جي هٿ کي جهليو ان جي پويان ڊوڙندي پئي آئي. تڪڙ ۾ ساران جو هٿ ڇڏائجي ويو مقبول ٿورو تر سيو پر موٽر کي ويجهو ڏسي اتي ترسڻ هن لاءِ اڻ ٿيڻ هو. هو موٽر کان بچڻ لاءِ تکو ٻيءَ پر پهچڻ لاءِ ڊوڙڻ لڳو.

چيڪاٽ ٿيا بريڪ لڳي ويا ٺڪاءَ جو آواز ٿيو ۽ ڪو اڇلجي وڃي پري ڪريو.
”ساران!“ مقبول ڪان رڙ نڪري وئي موٽرون رڪشائون بيهي ويون ماڻهو ڪريل پار ڏي ڊوڙڻ لڳا.
ٽرئفڪ روڪ ٿي وئي____ هر طرف ڪان آواز اچڻ لڳا.
”ڙي ڪنهن موٽر کي روڪيو!“ ڪنهن رڙ ڪئي.
”بچي وئي!“ ڪنهن ٻئي جو آواز آيو.
موٽر وارا تہ انڌا ٿيو ٿا هلائين ٽيون آواز آيو.
”اسپتال کڻائي وڃوس“ ڪنهن صلاح ڏني.
ساران جا ڪپڙا رت ۾ رڱجي ويا هڪ ماڻهو ساران کي هنج ۾ کنيو ۽ ڪيس موٽر ۾ ويهاريو مقبول بہ پويان پيڏس کي پڪاريندو هليو آيو ۽ هو ساران جون اکيون بند ڏسي سڏيندو رهيو هن رڳو هڪ پيرو ساران ڪان وراڻي ٿي گهريو ساران جو وراڻي حياتي جو ثبوت ڏي ها.
”ماٺ ڪر بابا هوءَ بيهوش آهي، هوءَ اکيون نہ کوليندي“ ان ماڻهو چيو.
پر مقبول کي پڪ هئي تہ ساران جا ڳنڍي هن ماٺ نہ ڪئي.
”ساران! منهنجي پياري ادي اکيون کول نہ ، هل نہ هل تہ عيد جي خرچي وٺڻ هلون عيد جي خرچيءَ مان ايرائينگ وٺنداسون. ڏس هن پيري مان پنهنجي عيد جي خرچي بہ توکي ڏيندس. پلي گهڻا ايرينگ وٺجانءِ هاڻي اکيون کول نہ عيد جي خرچي ملڻ واري آهي. عيد جي خرچي جام ملندي“ هن وري زور سان بہ ٽي پيرا چيو. عيد جي خرچي ساران، عيد جي خرچي!. مقبول جو آواز وڏندو ويو ساران ۾ چرپر پيدا ٿي هوريان هوريان اکيون کولڻ لڳي. اکين جا پنبڻ مٿي ٽيڻ لڳا هن پنهنجا چپ چوريا ۽ ڪجهہ چوڻ جي جاکوڙ ڪرڻ لڳي تمام جهيڻو آواز آيو.
”عيد مبارڪ“ هوءَ هميشه صاحب جي گهر ائين چئي عيد جي خرچي وٺڻ مهل ڪندي هئي، هن پنهنجو هٿ وڌائي ٽِري کولي پر هن جو هٿ ڍرڪي پيو ۽ ڪنڌ لڙڪي پيو ۽ سندس چپ اڌ کليل رهجي ويا.

# پنهنجو پنهنجو غرض

هونئن تہ آئون آفيس ۾ ڪلاڪ اڌ دير سان ئي ايندو آهيان، پر اڄ گھڻو دير سان اچڻ ۾ قدرتي ڳالهہ هئي.
ڪالهہ ئي مئنيجنگ ڊائريڪٽر پنهنجو دورو پورو ڪري واپس موٽي ويو هو. هو آيو تہ هتي ٻن ڏينهن لاءِ هو پر منهنجي جيڪا حالت ٿي هئي ائين ٿي لڳو تہ آئون ڪو ساندهہ ٻہ سال رڌو رهيو هوس. اصل ۾ منهنجي رڌاپ تہ ان ڏينهن کان شروع ٿي هئي جڏهن پندرنهن ڏينهن اڳي ايم ڊي جي دوري جو پر و گرام آيو هو فيڪٽرين جون وزٽون، چيمبر آف ڪامرس طرفان لنچ، بئنڪرز ائسوسي ايشن طرفان ائٽ هوم ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا پروگرام رٿا پيا. ڪنهن کي ڪا مهل نهڪي تہ ڪنهن کي ڪا مس مس وڃي شيڊول تيار ٿيو هو.
اڄ ڪافي دير سان پهتو هوس، پر ان جو ڪو الڪو ڪونہ هو. يارنهن ٿي چڪا هئا پر ان جو ڪو احساس ئي ڪونہ هو جڏهن ٻہ ڪا انسپيڪشن يا اهي مصيبت جا دور پورا ٿيندا آهن تہ ٻئي ڏينهن هر ڪو آرام سان ايندو آهي ۽ ماحول مان اها ڇڪتاڻ گم هوندي آهي جا صاحبن جي اچڻ ڪري پيدا ٿيندي آهي. اهوئي ڪارڻ هو جو اڄ بئنڪ جي ماحول ۾ هڪ ڍرائي هڪ سڪون هو ان جو ثبوت پي.اي جي دير سان اچڻ مان ٻہ ظاهر هو. هونئن آئون جيئن ئي ڪرسيءَ تي ويهندو آهيان تہ پي.اي هڪدم ٻڌائيندو آهي تہ ڪير ڪير آيو ۽ ڪٿان ڪٿان فون آيو. پر اڄ "انٽر ڪام" جي سيٽي ڪافي دير کان پوءِ وڳي. مون بٽڻ دٻايو.
سر هيڊ آفيس مان "ايڊ يوز ڊپارٽمينٽ مان رضوي"
صاحب فون ڪيو هو "رڪوريءَ" جي ليٽيسٽ پوزيشن پڇي آٽس. ٻيو فون چوڌري ڪرم الاهيءَ جو ۽ ٽيون فون نواب حشمت علي خان جو هو." پي.اي اڙدوءَ ۾ مون کي ٻڌايو. اسين بئنڪ ۾ اڙدوءَ ۾ ئي ڳالهائيندا آهيون. بئنڪ ۾ پٽيوالي کان وٺي مون تائين، اها ئي ٻولي هلندي آهي.
"ٻڌ خان، احتشام کي چئو تہ "اسٽيٽمينٽس" تيار ڪري وٺي ۽ نواب صاحب وٽ ڏي" مون چوڌري ڪرم الاهيءَ جي فون کي ڌيان ۾ نہ آندو. هو اسان جي بئنڪ جو مقروض هو. لوڙهوندس تہ پاڻيهي فون ڪندو نہ تہ اسين مقروضن کي لفٽ نہ ڏيندا آهيون.
"پر سر، نواب صاحب جن فرمايو هو تہ پاڻيهي وري فون ڪندا."
نواب حشمت علي خان جو نالو ٻڌي سوچڻ لڳس. اڃا ڪالهہ ئي تہ نواب صاحب سان ملاقات ٿي هئي ايم.ڊي جي شان ۾ لنچ جهلي هٽائين ۽ وري اڄ سندس فون آيو هو. سندس ڪهڙو ڪم هوندو؟ ڪارخانو لڳائڻو تہ ڪونهيس جو قرض کپندو هوندس يا ٿي سگهي ٿو ڪنهن کي ڪا نوڪري ڏيارڻي هجيس اسان بئنڪرن؟؟؟ ۾ انهن ڪمن کان سواءِ ٻيا ڪهڙا ڪم پئجي سگهن ٿا. ان باري ۾ سوچيندو رهيس.

نواب حشمت علي خان جي شڪل اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. مون کيس گهٽ سالن کان پوءِ ڏٺو هو. جهڙو سندس نالو هو تهڙي هئس حشمت. رعب ۽ دٻدٻو پر هاڻي ڪجهه عمر ڪارڻ ڍرڪي ويو هو. پر تڏهن به سندس شاندار ماضيءَ جا اهڃاڻ سندس شخصيت مان بکي رهيا هئا پهرين ته ايترو بندرو ڪونه لڳندو هو پر هاڻي پيٽ نڪري اچڻ ڪري بندرو پي لڳو. شيروانيءَ ۾ ته ويتر وڏيڪ ٿلهو پي لڳو. اهڙي ئي چمڪدار شيرواني پيل هئس، جهڙي اڳي پائيندو هو. شيرواني ماڻهوءَ جا اڇا ڪارا پڌرا ڪري ڇڏيندي آهي. ماڻهو جو ٿورو پيٽ پر جي ته ڦاٽ ڪايو وجهي.
نواب صاحب ڪي پاجامو به ساڳيوئي پيل هو. نواب صاحب سدائين چوڙيدار پاجامو پا ئيندو هو ۽ پير ۾ سليم شاهي جوتو. نواب صاحب پان به دستور وانگر ئي چٻاڙي رهيو هو. مون ڪڏهن به نواب صاحب کي پان کان سواءِ نه ڏٺو سندس ماڻهو پان دان سان سدائين موجود هوندو هو. سندس ڳاڙها ڳاڙها ڏند به چِٻا ٿي چڪا هئا، البت رنگ ۾ ڪارا پئي لڳا. هڪڙو فرق سو ڏٺم ته نواب صاحب جون مڇيون پهرين کان گهاٽيون ۽ وڏيون ٿي لڳيون تنهن کان سواءِ ڪاريون به نواب صاحب شايد کيس لڳائڻ شروع ڪيو هو سندس مٿي جا وار به کسي ويا هئا، پر جيڪي به باقي بچيل هئا سي به ڪارا ٿي لڳا. وارن کسڻ جو رڳو مون اندازو لڳايو هو باقي اڳي مون ڪڏهن به نواب صاحب کي بنا ٽوپيءَ نه ڏٺو هو. سدائين جناح ڪئپ پيل هوندي هئس. سندس ٻانهن ۾ پيل ٿلهي مهر واري منڊي اڄ به موجود هئي ان منڊيءَ کي آئون ڪڏهن به وساري نه سگهندس، جو ان منڊيءَ ۾ جيڪو پٿر يا ڌاتو هو ان تي عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪجهه ٻول لکيل هئا بلڪل ائين جيئن پراڻن سڪن تي هوندا آهن. سائيز ۾ به انهيءَ منڊيءَ جي ٽڪ تمام وڏي هئي ۽ ڏسندڙ جو اٽڪاٽائيءَ ۾ به ڌيان ڇڪائيندي هئي. ڪاليج ۾ ڊبيٽ ۾ جڏهن چيف گيسٽ هو ته اسٽيج تي ساڻس گڏ وهڻ ڪري هڪ پيرو موقعو وٺي پڇيو هو مانس ته ٻڌايو هئائين ته: اها سندس موروثي مهر آهي، جي سندس ابا ڏاڏا پنهنجي رياست ۾ جڏهن فرمان جاري ڪندا هئا ته اها مهر هڻندا هئا ۽ اهڙي ساڳي مهر واري منڊي سندس ونيءَ جي آڱر ۾ پيل آهي. سڄي گهراڻي ۾ رڳيون به منڊيون آهن. ڪالهه ماني تي نواب صاحب ايم.ڊيءَ کي پاڪر پائي مليو. پراڻي ياري هئن. هندستان ۾ آگري ۾ گڏ پڙهندا هئا سندن ملڻ جي جي بي تڪلي جي انداز مان سندن گهرائپ جو پتو ٿي پيو اهوئي ڪارڻ هو جو ايم.ڊيءَ پنهنجي پروگرام کي هيٺ مٿي ڪري به نواب صاحب جي دعوت قبولي هئي. نواب صاحب کي چيمبر آف ڪامرس جي ڊنر جي ڪارڊ مان پتو پيو هو ته ايم ڊي دوري تي اچي رهيو آهي، ان ڪري کيس سڌو سنئون هيڊ آفيس ۾ فون ڪري مانيءَ جي دعوت ڏني هئائين ۽ ايم ڊيءَ ٽيڪسٽائيل مل اونرز ائسوسيئيشن جي لنچ ڪئنسل ڪري نواب صاحب جي لنچ قبول ڪئي هئي. مون کي اڃا تائين ايم ڊيءَ جا ٻول ياد آهن: "نواب صاحب منهنجو جهونو دوست آهي، ان جي دعوت ڪاٽڻي پوندي. ڪا بي دعوت ڪئنسل ڪري به ٽائم ڪڍ ۽ پوءِ لاچار ٽيڪسٽائيل مل اونرز جي دعوت ڪئنسل ڪرائي هئم جيتوڻيڪ ملن وارا همراه ڪاوڙجي پيا هئا پر مون لاءِ بي ڪا واهه ڪانه هئي.

جڏهن اسين نواب صاحب جي گهر پهتا سون تہ ايم ڊي منهنجي واقفيت ڪرائيندي نواب صاحب کي چيو "پائي حشمت" هي آهي اسان جو زونل مئنيجر رشيد." ايم. ڊي منهنجو اڌو گابرو نالو وٺي ڪجھ پنهنجائپ ۽ ڪجھ رعب ڏيکاريو.

"محمود" ايم ڊي جو نالو وٺندي نواب صاحب چيو "هي تہ پنهنجو ڇوڪرو آهي." وري مون ڏانهن رخ ڪندي چوڻ لڳو "ڪيئن آهين انصاري" نواب صاحب جي انهيءَ بي تڪلفيءَ منهنجو ايم. ڊيءَ اڳيان مان وڌائي ڇڏيو نواب صاحب سان منهنجي واقفيت ڪاليج جي زماني کان هئي جڏهن آئون يونين جو جنرل سيڪريٽري هو ندو هوس نواب صاحب نهايت با قاعدگيءَ اسان جي هر فنڪشن ۾ پنهنجي بيگم صاحبہ سان گڏ ايندو هو نواب صاحب جوشان ۽ دبدبو ئي ٻيو هو ہ ڪارون هونديون هئس سدائين چار پنج ڄڻا گڏ هوندا هئس. اخبارن ۾ سدائين سندس بيان ۽ فوٽو ڇپجندا رهندا هئا.

سندس گهر، گهر نہ هو پر محل هو. ڪنهن هندو سيٺ جو ڪيس الاٽ ٿي مليو هو. اهو محل هن ڪليم پري حاصل ڪيو هو. خانداني ماڻهو پري کان پڌرو.

ڪالهوڪي لنچ ۾ محل جي شاندار سجاوٽ ڏسي حيران ٿي ويو هوس. آئون شايد هن پا سي ڪافي عرصي کان پوءِ آيو هوس سندس محل شهر جي اهڙي پاسيري حصي ۾ آهي، جو اتان لنگهڻ بہ ڪونہ ٿئي. محل جي اندر تہ آئون اجان بہ گهڻي وقت کان پوءِ آيو هوس. آخري ڀيرو مان تڏهن ويو هوس، جڏهن نواب صاحب عيد ميلادالنبيءَ جو جلسو ڪيو هو. ٻين تہ وچي بنگلن تي بنگلا الاٽ ڪرايا هئا پر نواب صاحب هڪ ئي گهر تي صبر ڪيو هو نواب صاحب مون کي پاڻ ٻڌايو تہ، امروها ۾ سندس بہ حويليون هيون ۽ تنهن کان سواءِ دهليءَ ۾ لکنو ۾ هڪ هڪ بنگلو هو" جتي وزير ۽ گورنر اچي مهمان ٿيندا هئا.

ائين لنچ تي الائي ڇا ڇا سوچيندو رهيس.؟ نواب صاحب جي هڪڙي ڳالھ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. نواب صاحب جي اها سا ڳي وضح هئي ڳالھ ڳالھ تي ٿهڪ،

ڳالھ ڳالھ ۾ شعر تي شعر سندس جملن ۾ اهو ساڳيو ڇپيندڙ انداز مون کي اجا تائين ياد هو. نواب صاحب جي طور طريقن ۾ ٿورو بہ فرق ڪونہ هو سندس ان طبجيت مان سندس خانداني عظمت بکي رهي هئي.

ماني کا ئيندي نواب صاحب پاڻ ايم. ڊيءَ کي منهنجي باري ۾ٻڌائيندي چيو مان "هن کي ننڍپڻ کان سڃاڻان، ڏاڍو سلڇڻو ڇوڪرو آهي." نواب صاحب ايم. ڊي اڳيان منهنجي واکاڻ ڪري مون کي اجا بہ احسانمند ڪري ڇڏيو وري مون کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو "انصاري مون کي تہ خبرئي ڪونہ هئي تہ تون ڪو هتي آهين؟"

جي نواب صاحب سال کن ٿيو آهي فرسٽ پروموشن آهي، مون ايم ڊيءَ جي خوشامد ڪندي چيو. "محمود صاحب جن جي مهرباني آهي جو توهان مون کي هتي ڏسي رهيا آهيو." آئون دل ئي دل ۾ نواب صاحب جا احسان مڃڻ لڳس جنهن منهنجي ايم ڊي اڳيان پنهنجائپ ڏيکاري منهنجي ساک وڌائي ڇڏي

نواب صاحب جي ماني هونءَ تہ لا جواب هئي، پر منجهس مرچ البت نکا هئا ان ڪري گرانهن گرانهن تي پاڻي پيئڻ ڪري پيٽ جلدي پرجي ويو. مانيءَ کان پوءِ ڪچهريون ڪندي پاڻ ڪائيندي ڪافي وقت ٿي ويو. مون ايم ڊيءَ کي ياد ڏياريو تہ مل ۾ ”وزٽ“ جو ٽائيم ڇئين وڳي جو هو.
ايم ڊي متل محفل ڏسي مون کي چيو تہ فون ڪري ٻڌائي ڇڏيان تہ پنجين ڏاري پهچنداسون منهنجي ويچار ۾ تہ فون ڪرڻ جي لوڙڪانہ هئي، جو هو مل ۾ تيستائين ويٺا هوندا، جيسين اسين نہ پهچنداسون سندن مل هليئي اسان جي قرض تي پيئي پر ايم. ڊيءَ جي چوڻ ڪري لاچار فون ڪرڻ اٿيس تہ نواب صاحب چيو فون تہ ٽن ڏينهن کان خراب آهي، گذريل هفتي برسات پئي هئي ”ڪمپلينٽ“ ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون ڪمبخت ڇون ٽا لائين ۾ پاڻي سمي ويو آهي، ٻہ ٽي ڏينهن لڳندا. پائي هنن ٽيليفون وارن سان خدا تہ پڇي!.
”جي تہ اها ڳالهہ آهي، مون پاڻ اوهان کي فون ڪرڻ جي ٻہ ٽي پيرا ڪوشش ڪئي، پر هر پيري انگيج پئي لڳو.“
وري ايم ڊي ڏانهن منهن ڪندي چيم، ڪا ڳالهه ڪانهي سر، هو اسان جو اوسيئڙو ڪندا.“ مون معني پيري مرڪ سان ڳالهه ڪئي. ايم ڊي بہ دل ۾ سمجهي ويو هوندو تہ قرض ورتو اٿن ۽ اجا بہ وٺڻو اٿن، سو اوسيئڙو ڪيئن نہ ڪندا.
جڏهن موڪلائڻ لڳاسون تہ نواب صاحب ويندي ويندي مون کي چيو انصاري، ايندو ڪرنہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجوگهر اٿئي، نواب جي پنهنجا ٽپ وارن انهن جملن اجا بہ مون کي سندس قدر دان بڻا ئي ڇڏيو. دروازي تي موڪلائيندي مهل جڏهن هٿ ملايو مانس تہ سندس مهر واري منڊي وري اکين اڳيان اچي ويئي، جا نواب صاحب جي مخصوص نشاني هئي.
سندس اهي موڪلائڻ وقت چيل پنهنجائپ وارا جملا منهنجي ڪنن ۾ پڙاڏجن لڳا ۽ نواب صاحب مون کي اڄ ئي فون ڪيو هو. سندس فون مون ۾ اڻ تڻ پيدا ڪري ڇڏي هئي پهرين تہ ويچار آيو تہ آئون پاڻ فون ڪريانس پر پاڻ چيو هئائين تہ هو پاڻ فون ڪندو، ان ڪري فون ڪرڻ جي جرئت نہ ڪيم. نواب صاحب سان هڪ قسم جو لاڳاپو پي محسوسس ڪيم. پنهنجائپ هي لڳم.
مون وٽ ان وقت بہ ملاقاتي ويٺا هئا جڏهن نواب صاحب جو ٻيهر فون آيو.
”هلو انصاف دس سائيډ.“
”ها پائي آئون آهيان نواب حشمت علي خان.“
”اسلام عليڪم نواب صاحب“
”وعليڪم سلام هن دل مان آواز ڪيدو.
”حڪم نواب صاحب“
”پائي حڪم وڪم ڪونهي، هڪ ڪم آهي، سندس آواز ۾ اهوئي رعب هو. ”اصل ۾ تہ مون کي خوشي ٿي آهي تہ هن شهر ۾ پنهنجا بہ موجود آهن، ميان محمود تہ ڏاڍو تومان خوش آهي“

ايم ڊيءَ جو نالو ٻڌي پهرين گهٻرايس، پر پوءِ خوشي به ٿي ته منهنجي واڪاڻ جڏهن نواب صاحب ڪئي هوندي ته ڪم اجا به پڪو ٿيو هوندو.
”نواب صاحب اوهان جي وڏي مهرباني جو اوهان مون کي پنهنجو ٿا سمجهو اهي منهنجا ڀاڳ آهن.“
نه پٽ، ان ۾ ڪا مهرباني جي ڳالهه ڪا نهي. تونپنهنجو آهين ۽ خانداني ماڻهو آهين. توکي پنهنجو سمجهي ئي ته فون ڪيو اٿم اصل ۾ ڳالهه اها آهي ته هڪ ڇوڪرو آهي، خانداني، خانداني ڇا پر اعلي خانداني. اڄڪلهه ته ٺڳي تامتي پيا جاوا ڪن. پر هي نوجوان نهايت خوددار ۽ شريف آهي ۽ سخت لا چاري هيٺ آهي. تو وٽان گهٽائي انڊسٽريلسٽ قرض ڪڍن ٿا انهن کي ڇئي هن نوجوان جي چڱي چوکي مدد ڪري سگهين ٿو آئون پاڻ هن جي مدد ڪندو رهندو آهيان پر هن ڀيري هن کي ڳچ رقم کپي، جو ڀيڻ جي شادي ڪرائڻي اٿس.“ آئون نواب صاحب جي هن عجيب ڪم تي ڪجهه سوچڻ لڳس ته ڪهڙي وراڻي ڏيان. نواب اجا ڳالهائي رهيو هو. ”پوءِ هي ڪم اڄ سڀان ٿيڻ کپي.
هن کي ڏاڍي ضرورت آهي مهل ئي اهڙي آهي.“
”جي، جي نواب صاحب بالڪل ڪوشش ڪبي آئون حاضر آهيان.“
سامهون ٻن ملاقاتين جي هئڻ ڪري ۽ نواب صاحب جي هن عجيب ڪم ڪري سوچ جواب ڏيئي رهي هئي، تنهن ڪري ڇيومانس ”نواب صاحب“ هينئر ڪجهه وزٽرس ويٺا آهن پوءِ آئون پاڻ اوهان کي فون ڪندس.“
”چڱو.“ ۽ هن فون رکي ڇڏيو.
ٿوري دير کان پوءِ ملاقاتي هليا ويا. آئون ڪجهه سوچڻ لڳس ڪجهه دير تائين ڪرسيءَ تي سانت ويٺو رهيس. بيل وڄايم پٽيوالو اندر آيو. اخبارون ۽ سگريٽ جو پاڪيٽ کنيم ۽ پٽيوالي کي بريف ڪيس کڻڻ لاءِ چوڻ وارو هوس ته ويچار آيم ته لنچ تي پيو وڃان موٽي اچڻو آهي جيتوڻيڪ بڪ مري چڪي هئي پٽيوالي کي چيم، ”بس ٺيڪ آهي، ڪجھ ڪونهي“ ڪرسي تان ڪوٽ ڪڍي پائڻ لڳس ۽ ٻاهر هليو آيس رستي ۾ سوچيندو رهيس عجيب ڪم هو.
ڪنهن ٻئي کان اهو به انڊسٽريلسٽن کان پئسا وٺي مدد ڪرڻ. ڪنهن اداري يا سوسائٽيءَ جي نه پر ڪنهن ماڻهوءَ جي آخر نواب صاحب اهڙو ڪم مون کي ڇيو هوندو ته مون کي پنهنجو سمجهي. پر نواب صاحب ۽ ايم ڊي نواب صاحب جي معرفت منهنجي آزمائش ته نه ٿو وٺي ته ڪٿي آئون ڪا رشوت ته ڪونه ٿو وٺان. انهيءَ ويچار ايندي ئي آئون گهٻر ائجي ويس. خدا حاضر ناظر آهي ته مون ڪڏهن به رشوت ڪانه ورتي آهي. باقي ڪجھ سو ڪڙيون ضرور قبول ڪيون اٿم. اهي به سنگت جي ڪري. ڪا پين ڪا واچ، اليڪٽرڪ شيور. ذهن ۾ مختلف شيون گهمي ويئون پر آهي شيون رشوت ڪونهن. آئون پنهنجي پاڻ کي آٿت ڏيڻ لڳس. اهي منهنجن دوستن پاڻ ڏنيون هيون. اهي انڊسٽريلسٽ سدائين پيا ولائت وڃن، ڪا نه ڪا سوکڙي وٺيو اچن. البت ننڍي ڀاءُ جي شاديءَ جو ويچار ايندي ئي پگهر اچي ويو. ان شاديءَ ۾ مڙئي پارٽين چڱو چوکو مال ڏنو هو. پر

خدا جو قسم، اها رشوت ڪانهي. مون کي تہ پهرين تہ خبر ئي ڪانہ پئي تہ ڪهڙو مال ڏنو آٽن. مون پاڻ تہ ڪونہ چيو هومان. پر پوءِ جڏهن گفٽ پئڪيٽ کليا تہ خبر پئي، مون پاڻ چيو هومان تہ اهو مناسب ڪونہ هو.

پر هو مرڳو ئي دل ۾ ڪرڻ لڳا تہ مون کي اهو چوڻ نہ کپندو هو. آخر سندن بہ سنگت ۾ ڪجھ حق هو. آهي به سچي ڳالھ، سيٺ احمد ياپئي کي تہ چوندوئي چا چا آهيان. چوڌري نورالاهي تہ اصل ياپئرن وانگر آهي. راجا احمد نواز بہ يار آهي. اهي ڳالهيون سوچيندو رهيس سمجھ ڪم نہ پئي ڪري تہ ڇا ڪريان ڪٿي ايم ڊيءَ جو سچي اهو منصوبو نہ هجي، منهنجا تہ لاھ نڪري ويندا پر نواب صاحب اهڙي منصوبي ۾ ڪڏهن شريڪ نہ ٿيندو. آئون تہ پاڻ نواب صاحب جي ڏاڍي عزت ڪندو آهيان. مون ڪيس ڪڏهن تڪليف ڪانہ ڏني آهي پوءِ هو ڇو ان منصوبي ۾ شريڪ ٿيندو پر ڪجھ دل کي پڪ نہ ٿي سگهي ٿو منصوبو سٽيو ويو هجي. آخر تہ ايم ڊي ۽ نواب صاحب ننڍپڻ جا يار آهن. ان معامري ۾ مون ڪو جو ڪم ڪٽڻ خطري جي ڳالھ سمجهي ۽ فيصلو ڪيم تہ ڇا بہ هجي، آئون نواب صاحب کي سڌو سنئون چئي ڇڏيندس تہ آئون انڊسٽريلسٽن کان پئسا نہ ٿو وٺي سگهان. اهو مون کان ٿيڻو ڪونهي. پر وري ويچار آيو تہ جي ڪو منصوبو نہ هجي تہ پوءِ! ۽ نواب صاحب سچي پچي ڪنهن مستحق ماڻهوءَ کي امداد ڏيارڻيندو هجي تہ! ۽ پوءِ منهنجي ننهڪر ڪٿي نواب صاحب کي خراب لڳي تہ! ۽ ڪٿي نواب صاحب انهي کي دل ۾ ڪري ڪڏهن ايم ڊيءَ وٽ منهنجي خلاف مٺاڇري يا معمولي شڪايت بہ ڪري وجهي تہ! ۽ ايم ڊيءَ جي دل ۾ منهنجي لاءِ وينل سٺو ويچار تبديل ٿي وڃي تہ هي جو مون محنتون ڪري، خوشامد ۽ چا پلوسي ڪري، مس مس پاڻ کي ان پوزيشن ۾ آندو آهي. سال ٻن ۾ تہ پروموشن بہ ڊيو ٿي ويندي، ڪٿي اها معمولي ڳالھ منهنجو آئيندو نہ خراب ڪري وجهي. پوءِ چونہ اهڙو طريقو ڳولجي، جو لال بہ رکجي ۽ پريت بہ رهجي اچي. سوبيشڪ امداد ڪندس، پر انڊسٽريلسٽن کان پئسا وٺي نہ، پر پنهنجي کيسي مان.

گهر تائين پهچندي مسئلو ساڃي چڪو هو. پريشاني بہ دور ٿي چڪي هئي. مئل بڪ جيئري ٿي چڪي هئي. مون کي آفيس موٽڻ ۾ ڪجھ دير ٿي ويئي هئي. واپس پهتس تہ خبر پئي نواب صاحب ٺيڪ ساڍي ٽين وڳي فون ڪيو هو. بهرحال مون کي هاٽي الڪو ڪونہ هو. ذهن تان بار لهي چڪو هو.

ڏهين پندرهن منٽن کان پوءِ نواب صاحب وري فون ڪيو. ”معاف ڪجو“ مون چيو سانس مون کي اچڻ ۾ دير ٿي ويئي. هڪ پارٽيءَ سان ملڻو هو ڪوڙ ڳالهائڻ اسان بئنڪ وارن جي هير بنجي ويندي آهي.

”ڪا ڳالھھ ڪانهي دير سوير تہ ٿيندي ئي آهي.“

”نواب صاحب، معاف ڪجو ان مهل اوهان سان تفصيل سان نہ ڳالهائي سگهيس جو ڪجھ ماڻهو ويٺا هئا.

اصل ۾ ڳالهه هي آهي تہ آئون پنهنجين پارٽين کان کو ”فيور“ نہ وٺندو آهيان. اهو منهنجو اصول آهي، بس هير ڦٽجي چڪي آهي.“ مون پنهنجي ايمانداريءَ جي ڌاڪ ويهاريندي ڪيس قائل ڪندي چيو ”پر نواب صاحب، ائين نہ سمجهو تہ ان سلسلي ۾ آئون اوهان جو حڪم نہ مڃيندس، ان ڪري گذارش آهي تہ اوهان دل ۾ نہ ڪندا، آئون پنهنجي کيسي مان امداد ڪندس. هونئن بہ مستحق ۽ گهرجائو ماڻهن جي امداد ڪرڻ اسان جو فرض آهي.“ آئون ڳالهائيندو رهيس: ”فلحال تہ ڪجهہ گهٽ رقم آهي، هزار ڪن رپيا، پر اوهان سان واعدو آهي تہ اڳتي بہ اهڙن خير جهڙن ڪمن ۾ مدد ڪندو رهندس.“ آئون ايترو ڳالهائي هاڻي ماٺ ٿي ويس. فون جي هن پاسي ڪجهہ سانت رهي. منهنجي دل ۾ ان ڪجهہ سيڪنڊن ۾ سانت ۾ ويچار جو طوفان لڳي ويو ”ڇا منصوبو اسقل ٿي ويو. ڇا رقم گهٽ آهي، نواب صاحب ان تي خوش نہ ٿيو.“ اڃا سوچ ۾ هئس تہ نواب صاحب جو آواز آيو.

”نہ پٽ انصاري تنهنجي وڏي مهرباني. ڏس آئون توکي ڪا تڪليف ڏيڻ نہ ٿو گهران تون پنهنجو آهين، مون کي تنهنجي خبر آهي، مون حجت رکي توتي ڪم رکيو هو پر جي بندوبست نہ ٿوٿي سگهي تہ الڪو ڪونهي. تون تڪليف نہ ڪر.“ نواب صاحب جي لهجي ۾ ڪجهہ پنهنجائپ هئي سندس ان لهجي مون کي پيشيمان ڪري ڇڏيو مون نواب صاحب تي هرويرو شڪ ڪيو هو تہ هن ڪو منصوبو سٽيو آهي!

مون هڪدم ڏک گهٽ رڙ ڪندي چيو ”نہ نہ نواب صاحب، ائين ڪيئن ٿيندو. مون کي خوشي ٿيندي، جو آئون پنهنجي خوشيءَ سان ڏيان. مون کي دماغي سڪون ملندو جي مان ڪنهن گهرجائو جي ڪم ايندس.“

”نہ نہ انصاري تون بلڪل تڪليف نہ ڪر. چڱو خدا حافظ“ نواب صاحب فون رکڻ تي هو.

”نہ نواب صاحب، توهان ڪو الڪو نہ ڪريو. ڇوڪري کي هينئر مون ڏانهن موڪلي ڏيو. پڪ ڪريو مون لاءِ اها رقم ڏيڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. آخر ڪمايون ڇا جي لاءِ ٿا.“

”چڱو پلا تون پاڻ نيڪ ڪم ڪرڻ تي زور پرين ٿو تہ پوءِ نيڪ آهي. پر مون توکي ٻڌايو تہ نوجوان ڏاڍو خوددار آهي، اعلي خاندان جو فرد آهي.“

”توهان اصل ڪنهن ڳالهہ جو الڪو نہ ڪريو. ساڄي هٿ کان ڏبو تہ کاٻي هٿ کي خبر نہ پوندي“ مون کيس حديث ٻڌائيندي قائل ڪندي چيو ”هونءَ بہ اسين بئنڪر اهيون. جي بئنڪر راز نہ رکي تہ بئنڪر ڪهڙو.“

”نہ نہ مون کي توهان تي ويساهہ آهي. پر ڳالهہ اها آهي، جو هن حالت ۾ هو ڪنهن جي بہ منهن نہ ٿو پوڻ گهري. ڏاڍو حساس ۽ خوددار نوجوان آهي. وري بہ آئون پڇانس ٿو هو هتي ئي وينو آهي.“ نواب صاحب پنهنجو منهن شايد مائوٿ پيس کان پرپرو ڪيو، جو سندس هلڪو آواز ٿيندو ويو: ”پٽ انصاري صاحب جن پاڻ پنهنجي کيسي مان توکي امداد ٿا ڪرڻ گهرن. تون وچينس ۽ رقم وٺي اچ اصل الڪو نہ ڪر. انصاري صاحب پنهنجي ماڻهو آهي. بس ائين سمجهہ تہ مون ۾ ۽ انصاري صاحب ۾ ڪو فرق ڪونهي.“ ڪجهہ اهڙا ٻول هئا جي هري ٻڌڻ ۾ آيا هئا.

چوڪري جواب ۾ چا چيو سوبڌڻ ۾ ڪونہ آيو يا تي سگهي ٿو اشارن ۾ چيو هجي، پر وري نواب جي ڳالهائڻ مان سمجهيم تہ نوجوان ڪهڙو جواب ڏنو هوندو: ”ابا تنهنجي مرضيءَ جي نہ ٿو منهن تي پوڻ چاهين تہ آئون ڇا ٿو ڪري سگهان.“

نواب صاحب جي اڻ ڳالهہ مان صحيح ڪيم تہ هو ڇوڪرو پاڻ اچي امداد بہ وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي ائون پاڻ کي وري ملامت ڪرڻ لڳس تہ نواب صاحب کي الائي ڇا سمجهيو هوم. هو ويچارو مون کي پنهنجائپ ۾ مون کان نيڪ ڪم ڪرائي رهيو هو ۽ آئون هن تي شڪ ڪري رهيو هوس.

نواب صاحب مون کي مخاطب ٿيو ”انصاري، هو سخت شرمندو پيو ٿئي هو ڪڏهن بہ مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي در تي نہ ويو آهي. تون هئين ڪر اها رقم مون ڏانهن ڏياري موڪل تہ آئون پاڻيهي ڏيئي ڇڏيندو سانس يا ڇئو تہ آئون پنهنجو ماڻهو موڪلي رقم گهراڻي وٺان؟“

هن نئين صورتحال مون کي وسوسن ۾ وجهي ڇڏيو. يعني آئون امداد بہ ڪريان ۽ مون کي اها بہ خبر نہ پئي تہ ڪنهن کي امداد ڏني اٿم. هڪ پل ۾ الڳ الڳ ويچار ذهن ۾ ڊوڙي ويا. هزار رپين جي يڪي امداد اها بہ غائبانا طور! مون تہ ڪڏهن خيرات ۾ ڏهہ رپيا بہ نہ ڏنا هئا. زال البت زڪوات ۽ فطرو وغيرهہ ڪيندي رهندي آهي ۽ محرم ۽ شب برات ۾ خيراتون ڪندي رهندي آهي. آئون اڃان اهو سوچي رهيو هوس تہ نواب صاحب مون کي مونجهاري مان عارضيءَ طرح ئي سهي ڪيدي ورتو. ”انصاري، آئون توکي وري فون ٿو ڪريان. تيار ڪري توڏانهن موڪليانس ٿو. گهرجائو آهي ڪيئن نہ ايندو.“

آئون ان نقطي تي سوچيندو رهيس. هونءَ جي نواب صاحب مون کان هزار رپيا اوڌارا بہ گهري ها تہ ڪيدي ڏيانس ها، ڪير آهي جو اڄڪلهہ لکي خيرات ڪندو هوندو. خيرات ڪندڙ ۾ جو خود غرضي جو جزو هوندو آهي، اهو مون تي بہ حاوي پوڻ لڳو. ماڻهو پنهنجي نالي ۽ عرت لاءِ ڇاڇا نہ ٿو ڪري. غريبن جو خون چوسي وري غريبن لاءِ خير اتي اسپتال ٺهرائي، ان تي پنهنجو نالو رکڻ بہ تہ امير ڪندو آهي. قوم جا لاهہ پڙهندڙن جا نا لا روڊن تي رکجي سگهن ٿا. نيڪ آهي، انهن لکين ربيا خيرات ڪيا، غريبن جي مدد ڪئي، پر اهي لکين رپيا آيا ڪٿان؟ ۽ هاڻي آئون بہ ترقي ڪري اهڙي حيثيت تي پهچي ويو هوس“ جو آئون بہ گهرجائن لاءِ خيرات ڪري سگهان. آئون نواب صاحب جو ٿورائتو آهيان جو هن مون کي اهڙو احساس ڏياريو. پر هيءَ تہ قصوئي ٻيو ٿي رهيو هو. آئون حياتيءَ جي پهرين امداد ڪري رهيو هوس، اها بہ اڻ ڄاڻ ماڻهو کي. مون فيصلو ڪيو تہ نواب صاحب کي همت ڪري صاف صاف چئي ڇڏيندس تہ امداد ڪندس پر ان ماڻهوءَ کي سڃاڻوسنئون مون وٽان اچي وٺڻي پوندي. سوچڻ لڳس تہ نواب صاحب ڪاوڙجي تہ نہ پوندو؟ مون ننهڪر نہ تہ ڪئي هئي آئون تہ پاڻ پنهنجي ڪيسي مان پئسا ڏيئي رهيو هوس پر الائي ڇومون کي هن نوجوان جو ويچار اچڻ لڳو. ڇا ماڻهو حياتيءَ ۾ ايترو مجبور تي وڃي ٿو جو هو اوچي خاندان جو هوندي بہ ائين پنهنجو پهنجو غرض امداد جا خيرات ئي آهي اها وٺڻ تي لاچار ٿئي- ان وچ ۾ هڪ بہ دوست آيا ۽ هليا ويا- ڪجهہ دير لاءِ مونجهہ دور ٿي ويئي- ذهن ۾ اوچتو اجيب ويچار آيو- ڪٿي نواب صاحب پاڻ تہ پئسا ڪونہ وٺي رهيو آهي- ٿي سگهي ٿو ڪتو هجي ۽ هن اها طريقا

پئسا ڪمائڻ جا اختيار ڪيا هجن- اهو وچ وانگر ويچار آيو- ۽ ذهن تان سڄو بار لهي ويو- آئون نواب صاحب جي چالاڪي سمجهي چڪو هوس- ساڍي ڇئين ڏاري وري نواب صاحب جو فون آيو- پائي انصاري هو نوجوان ته اچڻ لاء تيار ڪونهي- ۽ مهنجو شڪ هاڻي پڪ ۾ تبديل ٿي ويو- ته پوئي نواب صاحب معاف ڪجو مان به ڪا امداد نه ڪري سگهندس- مون ٻيهريون پيرو همت ڪان وٺي نواب صاحب کي سڌو جواب ڏنو- شايد نواب صاحب اهڙي سڌي جواب ٻڌڻ لاء تيار نه هو ۽ آئون ته اڳيئي اهڙي جواب لاء پاڻ کي تيار ڪري چڪو هوس- جي-جي- ها توهان ٺيڪ ٿا چئو - جڏهن مون خاطري ڏني اٿمانس ته به پاڻ تيار ڪونهي ته ڇڏي ڏيوس- پاڻ ئي پڇتائيندو- ضرورت ڪيس آهي باقي پاڻ نه ٿو امداد وٺڻ چاهي ته سچ پڇوس ته اهڙي کي ڏجي به نه- چڱو انصاري تنهنجي وڏي مهرباني- آئون توهانجو ٿورائتو آهيان جو تو منهنجي عزت رکي- چڱو خدا حافظ نواب صاحب ان معامري کي ائين اوچتو ختم ڪري منهنجي ان شڪ کي هڪدم غلط ثابت ته ڪو نواب صاحب پاڻ پئسا ڦباڻڻ جي چالاڪي ڪري رهيو هو- پنهنجي ڏاڍي دل کي ملامت ڪيم ته ڪهڙي نيڪ ۽ خانداني ماڻهو لاء برو ويچار ڏيان ۾ آندم-

آئون شام جو وهنجي سهنجي ڪلب وڃڻ لاء تيار ٿي رهيو هوس- هن پيري توقع جي خلاف نواب صاحب گهر تي فون ڪيو-

”انصاري توکي ڏاڍي تڪليف ڏني اٿم، جو ڇڪريان هن نوجوان جي خاندان جو اونو اٿم جي اعلي خاندان نه هجي ها ته آئون پڇان به ڪونه ها- هاڻي صورتحال هيءَ آهي ته هو نوجوان ته ڪونه ٿو اچي پر هن جي ماءُ پاڻ اوهان وٽ ايندي- واقعي لاچاري انسان کان ڇا ڇا نه ٿي ڪرائي.“ اهو ٻڌي ٻهرين ته آئون به ڏکوئجي ويس ته منهنجي اجائي هوڏ هڪ شريف ڪٽنب کي ڪيتري نه تڪليف ڏني آهي-

ٻهرين ته سوچيم ته نواب صاحب کي چوان ته نهيو مون پنهنجي هوڏ ڇڏي، هو ڀلي پنهنجو ڪو ماڻهو موڪلي ڇڏي پر نواب صاحب پنهنجي ڳالهه ڪندي مون کي اهو چوڻ جو وجهه نه ڏنو-

”جي توهان مناسب سمجهو ته خاتون اوهان وٽ رات جو نائين، ساڍي نائين ڏاري اچي- رات جو نيڪ به لڳي ٿو هونئن به اوهان جي پاسي ته ائين وڳي رات کان ئي سانت ڇانئجي ويندي آهي- باقي آفيس ته هي خاتون اچي نه سگهندي، ايتري همت نه ڪري سگهندي“ نواب صاحب ڳالهه پوري ڪئي-

مون واچ ۾ مهل ڏني ست ٿي رهيا هئا- نواب صاحب کي چيم: ”جي، رات جا ساڍا نو ٺيڪ رهندا.“ ڪلب ۾ مهل ڪاٽي گهر پهتس- ماني ڪائي اخبار ڏسي رهيو هوس ته چوڪيدار ٻڌايو ته در تي ڪا زائفان ملڻ آئي آهي- واچ ۾ مهل ڏنم پوڻا ڏهه ٿي رهيا هئا- آئون گائون پائي ٻاهر نڪرڻ لڳس - لفافو کنيم، جنهن ۾ اڳ ۾ ئي مون هزار رپيا رکي ڇڏيا هئا.

ٻاهر در تي ڪا زائفان بيٺي هئي پر در کان ڪافي پري هئي - البت مين گيٽ جون بتيون ان تي ڪجهه قدر

روشني وجهي رهيون هيون- چوڪيدار دروازو کوليو آئون ٻاهر نڪري آيس- ڪجھ پري رڪشا بہ نظر اچي رهي هئي، جنهن ۾ شايد اها زائفان چڙهي آئي هئي- اهڙي مهل، هڪ زائفان کي اڪيلو ائين ڪنهن جي در تي، پوءِ اهو منهنجوئي در ڇو نہ هجي، بيٺل ڏسي پاڻ تي ملامت ڪيم تہ رڳو پنهنجي ڳالھ رکڻ لاءِ هڪ شريف ۽ اوچي خاندان جي عورت کي اهڙي بيگاهه مهل ۾ تڪليف ڏنم- زائفان کان پڇيم: فرمايو؟“

هن رڳو ايترو چيو نواب صاحب.........، ۽ هوءَ ويچاري پورو جملو بہ چئي نہ سگهي- پاڻ نندينڌڙ ملامت هيٺ مون لفافو وڏائي مائي کي ڏنو- هن ڪو ٻول نہ ڪڇيو. بلڪل سانت بت وانگر بيٺي هئي. هن هٿ وڏائي جيئن لفافو مون کان ورتو تئين سندس ڳوري هٿ مون کي ڇرڪائي وڌو- هن تہ ڪجھ نہ ڪڇيو۽ لفافو وٺي تڪڙا پويان پير ڪيا ۽ آئون اچرج ۽ تجسس جي ملپل جليل ڪيفيت ۾ سندس پويان ڇڪجي آيس- سندس شخصيت مون کي حيران ڪري وڌو هو- رڪشا ۾ گهڙڻ کان اڳ هن پنهنجو ساڄي هٿ مٿي ڪيو- سندس آڱر ۾ اها ئي مهر واري منڊي پيل هئي! سندس پاسيرو ڳورو چهرو نظر آيو- مون سڃاڻي ورتس تہ هوءَ پاڻ بيگم نواب حشمت علي خان هئي ۽ مون صاف محسوس ڪيو تہ رڪشا ۾ ٻيو ماڻهو نواب صاحب پاڻ ويٺو هو!

# حياتي جي ٽہ رقمي

هو رلي پني، ڏڪا ڪائي ڪمري ڏانهن هليو آيو ۽ ڪلف لاهي اندر گهڙڻ شرط ڦان ٿي ڪٽي پاڻ کي کٽ تي چڙهيو. کٽ جي چيڪاٽ سان گڏ ڪتن جي ڀونڪ رات کي وڌيڪ ڀيانڪ بنائي وڌو- رات جا ٻارنهن ٿئي ٻہ اڍ ڪلاڪ کن مهل گذري چڪي هئي - رات ٿڌي ٿيندي ٿي ويئي - جيئن حيدرآباد جون راتيون ٿينديون آهن- مدد ۽ هوءَ انهي طمبيلي ۾ گڏ رهندا هئا- هو ٻئي دوست هئا پر فرق رڳو اهو هو تہ مدد روزگار سان هو ۽ هو اجا بيروزگار - مدد سدائين سومر جي صبح جو سوير آفيس پهچندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن آچر جي رات اچي نڪرندو هو-اڄ مدد جي ڪيس لوڙ لڳي رهي هئي ۽ اڄ خاص طرح مدد جي اوسيئڙي ۾ هو ڇو جو هن ٻنپهرن کان ماني نہ کاڌي هئي- هينئر هو چنل کٽ جي ايس تي هٿن جو وهاڻو بنائي سوچيندو رهي- رات جي اونداهي، بک، خالي کيسا ۽ اڻ پوري آس انهن ڇئن ٿنڀن تي بيٺل هڪ انسان جي حياتي- جيسيتائين انسان جي حياتي آهي تيسيتائين آس باقي رهي ٿي يا جيسيتائين آس رهي ٿي تيسيتائين حياتي بہ رهي ٿي- ٻنهي ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهہ صحيح آهي ڪهڙي غلط! هڪ عجيب گورک ڌنڌو آهي- پر هن مهل جيڪا آس هئي سا هئس مانيءَ ٽڪر جي، هن کي ويچار ۾ آيو تہ متان ڪمري مان ئي ڪا بہ سڪل سرڙي ڊبل روٽي يا بسڪوٽ ملي وڃي- انهيء آس هن جي ٻي سٽ سرير ۾ ڦڙتي آڻي وڌي - هو هڪدم اٿيو ۽ اٿي بتي ٻاريائين ،جا ڀهرين در ڪولڻ مهل ٻارڻ وسري وئي هيس- بتي ٻاريندي ئي هن جي نظر ميري چاڻٺ پرسان ميري فرش تي پيل ميري لفافي تي پئي; اهڙو ميرو لفافو ڦڏيون سڏيون ٽڪليون لڳل گهٽي ڪونئر لڳائڻ نہ پر لنبڻ ڪري لفافي تي سڪل ڪونئر جي چمڪ- ”اهڙو ردي لفافو پڪ سرڪاري لفافو هوندو ۽ بجيٽ ۾ ڏيکاريل بچت انهن لفافن کي ور ور واپرائڻ سان ئي ٿيندي هوندي-“ هن اهو سوچيندي لفافو کنيو. لفافي تي ٻاراڻي غلط صورتخطيء لکيل انگريزيء ۾ سندس ايڊريس ثابتي ڏيئي چڙي تہ لفافو سو في سيڪڙو سرڪاري هو- هن هڪدم لفافو ڦاڙيو- لفافو ڦاڙڻ سان اندر بند ٿيل پنو بہ ڪتجي ويو- سرڪاري لفافي مان اندريون پنو ڦاڙڻ کان سواء لفافو کولڻ ٿيڻي ئي ڪانهي- هن هڪدم خط پڙهيو - ڪلارڪيءَ لاء انٽرويو جو سڏ هو. پر مهل ۽ ماڳ وارو ٽڪر ڦاٽي لفافي جي ڦاٽل ٽڪري سان گڏ وڃي مليو هو- هن اهو ڦاٽل لفافي جو ٽڪر پٽ تان کنيو ۽ ان مان ڦاٽل ليٽر جو ٽڪر ڪڍي ليٽر سان ملايو تہ پتو پيو تہ انٽرويو سياڻي ڏهين وڳي هو ۽ اهو بہ ڪراچي ۾! هن کان بک وسري ويئي ۽ سرهائيءَ وچان اکيون چمڪڻ لڳس- نيٺ خدا سندس ٻڌي ۽ هاڻي هو در در نوڪرون ڪائي هڪ دوست وٽان ٻئي دوست وٽ رهندي ڪيسيتائين حياتي گذاريندو- نيٺ سندس بہ ٿانيڪي ٿيڻ جي مهل اچي چڪي هئي - خوشيءَ ۾ هن جي بک بہ مري ويئي- ”ماڻهوءَ جي بک بي انت خوشيءَ ۽ بي انت ڏک ۾ ختم ڇو ٿي ويندي آهي؟“ هو پاڻ ئي سوال ڪري پاڻ ئي وراڻي سوچڻ لڳو پر سندس بي انت خوشي جٽادار ثابت نہ ٿي- غريب جي خوشي هونئن بہ مختصر ئي ٿيندي آهي- ٻي پل هن جي اڳيان پيٽ پرڻ کان بہ

وڏيڪ ڏکيو مسئلو هو ڪراچي پهچڻ جو! ”خالي پيٽ ڪي تہ پني، گند جي ڍير مان ڪجھ ڪٽي يا ڪتي جي چڪ مان ٽڪر ڦري بہ پري سگهجي ٿو پر خالي خيسي ڪي ڪيئن پرجي، جي پنڻ تي ڪير پئسو بہ نہ ڏي ۽ چوري ڪرڻ جي بہ سگھ نہ هجي- سرڪار ڪي انٽرويو ليٽر سان گڏ پئسا بہ موڪلڻ کپن- سرڪار اهو نہ ٿي سوچي تہ جنهن بيروزگار درخواست ڏني هوندي انهيءَ وٽ پئسا ڪٿان ايندا ۽ جي انهيءَ وٽ پئسا هجن تہ هو چريو آهي جو سرڪار وٽ نوڪري ڪري!“ هو اهو سوچيندو رهيو- ”ڇا غريب جي هڪ پل جي خوشي پويان ڏکن جو ريلو لڳل آهي- اهو غريبن جي خوشين جو دستور آهي! ڪاش اهو ليٽر هن کي هڪ ڏينهن اڳ ملي ها تہ اهي ٽي رپيا تيرنهن پئسا، جي مانيءَ تي خرچ ڪيا هئائين اهي تہ بچائي وٺي ها ۽ پوءِ اوڌر سوڌر وٺي پورائو ڪري وڃي ڪراچي پيڙو ٿئي ها - جيڪي بہ دوست هئس انهن کا اڳيئي اوڌر ورتل هئس ڪانئن لڪندو وتندو هو- هاڻي تہ ڪو دوست بہ نہ بچيو هوس، جنهن کان ڪٽي اوڌر وٺي-

هونئن بہ جتي هڪ ڏينهن بي روزگار جا دوست مونهن موڙيو وڃن، اتي ٻن سالن جي بيروزگار جا تہ مائٽ بہ انڪاري ٿي ويندا آهن پر هڪ ڏينهن اڳ هن کي خط ڪيئن ملي ها- هن جي هڪڙي ايڊريس تي هئي ڪانہ- بيروزگار ۽ فقير جي ايڊريس ڪانہ ٿيندي آهي! ڪڏنهن هڪ دوست وٽ ڪڏهن ٻئي دوست وٽ ايئن پيو مهل گذاريندو هو ۽ اهو ئي ڪارڻ هو تہ هو مولوءِ واري دوڪان، ”انٽرنيشنل ڊرائي ڪلينرس“ جي معرفت ٽپال گهرائيندو هو- پهرين تہ روز مولوءِ وٽ ويندو هو پر ڪا ٽپال نہ ملڻ ڪري هوريان هوريان وڃڻ گهٽائي ڇڏيو هئائين. تنهن کان سواءِ مولوءَجو بل بہ ڪافي چڙهي ويو هو سو نظرن تي چڙهڻ نہ پئي گهريائين ۽ مولوءِ بہ شايد بہ-ٽي ڏينهن سندس اوسيئڙو ڪري اڄ سندس خط سندس ڪمري تي ڇڏي ويو هو- بک جو مسئلو ڪراچي پهچڻ جي مسئلي اڳيان هاڻي پنتي پئجي چڪو هو-

هو حالتن جو تجزيو ڪرڻ لڳو- هر مصيبت ۾ ڏکيائي ۾ حالتن جو تجزيو ڪري حڪمت عمليءَ کان ڪم وٺجي-

هو سدائين ايئن ئي ڪندو هو- هن ذهن جي ڪاڳر تي حساب لکيو: هاڻوڪي مهل: رات جو هڪ، انٽرويو: صبح جو ڏهين وڳي يعني باقي نو ڪلاڪ مفاصلو حيدرآباد کان ڪراچي: اٽڪل سو ميل، کيسا: خالي ۽ پيٽ : اهو بہ خالي. نہ تہ هو پيٽ پري ٿي سگهيو ۽ نہ ئي هن مهل ڪٿان پئسا آڻي ٿي سگهيو-

هو آلجبرا وانگر حساب ڪرڻ لڳو خالي پيٽ ۽ خالي کيسو- ٻنهي ۾ ”خالي“ ٻول ”ڪامن فيڪٽر“ آهي، اهي تہ ٻئي ڪٽجي ويا يعني ڇٽا - باقي رهيا بہ ”فيڪٽر“ هڪ تہ صبح جا ڏھ جنهن کي هو ڦيرائي ٻارانهن نہ ٿو ڪري سگهي تہ جيئن صبح جو پٽ ست ڪري پاڙو ڪري سگهي سو هي فيڪٽر بہ اڻ ڪٽجندڙ ٻيو مفاصلو سو ميل سو بہ گهٽائڻ وڌائڻ بہ هن جي وس ۾ ڪونهي، يعني مفاصلو بہ اڻ ڪٽجندڙ فيڪٽر- مطلب تہ اهم فيڪٽر اڻ ڪٽجيندڙ- تہ پو هرو پرو حساب ڇو ڪيم؟ غريب جا تہ سڀ فيڪٽر اڻ ڪٽجندڙ هوندا آهن!“ ڪاش رڳو مهل جو فيڪٽر ئي هن

جي هٿ ۾ هجي ها ته پنڌ وڃي ڪراچي نڪري ها! مهل تي ئي سيڪنهن جو دارومدار آهي- مهل سفر جو ايڪس فيڪٽر آهي، اهو وس ۾ هجي ته حياتيءَ جو مسئلو سلجهي

وڃي، پر اهي سڀ فيڪٽر وري پئسي جي فيڪٽر سان ڪٺجن ٿا ۽ پئسي جو فيڪٽر ته ”سپوز“ به نه ٿو ڪري سگهجي!

هاڻي هن جي اڳيان به صورتون هيون ڪراچيءَ پهچڻ جون- ريل رستي يا بس رستي- ريل مين بنا ٽڪيٽ وڃڻ جوکم، جهلجي پئي جيل پر جي بس ۾ بنا ٽڪيٽ جهلجي پئي ته وڏ ۾ وڏ اتي لاهي ڇڏيندي بس. سو هاڻي سندس آڏو ڪا به چونڊ نه پنڌ ڪرڻ لاءِ مهل نه هئي. ريل ۾ جوکم هوءِ بس ئي آخري سهارو هيو پوءِ هن ڳوڙهي ويچار ڪان پوءِ بس ۾ سفر ڪرڻ جي هڪ وڏي ”مڪمل رٿا“ ناهي من ئي من ۾ پاڻ کي شاباس ڏيڻ لڳو. پاڻ جينيس هو پر رڳو هڪڙي گهٽتائي هيس جو ڪٺل هو. پر جي هو ڪٺل نه هجي ها ته شايد جينيس نه هجي ها ۽ موڳو مٺل هجي ها ۽ اهو بهتر به هو پر جي موڳو به هجي ها ۽ ڪٺل به ته پوءِ! هن آرس ڀڳي ۽ اوباسي ڏيئي ڪٺ تي آهلجي پيو مدد سندس آخري سهارو آهي. هن آخري ريل يا آخري بس ڪان ڦرين ڦهچي وڃي! من آخري ريل يا آخريبس ڪان ڦرين وڃي! سڄي رات هو جاڳندو رهيو-

هونئن جي ننڊ گهري به ها ته اهڙين حالتن ۾ ننڊ ڪٿان اچي ها پر مدد نه آيو سو نه آيو-

صبح جو پنيرڪي مهل هو اٿيو ۽ رٿا پٽاندڙ پنهنجي حڪمت عمليءَ تي ڪم شروع ڪيائين- رٿ نمبر هڪ هيٺ هن کي اهڙي هنڌ پهچڻو هو جتان گهٽي ۾ گهڻا ماڻهو چڙهندا هجن ته جيئي ڪو دوست يا واقفڪار ملي وڃيس جنهن سان گڏ بس ۾ ويهندو ته جيئن دوست سنگت ۾ سندس ٽڪيٽ به وٺي ڇڏيس. انهيءَ ڪري هو سرفراز ڪالونيءَ پهتو جتي بس جو آخري اسٽاپ آهي پر سومر هئڻ ڪري بسون ڏڪ گهٽ ڀريون پئي آيون - آخريڏاسٽاپ وٽ به ماڻهن جا هشام هئا پر ڪو دوست نظر ڪونه آيس - هو دوستنڪي من ۾ گاريون ڏيڻ لڳو - هونئن ته سدائين پيا ملن ۽ بور ڪن اڄ سندن لوڙ پئي محسوس ٿئي ته نظر ڪونه ٿا اچن! هن هڪ ماڻهوءَ ڪان مهل پڇي - ساڍا پنج ٿي رهيا هئا-

اڃا ته سفر شروع به ڪون ٿيو هوءِ باقي مهل هئي ساڍا چار ڪلاڪ - ڦرين بس وڃڻ واري هئي- هن ٽيٽار بس ۾ جهاتي پاتي - اندر ڪوبه دوست وينل ڪونه هو-ڪنڊڪٽر جي زور ڪرڻ تي به ته هو ڪيس سيٽ وٺي ڏيندو هو الٽو ڪنڊڪٽر جي ڪاوڙجندي اهو چوندي لهي آيو ته اسٽول تي ڪونه ويهندس- اهوئي بهانو هو بس مان لهڻ جو ٻي بس آئي هو ڊوڙي ان ۾ گهڙيو پر اتي به ساڳي ڪار لڳي هئي ۽ وري لهي آيو. ٽين بس آئي، چوٿين بس آئي ساڳي ڪارلڳي پئي هئي. هڪ بس ۾ ته سيٽ به مليس ٿي، پر ڪنڊڪٽر کي ڇپائين ته اڳين سيٽ ڪپي، جند جو ڇڏائٽي ٿي ٻاهر پنهنجن پورن ۾ ٻيٺو هيو ۽ اهڙي حالت ۾ هو بس ڪمپنين جا نالا پڙهندو رهيو جا هن جي هير هئي. ”چوڌري ٽرانسپورٽ ڪمپني“ ميانوالي بس سروس، چاچي بس سروس، ڪراچي ۽ حيدرآباد انهن ڪمپنين ذريعي ئي ڳنڍيل آهن يا انهن جي ڪري مرڳوئي ٽٽل آهن-پنهنجي پر ۾ ٻيئي جواب صحيح آهن! اهو به هڪ عجيب گورک ڌنڌو آهي!

ايتري ۾ هڪ رڪشا مان لهندڙ ماڻهوءَ هن جو ڌيان ڇڪائي ورتو. هو پنهنجو لڳو. ڌيان سان ڏٺو. ستار هو. سوٽ ڪيس لاهي مٿيو تہ هن خوشيءَ وچان رڙ ڪئي ”اڙي ستار تون! ڪر خبر ڪيڏانهن ڪراچي! هن پنهنجي دوست کي ڏسي، جنهن اتساهه مان غير معمولي جوش جو اظهار ڪيو هو تہ سندس دوست بہ حيران ٿي ويو ۽ ڪيس بہ پوءِ احساس ٿيو- سندس دوست ڪراچي پي ويو ڪو ولايت تہ نہ ٿي ويو! ”ها يار مٿڙئي ڪو ڪم آهي.“ ستار ۾ هن هٿ ملائي ڪيڪاريو- ”يار چڱو ٿيو جو ملي وئين ڪچهري ڪندا ويندا سون. اڪيلو سفر تہ مٿي ۾ سور وجهيو ڇڏي!“

ايتري ۾ هڪ بس زوم سان اچي پهتي ۽ ٻئي بس ۾ اڳئين در کان تڪڙا چڙهڻ لڳا- بس ۾ ڪافي رش هئي، سواءِ پوين سيٽ جي ڪٿي بہ ٻن ماڻهن جي گڏ ويهڻ جي جاءِ ڪانہ هئي. ستار کي بس جي ڊرائيور جي پر واري آڏي سيٽ ملي وئي. پر هو ٿورو پنتي هڪ سيٽ خالي هئڻ جي هوندي بہ نہ وينو. جي گڏ نہ ٿي ويهي سگهيا تہ پوءِ ويجهو ويهڻ خطرناڪ هو. بنا پئسي دوست اڳيان بي عزتي تہ نہ ڪرائي ها. هاڻي رتا پتندڙ هن کي دوست کان بنهه پري ويٺو هو. پوئين در جي پرسان- اجا بس هلڻ ۾ مهل هئي- سندس پهرين رتا اسڪل تي ڇڪي هئي -بس ڪنڊڪٽر واچ ڏسي بس هلائڻ لاءِ اشارو ڪيو ۽ هو چپ چاپ پوئين در کان هيٺ لهي ويو. بس مان لهڻ ڪانپوءِ پهريون وجهه هو وڃائي چڪو هو- پوءِ هن ويچاريو: ”اڙي ستار کان سڏو چو نہ اٺ-ڏهه رپيا گهريم - مڃان ٿو ته ستار سان ايتري گهرائپ تہ ڪانهي پر پڪو منهن ڪري گهرانس ها حياتي جو اهم مامرو هو-“

اجا پورن ۾ ئي هو تہ ٻي بس اچي پهتي، پنج-ڇهہ ڄڻا ڊوڙي چڙهڻ لڳا. جڏهن اندر سڀ کي بيهي ڪي ويهي رهيا تہ هو چپ چاپپوئين دروازي کان چڙهي پيو- بس جي مسافرن تي اتاچري نظر وڌائين- هڪ-بہ پري جا واقفڪار نظر آيا پر ڪو اهڙو نظر نہ آيو جنهن کي حجت ڪري ڪجهه چئي سگهي. بس پنهنجي مهل تي هلڻ شروع ڪيو ۽ هي پوئين سيٽ تان حالتن جو جائزو وٺڻ لڳو- بس بئراج ڪالوني تان ڦري ڄامشوري ڏانهن رخ رکيو. سومر جي ڪري، ڪراچي ويندڙن جي رش هئڻ ڪري، ڪلينر ڪنهن سرڪس جيپهلوان وانگر هلندڙ بس مان ڇت تان اسٽول لاهيو. ڪنڊڪٽر کي ڏيندو رهيو ۽ ڪنڊڪٽر ٻن سيٽن جي قطار جي وچ ۾ لنگهڻ واري جاءِ جي وچ ۾ اسٽول رکندو، مسافرن کي ويهاريندو رهيو-بس بئراج کان اُڪري اچي ڦاٽڪ تائين پهتي ۽ اتي جڳهہ نہ هجڻ جي هوندي بہ ٽي-چار پئسينجر گهچيا ۽ ڪن ۾ روانو ٿي ويئي- جيئن بس ڦاٽڪ اُڪري تيئن ڪنڊڪٽر ٽڪيٽ وٺڻ شروع ڪئي ۽ هوريان هوريان بس جي پوئين پاسي ڏانهن وڌڻ لڳو-

هن جي دل جي ڌڙڪڻ تکي ٿيڻ لڳي. هن جي رتا نمبر ٻين تي عمل ڪرڻ هو- ڪنڊڪٽر آخري سيٽ تائين اچي پهتو هو- ڪنڊڪٽر بنا ڳالهائڻ جي هٿ وڌايو- هن ڪنڊڪٽر ڏانهن نهاري چيو: ”ٻين کان تہ پهرين وٺ - آئون پئسا ڪيدان ٿو - نوٽ ٻڌل اٿم.“

ڪنڊڪٽر ٻين کان پئسا وٺڻ لڳو هو اتي بينو ڪنڊڪٽر پئسا وٺي ٽڪتون ڏيئي اجو ٿيو تہ هن بس جي گوڙ ۾ ڪنڊڪٽر جي ڪن ڏانهن منهن ڪري چيو: ”يار ڪنڊڪٽر پهرين ڳالهه ٻڌ هڪدم رڙ نہ ڪجائين متان بي عزتي ٿئي. تون جيئن چوندين تيئن ڪندس پر گوڙ نہ ڪجان-“

ڪنڊڪٽر بنا ڪجهه چوڻ جي هن جي اکين ۾ شوڪي نهاريو پر هو چوندو رهيو- آئون خدا ۽ رسول جو سنهن کڻي ٿو چوان تہ بي اي فرسٽ ڪلاس آهيان. هي ڏس ڊگريون هن لفافي ۾ نوڪري جي ڳولاها لاءِ ڪراچي پيو وڃان- هي ڏس انٽرويو جو ليٽر ڪيسي ۾. پئسو ڪونہ اٿم پر وچن ٿو ڪريان تہ ٽڪيٽ جا پئسا پري ڏيندس“

ڪنڊڪٽر هن کي مٿان کان هيٺ ۽ هيٺا کان مٿي تائين نهاريو - هو چوندو رهيو! ڏس يار ڪنڊڪٽر جهڳڙو نہ ڪجانءِ نہ مڃين تہ چپ چاپ لاهي ڇڏجانءِ-“

ڪنڊڪٽر پل ڪن چپ رهيو - ”توکي بہ اڄ چڙهڻو هو- اڄ تہ مالڪ بس ۾ ويٺو آهي- مهنجي نوڪري هلي ويندي-

تو کي اڄ ڇڏيندس تہ مالڪ سمجهندو روز ٿو ائين ڪريان. توکي بس مان لهڻو پوندو. هينئر هڪڙي هوٽل ايندي اتي لاهي ڇڏيندو سانءِ - پوءِ تون ڄاڻي تنهنجا ڀاڳ-“ ائين چئي ڪنڊڪٽر دري کان ٻاهر نهارڻ لڳو ۽ هو ڪجھ سوچيندو رهيو ڪم نہ ٿيو اسڪيم اسقل ٿي ويئي هاڻي ڇا ٿيندو.

رڻ ۾ رلي ويندو- هن هڪڙي ماڻهوءَ جي واچ ۾ ٽائم ڏٺو ڇهه ٿي رهيا هئا باقي ٽي ڪلاڪ هئا.

استاد روڪيس-“

ڪنڊڪٽر جي رڙ هن کي ڇرڪائي ڇڏيو بس بيٺي ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪري لهي پيو-

لهڻ سان هن ڏٺو تہ سامهون هڪڙي جهوپڙي هوٽل هئي بہ چار ماڻهو بينچن تي ويٺا هئا. امالڪ هن جي نظر رستي تي لڳل ميلي پٿر تي پيئي، جنهن تي لکيل هو”ڪراچي ٨٣ ميل“ يعني سترنهن ميل سفر ڪري چڪو هو بنا ٽڪيٽ هن هڪدم ذهن ۾ تہ رقميءِ جو حساب ڪيو-

سترنهن ميل سفر پورو ڪجي ٿو هڪ ڪلاڪ ۾، تہ هڪ ميل مفاصلو پورو ٿيندو هڪ ڀاڱي سترنهن ضربيان ٽياسي. سو ٿيندو پنج سئو پنجاسي يعني اٽڪل پنج ڪلاڪن ۾ انٽرويو جي مهل آهي ڏهه. هو يارهين مهل ڪراچي پهچي ويندو ۽ آس آهي تہ تيسيتائين انٽرويو ختم نہ ٿيو هوندو. ڪٿي سندس نمبر اچي بہ ويو هجي؟“

هو رستي تي بيهي هر ايندڙ بس جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو- هڪ بس بہ اچي نڪتي ۽ هن پري کان اشارو ڪرڻ شروع ڪيو بس هن کان اڳتي اچي بيهي رهي ۽ هو ڊوڙي ان ۾ چڙهي پيو ڪنڊڪٽر ڪيس ساهي پٽڻ بہ نہ ڏني ۽ هڪ دم هٿ وڌائي چوڻ لڳو: ”استاد ٽڪيٽ-“

هن بہ مرڪي ڪيسي ۾ هٿ وجهي پاڙو ڪيڻ جي اداڪاري ڪئي -خالي هٿ ڪيسي مان ڪڍي رڙ ڪيائين: اڙي منهنجو پٽون-“

هن وري ٻئي ڪيسي ۾ هٿ وڌو هٿ پاڪيٽ مٿان هٿ گهمايائين ۽ ٻيهر سيني ڪيسن ۾ هٿ وجهي پٽون ڳولڻ لڳو- هڪ دم هيٺ نهاري ٿورو جهڪيو پر پٽون نہ مليو ڪنڊڪٽر ڏانهن نهاري چيائين: معلوم ٿو ٿئي تہ بس ۾ چڙهندي ڪري پيو!“

”تنهنجي پٽونءَ جو آئون تہ ذميوار ڪونہ آهيان“

ڪنڊڪٽر بہ ترت جواب ڏنو-

”پر، پر هينئر ته هو مهنجي ڪيسي ۾-“ هن جي پريشان ڇهري جي اڻ تڻ آسي پاسي جي مسافرن جي ڌيان کي ڇڪائي وڌو ۽ سڀ پيسينجر هن ڏانهن نهارڻ لڳا. اڳين سيٽن تي ويٺل هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا ته ڇا ٿيو.

”ٽڪٽ جا پئسا ڪڍو صاحب“ ڪنڊڪٽر هن ڏانهن نهاري چيو-

”پر ڪٿان ڪيان هن ايئن ڇئي بس تي اچاتري نظر وڌي - من سندس ڀاران ڪو دوست يا واقفڪار ئي ٽڪيٽ ڀري ڇڏي پر دوست واقفڪار ته نهيو پر ڪا ڏٺل شڪل به نظر نه آئي! هينئر هو تيار هو ته پل گهڻا واقفڪار به هن کي بي عزتو ٿيندو ڏسن پر ٽڪٽ ڀرين. ان لاءِ ڀهريان رڳو هو ستار جي اڳيان بي عزتو ٿيڻ کان بچڻ لاءِ بس مان لهي ويو هو- ماڻهو ڪيترو نه ترت پنهنجا ماٽا تبديل ٿو ڪري- بس ويرم ئي نه ٿي لڳي- هڪڙو آواز آيو: ”ڪنڊڪٽر هڪڙو ته ٻئون ويو اٿس ٻيو وري تون ٽڪٽ تو ونينس. هاڻي ڇڏيس، ڪنيو هليس هڪڙي پاسينگر ۾ ڪهڙو ٿو فرق پوي!“

”اهڙي همدردي اٿو ته اوهان ٽڪٽ ڀريوس نه.“

ڪنڊڪٽر جي ان وراڻي کان پوءِ هو شخص نه رڳو ماٺ ٿي ويو پر ٻيا مسافر به هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا-

ڪنڊيڪٽر هڪل ڪئي: ”استاد روڪيس!“ ڊرياڻور بريڪ هنيو ۽ بس پاسو وٺي رستي جي ”شولڊر“ تي بيهي رهي- ڪنڊڪٽر هڪدم دروازو کوليو ۽ نظرن سان چيو ته لهي وڃي -هن اوسي پاسي نهاريو پر ڪا واهر نه ٿي ۽ نيٺ هو لهڻ لڳو ته ڪنڊيڪٽر در بند ڪندي چيو: اها ترڪيب نه هلندي استاد ڪا ٻي بس ڳول.“ ۽ پوءِ وري هڪل ڪندي چيائين: ”استاد وڃينس !“ ۽ بس هن جي اکين ۾ دونهون وجهندي رواني ٿي وئي. رستي تي لهڻ شرط هن جي نظر ڀاڙ مرادو ميلي پٿر جي گولها ۾ ڪجي وئي سامهون ميلي پٿر هو ۽ ان تي لکيل ٻيير هو ”ڪراچي۷۰ ميل“ هن جي ته رقميءَ جي حساب سان مفاصلو گهٽجي رهيو هو. بس مان ايئن لهڻ کان پوءِ به هن اڃا هار نه مڃي هئي- هن جي رڳا پٺاندڙاها به سندس سوڀ هئي، جو بنا ٽڪيٽ جي ڇڪي تاڻي ٽيهه ميل ڪڍي ويو هو- هو پنهنجا سرٽيفڪيٽ قابو ڪري هر ويندڙ ڪار کان لفٽ لاءِ اشارو ڪندو رهيو پر ڪارون هن جي لفٽ جي ابتي رد عمل ۾ اڃا به تکيون هن جي پرسان لنگهيو ٿي ويئون- مهل گهٽجي رهي هئي پر هن اڃا همت نه هاري هئي- هڪڙي ٻي بس نظر آئي، هن اشارو ڪيو پر ڪيس بيابان ۾ اڪيلو بيٺل ڏسي بس زوزاٽ ڪندي اڳتي هلي ويئي. هن جي رڳا پٺاندڙ اڃا به ڪيس وڏو آسرو هو هڪ - به ٽرڪ لنگهيا پر اهي به نه بيٺا نيٺ هڪ ٻي بس اچي پهتي ۽ هن جي اشاري تي بيهي رهي ۽ هو هڪدم بس ۾ چڙهي پيو ۽ ڪنڊيڪٽر به جهڙو پهرين ڪنڊيڪٽر وانگر هن جي گهات ۾ ويٺو هو هڪدم اچي ڪانئس پئسا گهريائين.

”يار ايڏي ٽڪڙ ساهي ته پنڌ ڏي توهان سڀ ڪنڊيڪٽر اصل هڪجهڙا ٿيندا آهيو“ هن ڪنڊڪٽر کي مرڪي ايئن چيو جڻ پئسا ڪڍيو ٿو ڏئيس ۽ وري چوڻ لڳس: استاد مڊوي ته ترسندي نه اتي منهنجو پاءُ مينيجر آهي يوسف صاحب جي هوٽل ۾ اتان پئسا وٺي ڏيندوسانءِ ۽ چانهن پاڻي به ڊبل- توهان ته اتي ترسندو نه. باقي آهي ڪيترو پنڌ، اهو ويهه پنجويهه ميل“

ڪنڊڪٽر هن ڏانهن ڪجهه شڪي ٿي نهاريو- هن ڪنڊڪٽر جي شڪ کي سمجهي ورتو- يار هتي لٿو هوس رڳو جي خريداري لاءِ -توکي خبر آهي تہ پئسا ڪٽي هتي لهڻ پنهنجي جان وڃائڻي آهي- ڪيسي خالي نڪتو هوس. بس استاد گهبراء نہ! "

بس جڏهن مدوي تي پهتي تہ اڌ سفر پورو ٿي چڪو هو ۽ نو لڳڻ وارا هئا انٽرويو ۾ باقي هڪ ڪلاڪ هو ۽ اڃا اڌ پنڌ باقي هو- مدوي هوٽل تي بہ بسون اڳ ۾ ئي بيٺل هيون ۽ ڏاڍو ڇهڇٽو لڳو پيو هو ۽ بس سان لهي گوڙ مان ٿيندو هوٽل جي پويان ناڙاڇوڙ جي بهاني سان هيٺ نئن ۾ لهي ويو. پندرنهن ويهن منٽن ڪانپوءِ جهاتيون پائيندو لنوٽيون هڻندو مٿي پهتو تہ اها بس وڃي چڪي هئي ۽ هن ٿڌو ساهہ کنيو پر هاڻي هو ڇا ڪري؟ ان بڏتر ۾ هو ۽ هن کي اها خبر نہ هئي تہ سندس اصولڪي رٿابنديءَ جو اهو حال ٿيندو جيتوٽيڪ هو اڌ سفر پورو ڪري چڪو هو پر ائين ٿي لڳو تہ هو اتي مدوئي تي اٽڪي پوندو- هن کي لڳو تہ هو هينئر "آڪاس ۽ ڌرتي جي وچ ۾ لٽڪيل آهي، نہ هيڏانهن جو نہ هوڏانهن جو. هر غريب جي هيٺي حال وانگر-"

مدوي هوٽل تان نلهو پاڻيءَ جو گلاس پي ٽڙندو پريان جهوپڙين وانگر ٿهيل سستين هوٽلن ڏانهن رخ رکيائين. ساڍا نو ٿي رهيا هئا ٿي ويلا ماني نہ ملي هئس- هينئر ڪجھ همت هاري وينو هو. هينئر ڪٽي ڪراچي وڃڻ جو وجهه بہ ملي وڃيس پر ڇا هو انٽرويو تائين پهچي سگهندو؟

ڏهين وڳي انٽرويو جي مهل هئي ۽ اڃا بہ ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جو سفر باقي هو- اهي بہ تڏهن جڏهن ڪا هينئر ئي لفٽ مليس-

بک بہ ڪيس ستائي رهي هئي پر اڃان هوٽلن جي قطار تائين پهتو هي ڪونہ هو تہ هڪ ڪير ڊوڙيندڙ وٺن جي پرسان لنگهندي هوٽل وٽ وڃي بيٺي- هن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي ۽ بک جي جيڪا ست اپري هئس سا وري الوپ ٿي چڪي هئي- گهليندڙ وکن ۾ ڦڙتي اچي وئي. جيتيٽيڪ وين ڪافي پري پئي هئي پر ان مان لهندڙ ٻنهي ماڻهن کي هن چڱيءَ طرح ڏسي ورتو هڪ کي اجرڪ جو پٽڪو هو ۽ ٻئي کي سنڌي ٽوپي پيل هئي ۽ ٻئي سامهين هوٽل ۾ هليا ويا. هي

بہ اچي ٻن ٽن منٽن ۾ ويجهو پهتو ۽ هڪدم سندس نظرون سڌو هوٽل ۾ ويٺل انهي ٻنهي همراهن کي ڳولڻ لڳيون-

اهي پريان هڪڙي ميز تي ويٺا هئا ۽ هن پيري ٻين پئسينجرن مان ڪنهن واقفڪار کي ڳولڻ بدران انهن ٻنهي همراهن ڏانهن نظرون ڪپاڊو وڌي آيو- پر هلڻ جي رفتار ٿوري ڍري ڪيائين تہ جيئن هلڻ قدرتي لڳي. ميز جي ويجهو پهچي، هڪڙي موڙي تي ويهي رهيو ۽ انهن سان ڳالهہ چورڻ جو بهانو ڳولڻ لڳو تہ ايتري ۾ بيرو آيو ۽ هن وٽ اچي بيهي رهيو ۽ هن چيس: "پهرين هڪ گلاس پاڻي تہ ڪٽي اچ" بيرو هليو ويو پر پوءِ هن انهن همراهن ڏانهن نهاريندي چيو: "چانهہ تہ اهڙي اٿن جهڙو حقي جو پاڻي!"

ٻنهي همراهن سندس ڳالهہ ٻڌي مرڪيو- ايتري ۾ بيري هنن ٻنهي جي آڌو چانهہ جا ڪوپ ۽ هن جي آڌو پاڻي جو گلاس آڻي رکيو- اجرڪ واري ڪوپ سيريندي هن ڏانهن نهاريندي چيو: "پر اسان کي تہ اهو حقي جو پاڻي آهي پيئڻو جو ٽڪا پيا آهيون-"

”ڪريو خبر ڪراچي پيا وڃو؟“ هن کي خبر هئي
ته هو ڪراچي پيا وڃن پر هن کي ان مهل ڳالهه وڌائڻ جو اهو ئي طريقو سجهيو-
پائو وڃون ته ڪراچيءَ پيا- دير به ٿي ويئي اٿئون- هتي ترسون ته نه ها پر گاڏي گرم ٿي وئي آهي.“
گاڏي گرم ٿيڻ جو ٻڌي هن جو منهن لهي ويو- گاڏي اڳيئي کير جي دٻن سان سٽيل ۽ وري ٻيو ماڻهو
ڪٿان ڪٽندا -هن وري آخري وجهه وٺندي ڪجه نهٺائيءَ سان چيو: ”اوهان جي گاڏيءَ جي اها
حالت نه هجي ها ته جيڪر مونکي ڪٽيو هلو ها- بس وارا هتان اڌ پنڌ تان به پورو ڀاڙو وٺيو ڇڏين.“
پر وري پنهنجي ڳالهه جي غلطي محسوس ڪندي چوڻ لڳو: ”پئسا ته خير ڪٽي پريون به پر بسون
اڄ سومر تي اهڙيون سٽيون پيون آهن, جو پير رکڻ جي جاء به ڪونهي-“
هنن ٻنهي هڪ ٻئي کي نهاريو ۽ اکين ئي اکين ۾ جهٽڪ ڳالهه ٿي ويئي -هن پيري سنڌي ٽوپيءَ واري
چيو: ”پائو هل ته ڪنيو هلون- جوان ته ناهوڪو ٿو ڏسجين. گاڏي مڙئي ڇڪي ڇڪي وڃي
پهچنداسون-“ آخري چانهه جو چسڪو ساسر مان پريندي, هن ساسر رکي ڪوپ مٿان اونڌو
ڪندي چيو-
”يار چانهن جي صلاح اٿئي پر اٿئي تو واري حقي جو پاٽي !“ اجرڪ واري جي اها صلاح ته هن
جڻ ٻڌي ئي ڪونه.
هن جي ڪراچي پهچڻ جو مسئلو سلهجي چڪو هو!
اجرڪ واري وري چيو ته ”سائين مون چيو اڃي چانهه جو ڪوپ!“
هو حقي جو پاٽي به پي وڃي ها پر هڪ شڪ ته مٿان ڪيس چانهه جا پئسا ڀرڻا پون, سو واراٽيائين:
نه يار اوهان کي به دير پئي ٿي ۽ مون کي به هلو ته هلون-“
وٺن جڏهن هلڻ لڳي تڏهن هن هڪ همراهه جي واچ ۾ ٽائيم ڏٺو. پوڻا ڏهه ٿي رهيا هئا ۽ ڪراچي
اڃا پنجونجاهه ميل پري هئي! هو انهي پنجونجاهه ميل جي ڀڪي سفر جو اونو لهڻ ڪري ۽ سخت
بک هوندي به سوچن جي جڳ ۾ هليو ويو-
هو سوچڻ لڳو انٽرويو ۾ ڇا پڇندا آخر ! الائي ڪير هوندا - من ڪا اهڙي ڳالهه نڪري پئي ته هو
ڪين ٻڌائيندو ته هو به جيل ٿي آيو آهي. ٻوليءَ جي لسٽن جي سلسلي ۾.
هو به بک هڙتال تي ويٺو هو ۽ جي ڪنهن چئي وڌو ته ”هان, تون ان لاء جيل ويو هئين ته پوء
نوڪري وٺي سگهين!“
۽ هو چوندو: ”نه سائين هيئر بيشڪ انهيء ڳالهه جو مان اٿم ته قرباني ڏني ٿم: پر آئون خدا کي
حاظر ناظر ڄاڻي ٿو چوان ته جڏهن بک هڙتال تي ويٺو هئس ان وقت منهنجي وهم ۽ گمان ۾ ڪون
هو ته آئون اڳتي هلي ان قربانيء جو فائدو وٺندس ان مهل ته منهنجو مقصد هر طرح جي قرباني
ڏيڻ هو- پر وري هن کي سندس هڪ دوست جي صلاح, ويچار ۾ آئي, جنهن ٻڌايو هوس ”ته پلجي
به ڪنهن انٽرويو ۾ اهو نه ٻڌائجان نه اهڙا ڪم شاگرديء واري زماني ۾ ڪيا هئا - اصل لاهه نڪري
ويندء.“

سندس دوست جي اها ڳالھ جي سار ايندي ئي هن کي ائين لڳو ڄڻڪ ڪنهن هن کي ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ کان جهلي ورتو هجي- جڏهن وٺن ڪراچي ٽؤل ٽئڪس پلازا وٽ پهتي تہ يارنهن ٿي رهيا هئا ۽ وٺن جڏهن ڪراچي شهر ۾ داخل ٿي تہ هن سک جو ساهہ پٽيو- ماڳ اچي ويجهو پهتو وٺن واري وٺن ڊرو ڪندي هن کان پڇيو: "ڀائو اسين تہ ويندا سون هتان سي پي سوسائٽي- توکي ڪٿي لاهيون!"

سي-پي سوسائٽي جو نالي ٻڌڻ سان هن جي خوابن جو محل وري پري پيو- ڪٿي سوسائٽي ۽ ڪٿي تغلق هائوس- پهرين تہ سوچيائين تہ چوين يار خدا جو واسطو اٿو مون کي تغلق هائوس ڇڏيو-دل جي ڳالھ ڪرڻ لاءِ هن پيش بندي ڪئي- "يار مون کي وڃڻو آهي سنڌ اسيمبلي واري پاسي، انٽرويو اٿم. مون سمجهيو تہ اوهان صدر واري پاسي ڏانهن ويندو-"

"اسين تہ مال ڏيندا آهيون سوسائٽي ۾ ۽ اڄ دير بہ ٿي ويئي آهي، مالڪ بہ ڪُرڪندو ڪندو پر ٻڌ ڀائو توکي اسين اهڙي هنڌ لاهي ڇڏينداسون جتي ٽئڪسي اصل سولائي سان ملي ويندي-"

هن اهڙي طرح ڳالھ ختم ڪئي جو اڳتي ڳالهائڻ جي هن کي همت ئي نہ ٿي. هڪڙو تہ مفت ۾ لفٽ وٺي آيو اٿن ۽ ٻيو وري چوين تہ ڇڏيو مون کي پنهنجي دڳ- وٺن هلندي رهي ۽ اچي جيل واري چوواٽي تي پهتي- هڪ رستو جيل ڏانهن ٿي ويو ۽ هڪ رستو جناح جي مزار ڏانهن ۽ هڪ رستي شهيد ملت روڊ هو ۽ هڪ رستو جنهن کان آيا هئا يعني پنتي حيدرآباد ڏانهن هن کي لڳو تہ هو حياتيءَ جي چوواٽيءَ تي بيٺل هوا هو ڪجهہ دير چوواٽيءَ تي حيران ۽ پريشان بيٺو رهيو-

اٽان پنج يا ڇهہ ميل پري تغلق هائوس هو- هن جا کيسا خالي هئا ان جو تہ ان کي شديد احساس هو پر هن جو پيٽ بہ ڪالھ کان خالي هو ان جو احساس نہ هيس-

ان مهل ساڍا يارنهن ٿي چڪا هئا- هڪڙي واٽ هن کي نظر آئي. هو ٽئڪسيءَ ۾ وهندو تغلق هائوس پهچي ٽيڪسيءَ کي پنجن منٽن ۾ موٽڻ جو چئي پڇي گم ٿي ويندو هن ائين سوچيو تہ هڪڙي خالي ٽئڪسي سامهون اچي نڪتي هن جو هٿ پاڻ مرادو ٽيڪسي روڪڻ لاءِ اٿي ويو ۽ ٽئڪسي هڪدم بيهي رهي هو اندر وينو ۽ کيس چيائين: "تغلق هائوس" ۽ ٽئڪسي جناح جي مزار واري رستي تان تکي هلڻ لڳي.

هن ٽئڪسي جي ڊيش بورڊ تي لڳل ٽئڪسيءَ نمبر پنهنجي ذهن ۾ نوٽ ڪيو ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو "ڪيئن بہ ڪري هن ٽئڪسي واري کي ڳولي پوءِ ٻيڻو ڀاڙو ڏيندس-

ٽئڪسي هاءِ ڪورٽ کان مڙندي تغلق هائوس جي در تي اچي پهتي. هن ٽئڪسي مان لهندي ٽئڪسي ڊرائيور جي پان کائيندڙ وات، ڪپڙن ۽ شڪل مان اندازو لڳائيندي کيس اڙدوءَ ۾ چيو: "يار ترسجانءِ بس بہ منٽ ڪو ڪم ڪونهي بس رڳو هي ڪا ڳر ڇڏڻا آهن." ائين چئي بنا ٽئڪسيءَ واري جي جواب جي تکو تکو اندر تغلق هائوس ۾ هليو ويو.هن کي آفيس جي خبر هئي جو ٽي –چار پيرا اٽان نوڪريءَ جي ڳولها ۾ ڌڪا کائي موٽيو هو. تکيون وکيون وڌائيندو ، سهڪندو اچي آفيس وٽ نڪتو. پي – اي سان ڪاليج جي زماني کان واقفيت هيس. ڪيڪارڻ بنا ڏانهس نهاريندي چيائين: "يار معلوم ٿو ٿئي تہ پهچڻ بيڪار ويو!"

سندس مرڪ جنهن ۾ ناڪامي سمايل هئي سا پڌري هئي.
”ڏاڍو ڀاڳ وارو آهين. بس آخري اميدوار اندر آهي.
تنهنجي نالي جو سڏ ٿيو هو. پر پوءِ مون آخر ۾ ڪرائي
ڇڏيو. پر ڪر خبر دير ڪيئي؟“
”يار توهان بہ ڪمال ٿا ڪريو اصل هڪ ڏينهن جي مهلت نہ ٿا ڏيو“
پي_اي ڪلي چيس: ”تہ تنهنجي مرضي آهي تہ اڳواٽ ليٽر ڪيون تہ هتي ڪٽ خلق جمع ٿي
وڃي! ڪن کي تہ اڄاليٽر ملندا!“
هن سندس ان ڳالهين کي در گذر ڪندي چيو
”پر ڪر خبر آهي ڪو آسرو“
”آسرو ڪيو هوندئي تہ چون آهي آسرو. ڪر خبر ڪو چئو چواءِ ڪرايو اٿئي!“
”يار ڪٿي ٿو اسان جو ڪم ٿئي. هڪ دوست کي هٿ ڪيم پر پٽس وڃي اسلام آباد نڪتو.“
هونئن پهرين بہ هڪ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر کان سفارش ڪرائي هئائين تہ نوڪري وري
قومي اسيمبليءِ جي سفارشيءَ کي ملي ۽ ٻئي ڀيري هڪ قومي ميمبر هٿ ڪيو هئائين تہ نوڪري
وري وزير جو ماڻهو وٺي ويو. ٽئين ڀيري تہ هڪ وزير تائين بہ وڃي پهتو هو تہ نوڪري وري زوردار
وزير جي ماڻهوءَ کي ملي. سندس وزير ڍرو وزير سڏائيو هو. جتي وزيرن جي ڪلرڪيءِ لاءِ پاڻ ۾
چتاچيتي ٿيندي هجي، اتي ڀلا هي ڪٿي ٿو پهچي سگهي.
”پوءِ تہ استاد هاڻي انٽرويو ڏين نہ ڏين تنهنجي مرضي. ڪو فرق نہ ٿو پو“
”چو يار انٽرويو ۾ آئون ثابت ڪندس پاڻ کي اهل.“
سندس دوست کان ڪل نڪري ويئي، رڳو ايترو چيائين:
”چڱو ڏسجائين. پاڻيهي خبر پوندءِ باقي مون ....' هن ڳالھ اڌ ۾ ڇڏي ڏني جو آخري اميدوار واپس
اچي رهيو هو.
پي_اي اٿي اندر ويو ۽ منٽ کن ۾ موٽي اچي چيائين ”وڃ يار اندر“
هي اندر ويو. هن ڏٺو تہ ٽيئي وينل آفيسر سنڌي ئي لڳا.
هن کي تڪڙ مان پي_اي کان پڇڻ وسري ويو هو تہ انٽرويو وٺڻ وارا ڪير آهن. انٽرويو ۾ هن کان
اهي ئي سوال پڇيا ويا جيڪي اڳيئي فارم ۾ ڀريل هئا. پيءُ جو نالو تعليم، ڊويزن، جنم جي تاريخ
۽ ٽائيپ بہ ايندي آهي، وغيرھ هڪڙو انهن مان ڪنڌ جهڪايو فائيل ڏسي رهيو هو جڻ انٽرويو
سان واسطو ئي ڪونہ هئس. پنج منٽن ۾ مڙس ٻاهر هو.
”ڪر خبر نيڪ ٿيو!' پي_اي هڪدم پڇيس.
”يار اهڙو انٽرويو تہ سين جو ئي نيڪ ٿي ويندو. پر يار آخر خبر ڪيئن پوندن تہ اهل اميدوار
ڪهڙو آهي. آخر سڀ تہ سفارش ڪونہ ڪٽندا.
”يار اصل سؤ في سيڪڙو سفارشي، انٽرويو تہ آهي مڙيئي ڪاغري ڪارروائي پوري ڪرڻي. مون
هيترو سمجهايو هو مائين، پر تون ڪو چئہ چوا ڪرايوئي ڪونہ . هاڻي ڀلا اسين ڇا ڪريون؟“

هن کي وري بہ آس هئي تہ هو فرسٽ ڪلاس هو ڪيڊاري هو ڦڙت هو. باقي ڪلاڪ ٽيڻ لاءِ ان کان وڌيڪ هن کي چا کپي. پڪ چونڊبو. حالتن هن جو ساٿ ڏنو هو جو هن جو ڪراچي پهچڻ اڻ ٿيڻي هو پر ٿيڻي ٿي چڪو هو.

"يار ڪر خبر رزلٽ جي، پوندي ڪا پروڙ." هن پي_اي کان پڇيو.

"هوئن "آفيشيلي" تہ بہ_ تي ڏينهن لڳندا، پر هينئر نالا "فائنلائيز" ڪندا هوندا. ويهہ تو کي ٻڌائي چڙيان. هڪ ڪوپ چانهہ جو تہ آڇجان." هن پٽيوالي کي اشارو ڪندي چيو.

چانهہ جو نالو ٻڌي هن جي سڄي بک موٽي آئي. هن حالت ۾ تہ اهو بہ وسري ويو هو تہ هو ڪالهہ کان بکايل آهي. چانهہ جي ڪوپ جو هڪ ڍڪ هن لاء امرت هو.

ٿوري دير کان پوءِ پي_اي ا ي ٻڌايس: "يار معاف ڪجانءِ تنهنجو نالو لسٽ ۾ ڪونهي. مون تہ اڳيئي چيو هو مانءِ."

الائي ڇو ايڏي بم گولي وانگر ڪرندڙ خبر بہ هن تي ڪو اثر نہ ڪيو هو پڇي ويٺو ڪر خبر پنهنجا گهٽا، پراوا گهٽا."

"بہ پنهنجا بہ پراوا." هن وراڻيو.

"سندن ڪواليفڪيشن؟ " هن جي سوال جي انداز مان ظاهر هو تہ هو ڏارين متعلق پڇي رهيو هو.

"ٻئي ٿرڊ ڪلاس " پر ٻنهي جون سفارشون پنهنجن کان بہ ڳريون هيون. بابا هتي ڪراچي ۾ ووٽ وٺڻا آهن."

"اهي تہ هوئن ئي ڪونہ ملندن. ڪٺي سڄي ڪراچي سوني ڪري چڙين." "يار آئي ايم ساري، پرواهہ ناهي، وري ڪنهن ٻئي واري تي." ائين چئي هو پنهنجي فائيل ۾ ڏسڻ لڳي ويو.

هو اٿيو موڪلائيندو، ڳرين وکن سان هوري هوري لڏندو لمندو ڏاڪڻ تان لهڻ لڳو. الائي ڇو هن کي تغلق هائوس جي نالي سان فيروز شاهہ تغلق ياد آيو جنهن سنڌ کي لٽي برباد ڪيو هو. هو دل ۾ وري نوڪريءَ جو حساب ڪرڻ لڳو. ٻن سالن ۾ هي سندس پنجون انٽرويو هو. هن جي عمر هينئر چوويهہ سال هئي پر اجان تائين نوڪري نہ ملي هئي. بہ سال ۾ پنج انٽرويو. هو آخر ڪيستائين جيئندو؟

هن ملڪ ۾ ماڻهن جي سراسري ڄمار چوٽيهن ورهين تائين آهي. ۾ تي سگهي ٿو تہ انهيءَ ڄمار کان بہ اڳ مري وڃي يا انهيءَ کان بہ وڌيڪ ڄمار ٿئي پر مسئلو ڄمار گهٽجڻ ۾ وڌجڻ جو نہ آهي. مسئلو نوڪريءَ جو آهي. چوٽيهن مان چوويهہ ويا باقي بچيا ڏهہ انهيءَ حساب سان انٽرويوئن جو ڪل ڳاڻيٽو تہ ڳولي سگهجي ٿو پر نوڪري ملڻ جو نہ ۾ نوڪري بہ هڪ ايڪس فيڪٽر آهي جيڪو سلجهي پوي تہ سڀ مسئلا سلجهي وڃن. ڪيسي ۾ هڪ پئسو بہ نہ . ڪراچي جهڙو ڏارين جو شهر، چوويهن ڪلاڪن جو بکايل ، هٿ ۾ ڍڳرين جو لفافو جنهن جي کولڻ جي نوبت بہ نہ آئي هئي. هو لڏندو ۾ لمندو، ٿاٻڙجندو، دروازي کان ٻاهر نڪري هيڏانهن هوڏانهن واڻڻن وانگر نهارڻ لڳو. ڪراچي جون ڊگهيون اوچيون عمارتون ٽريفڪ جي پيهہ پيهان ۾ بہ هو پاڻ کي اڪيلو برپٽ منجهہ محسوس ڪرڻ لڳو. "انگي حساب جي تہ رقمي جو جواب صحيح ڪيڊڻ جو اهو مطلب تہ

ڪونهي تہ هو حياتيءَ جي تہ رقميءَ جو جواب بہ صحيح ڪڍي سگهي ٿو. حياتيءَ جو نصاب ڪو انگي حسابن جو ڪتاب ڪونهي.“ هو سوچڻ لڳو.
هو انهيءَ سوچ ۾ منجهيل ٻڌتر ۾ ويٺو هو تہ هن جي ڪنن تي ڪو آواز پيو. ڪنهن ڪيس اڙدو ۾ چيو: ”سائين وڏيرا، ڏاڍي دير لڳائي ڇڏيوا!“ هن ڪنڌ ورائي آواز تي نهاريو. سامهون ساڳيو ٽئڪسي وارو بيٺو هوا!

# رات جنهين جو ماڳ

۽ وڏيري نواز خاص چوڌاري راجا کي چيو هو_ طاهر بئنڪر کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪجھ ٿيڻ کپي. نواز لاءِ ڪار لاءِ پئسا هٿ ڪرڻ حياتي ۽ موت جو معاملو بنجي ويو هو. نواز چرچي ۾ راجا کي چيو هو "يار توهان به ايتريون پرمٽون ٽا وٺو. ايتريون بسون اٿئو توهان ڪيئن منهن ٽا ڏيو؟ اسان کي ته هڪڙي ڪار جي پرمٽ ملي آهي ته پئسا ـ ڪٿي پيا آهن." وڏيري نواز راجا کي گهٽائي اشارا ڏنا هئا، پر منهن سان قرض نه گهريو هئائين نه گهرڻ جي همت تي ساريائين. پاڻيهي راجا آچ ڪري ها ته پوءِ ٻي ڳالھ هئي.

"يار اهي ته سڀ بابا کي خبرون آهن ته اسان رڳو حساب رکون ۽ بابا به پائي پائي جو حساب وٺي."

راجا کي واپار جي سڀ خبر هئي، پر ڪڏهن به پنهنجي ڏيتي ليتيءَ جو انت نه ڏيندو هو. ۽ يار اسان کي به بسن جي ڌنڌي ۾ چاچا وڌو. اصل اڙجي پيا آهيون. چاچا کي ڪهڙي خبر ته پنجاب جي ڌنڌي ۽ سنڌ جي ڌنڌي ۾ ڪيترو فرق آهي. پاڻ ته لاهور ۾ وينو_ موجون ڪري."

اها ٻي ڳالھ هئي ته سنڌ ۾ پنجاب کان وڌيڪ موجون هيون، نه ته هو هتي ڇو هجن ها. ۽ هي وڏيرا ظاهر ۾ مرسڊيز ڪارون۽ به به بنگلا رکندي به ڪڏهين ڪڏهين ايترا ڪنل ۽ قرض ۾ ٻڏل هوندا آهن جو محل تي کيسا خالي هوندا اٿن جيئن هينئر وڏيرو نواز هو. انهيءَ ڪان پوءِ هوٽل تي ماني کائڻي هئي. پر طاهر بئنڪر جي مرضيءَ واري هوٽل ۾، جو مکيه مهمان هيءَ هو. طاهر کي هوٽل فاروق جي ماني ڏاڍي وڻندي هئي خاص طرح نان پاوا_ اهي به تکين مرچن وارا!

اڄ رات "پروگرام" ٿيڻو هو. پر مسئلو هو ته ڪٿي ٿئي. راجا جي گهر ته ٻار ترسيل هئا. اتي سدائين ٻار ترسيل هوندا هئن. پر راجا پنهنجي ذاتي ۽ ذات ڀائي دوستن کي اتيئي وٺي ويندو هو. پر هنن دوستن سان گڏ ڪڏهن به پنهنجي گهر ۾ پروگرام نه ڪيائين. جي ڪو ترسيل نه هوندو هو ته اڇڻ وارو ضرور هوندو هو! پوءِ ٻلي اڇڻ وارو هفتو نه اچي! پر سندس اوچتي اڇڻ جو سدائين امڪان رهندو هو! راجا ته آئين ئي چوندو هو ۽ ڪڏهين به وڏيرن وانگر پنهنجي گهر کي چڪلو نه بڻايو هئائين. هوڏانهن وڏيري نواز جي گهر مهمان ترسيل هئا ۽ نواز جو پيءُ حج تي وڃڻ وارو هو.

نواز راجا کي سڄي بندوبست لاءِ چئي رهيو هو: "راجا اڄ پروگرام ٿيڻ کپي. طاهر کي آسرو ڏنو هوم. پاڻ چار ڄڻا ٿيندا سون، به ڄڻيون ڪافي رهنديون."

چڏ يار به وري ڇا لاءِ_ هڪڙي ڪافي رهندي. "راجا کي پئسا پرٽا هئا سو جيترا پئسا بچنس اوترا چڱا_ وڏ ۾ وڏ مون کي ڪٽي نه ڳڻيو ٻيو ڇا"

"نه يار آئين وري ڪيئن ٿيندو"

نه نه _ وجھ مليو ته واھ نه ته نهيو. "راجا هفتو اڳ ۾ ئي هڪڙو ڳرو بل ڀريو هو. جڏهن نواز جي پيءُ وزير

جي دعوت ڪئي هئي تہ ولائيتي شراب راجا ئي آندو هو.
”پر يار طاهر وري ڇا چوندو؟“
”چوندو وري ڇا _ وڌ ۾ وڌ پهرين هو ٻيو ڇا . مفت ۾ هن کي ڪجھ بہ ملي.“
اوڏي مهل طاهر مفت جي شراب جي نشي ۾ لڏندي لمندو پي آيو.
طاهر جون واڇون ٽڙي ويئون هيون. ”يار_ واھ. ڇا ڳالھ ڪئي اٿئون قسم پروردگار جي“ ”
”پر طاهر. پروگرام گهر ۾ نہ ڪري سگهبو. خبر اٿئي بابا جن حج تي پيا وڃن ۽ راجا جي گهر بہ مهمان ترسيل آهن“
طاهر جي منهن جو پنو لهي ويو.
”اڙي يار طاهر. دل نہ لاھ. اڄ پروگرام پڪ ٿيندو. پوءِ ڪٿي ڪوٺي تي وڃڻو پوي. ٻڌئي پر اڄڪلھ ڏينهن نيڪ ڪونهن. اتي وڃڻ بہ جوکم آهي. سو هاڻي پروگرام ٿيندو ڪلفٽن تي.“
'”ڪلفٽن تي ! “ طاهر ٻئنڪر جي چهري تي اچرج سان گڏ وري رونق بہ موٽي آئي.
”ڪلفٽن تي. اصل سمنڊ جي ڪناري. نواز جي ويگن ڪهڙي ڪم ايندي.“
سچو مامرو هيئن ٿيو تہ هو سڀ هوٽل فاروق ۾ ماني کائيندا. راجا ”پرائيوٽن“ کي وٺي هوٽل فاروق تي ”سنئڪس“ وٺڻ جي بهاني ايندو ۽ پوءِ انهن کي وٺي ڪلفٽن ڏانهن ويندو ۽ هي پويان ڪار ۾ ايندا هوٽل فاروق تي ماني کائيندي طاهر ڪجھ ماٺ ماٺ هو. چهري تي گاڏر ساڏر تاثر هو ڪيڏي مهل ڪليو ٿي تہ ڪيڏيءَ مهل ماٺ ٿيو پي ويو. پر نان پاوا اهڙي جوش ۾ کائي رهيو هو جهڙو صدين جو بکايل هجي..
”يار طاهر هوريان کاءِ. هيءَ ماني آخري تہ ڪانهي.“
نذير ڪتل. طاهر کي چرچو هٽندي چيو. نذير ۽ طاهر رڳو هڪ ٻئي تي ئي چٽرون ڪندا هئا. هڪڙو ڪتل ٻيو پوڏائو. ڪٿي ٿا اميرن سان چرچا ڪن. هوئن بہ سنگت ۾ جتي بہ ڇٽا ڪتل هوندا آهن ، انهن جي پاڻ ۾ سدائين لڳندي رهندي آهي. ڇو جو غريبن جو ساڙ بہ هڪ ٻئي سان ٿيندو آهي ۽ وس بہ هڪ ٻئي تي هلندو آهي.
طاهر بہ جواب جو ايترو تکو هو جو کائنس پڇڻ محال هو پر نذير جي خرچي جي جواب ۾ رڳو مرڪي ڏنائين ۽ پائي کي پورو چٽ ڪندي چيائين. ”هر مومن جڏهن نماز ۾ بيهي تہ سمجهي تہ اها سندس حياتي جي آخري نماز آهي ۽ جڏهن بہ ماني تي ويهي تہ اهو سمجهي تہ اها سندس حياتي جي آخري ماني آهي!“ طاهر پنهنجي خوشگوار موڊ ۾ موٽي چڪو هو. پوءِ وري نواز کي چوڻ لڳو ”يار نواز گهر تي. پوءِ ڪنهن ٻئي دوست جي گهر تي ئي سهي ، پروگرام نجي ها تہ سٺو. “طاهر اڃا ڪلفٽن واري سوچ سان سهمت نہ پئي لڳو
''پر ڪنهن ٻئي دوست جي گهر پروگرام ٿيڻ تہ پري رهيو. پر سچ پڇين تہ پنهنجو گهر خالي هجي تہ بہ اتي پروگرام ڪرڻ اڄ ڪلھ جوکم جو ڪم آهي.“ نواز مرڪوئي گهر واري ڳالھ کي بنھ رد ڪرڻ ٿي گهريو.

”چڏيار توهان جي هتي بادشاهي لڳي پيئي آهي. توهان جي تہ حڪومت آهي. اوهان جو پنهنجو سنڌي حاڪم تخت تي ويٺو آهي.“ طاهر پنهنجي باهہ ڪيندي چيو.هونئن ڪنهن جي خلاف ڳالهائي دل جي باهہ ڪڍڻ جي اها بہ واٽ آهي تہ انهيءَ ڪارنامن کي ڪنهن دشمن جي ڪنڌي ۾ وڌو وڃي اهو تہ ٺيڪ آهي پر جيسين اسان جو حاڪم پان پهچي تيسين تہ ترا نڪري ويندا.“
وڏيرو نواز طاهر جي ڳالهہ کي ڪنهن حد تائين مڃيندي چيو.ڪٽل نذير ايتري دير ماٺ ڪيو ويٺو رهيو، پر پوءِ پاٽي جو گلاس پي هڪ ڳيت ڏئي اوچتو ٿاتي پيو چڻ جهجهڪي آئي هجيس ”طاهر توکي ڪنهن چيو تہ اسان جي حڪومت آهي. اسان جي مٿان تہ سين کان وڏيڪ ظلم آهي. ماڻهو اسان جا جيلن ۾ آهن ، ٻولي اسان جي ختم ڪئي ويئي آهي.
اسان جن رسالن ڪتابن تي بندش آهي، اڃا بہ تون چوين ٿو تہ حاڪم توسان جو پنهنجو آهي!“
”پوءِ اهو ڪنهنجو آهي. ڇا اوهان جو بہ ڪونهي. اسان جو تہ ظاهر ظهور دشمن آهي.“ طاهر ٻئنڪر بحث جي موڊ ۾ اچي چڪو هو. هونئن بہ طاهر جي لاءِ بحث ڪرڻ ايترو ئي ضروري آهي، جيترو پان کائڻ. نہ هو بحث کان سواءِ جيئرو رهي ٿو سگهي ۽ نہ ئي پان کان سواءِ ٻي مکيہ ڳالهہ اها تہ جنهن جي بہ حڪومت هوندي، تنهن جي سيني جي سامهون ساراهہ ڪندو هو پر اڪيلي ۾ ماءُ پيءُ تي اهي گاريون ڏيندو هو جو لکنو جي ڪوٺي تي ويٺل رنڊيون بہ شرمائجي وڃن. جتي اڙدوءَ جي هڪ وڏي اديب جي چواڻي تہ نواب پنهنجي اولاد کي تهذيب سکڻ لاءِ ڇڏيندا هئا.
وڏيرو نواب، طاهر ٻئنڪر جي ان ڳالهہ تي تہ _ آخر سنڌي حاڪم ڪنهن جو آهي; چوڻ لڳو ”چوڌاري راجا هجي ها تہ منهن تي ڪرايائين ها تہ ڪنهنجو آهي.“ نواز ڪلندي چيو.
”يائي ، تڏهن تہ چوندو آهيان تہ سيني برائين جو خاتمو اسلامي نظام ۾ آهي.“ طاهر ٻئنڪر مسئلي تي فيصلو ڏيئي ڇڏيو.
ايتري ۾ سامهون کان چوڌاري راجا پاڻ اچي نڪتو. راجا اڪ پڳي. طاهر ٻئنڪر واڇون ٽيڙيندي ٽپ ڏيئي اٿي
بيٺو. ”ڪيئن استاد ڪم ٺهيو؟“
طاهر ترس تہ سهي. بل تہ ڏيون. ”نواز ڪٽل ٽوڪيندي طاهر کي چيو ۽ طاهر ٻئنڪر ٿڪو ٿي ويهي رهيو.
”ٻڌويار، آئون هلان ٿو هتان سڌو نيو ڪلفٽن تي. اتي ترسندس. بس توهان جيئن پهچندو تہ تيئن اچڻ اڳتي.... ' چوڌري راجا جي اڌ جملي ۾ سڄي مضمون جي معني لڪل هئي.
هوٽل مان نڪرندي ڇڪن تڪي جا پئڪيٽ بہ کنيا ويا، جي طاهر جي چوڻ تي ماني کائڻ کان الڳ ورتا ويا هئا. هونئن بہ رات جو پروگرام هو مٿان گهٽي دير لڳي. .
ورلي ڪا اهڙي مهل ايندي آهي جڏهن ماڻهو پيٽ ۽ سرير جي بک ، ٻنهي کان هڪ ئي مهل ۾ وانجهيل هجي. ۽ ڇڪن تڪن جي پئڪيٽن کي اڄوڪين شام جي اخبارن ۾ ويڙهي پويان در وٽ رکيو ويو فاطمہ جناح روڊ کان ٿيندا ، ون وي وٽان مڙندا، وڪٽوريا روڊ هاڻ اسلامي نالو حاجي عبدالله هارون روڊ تان ٿيندا ڪلفٽن روڊ تي مرسڊيز، ٻين گاڏين کي اوورٽيڪ ڪندي ، ڪلفٽن

تان ساڳيءَ رفتار ۾ لنگهڻ لڳي، جتي سنڌي حاڪم، سنڌ جي محبت ۾ سنڌي ڪتاب ۽ رسالا بند ڪري هالا ڪاشيءَ جون سرون لڳايون هيون. ڪلفٽن برج اڪرنديئي ڪار هاڻي خيابان اقبال تان پي ويئي. اقبال جي نالي تي پي_اي_سي_ايچ سوسائٽي ۾ هڪ روڊ اڳ ۾ ئي آهي، پر رڳو هڪڙي روڊ تي نالو نهي نہ ٿو هوئن بہ جيڪو رعب ”خيابان“ لفظ ۾ آهي اهو ”روڊ “ ۾ ڪونهي. هانئن هڪ ڪالوني گلشن اقبال بہ آهي. وس پڄين تہ ڪراچيءَ جي هر روڊ، هر ڪالوني جو نالو ڪنهن نمومي اقبال تي رکي ڇڏين! باقي لطيف جو نالي ڪراچي ۾ ڳوليو نہ لينداو. لطيفجي نالي کي ڳولڻ اصل ۾ ”ملين ڊالر ڪوئسچن“ آهي! اها خميس جي پر اسلامي حساب کان جمعي جي رات هئي ۽ ڪلفٽن تي جمعي کان وڌيڪ رش تي نظر آئي، جو ايڏانهن عبدالله شاھ جي درگاھ آهي جتي ڪراچي جا ماڻهو پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪرڻ، پري پري کان ڪهي ايندا آهن ۽ موٽ ۾ پراين ڪارن ۾ لفٽ وٺي گهر پهچندا آهن. ڪار جڏهن ڪلفٽن پرامينيڊ تي پهتي تہ پريان بيٺل وڏگن، ايتري رش ۾ بہ پڌري پي نظر آئي. هنن پهچي هارن ڏنو ۽ ٿوري دير ۾ وڏگن اڳيان تي ۽ ڪار پويان ۽ پوءِ هيٺ سمنڊ جي ڪناري ڏانهن روان هيون.

”هو بيو ڪير وينو آهي ويگن ۾؟“ طاهر بئنڪر کان ڇرڪ نڪري ويو. ويگن راجا هلائي رهيو هو ۽ پويان سيٽ تي هڪ عورت جي جهلڪ پي نظر آئي ۽ اڳيان هڪ بيو ماڻهو وينو هو.

آئون سمجهان ٿو شايد ”پمپ “ آهي. پڙوي کي ”پمپ“ چوڻ اعلي تهذيب جي نشاني آهي. نذير ڪٽل بہ پنهنجي مهذب هئڻ جو مظاهرو ڪندي اهو ٻول استعمال ڪيو.

"”اڙي، اهو تہ، نورالله ٿو لڳي.“ نواز هن ماڻهو کي سڃاڻيندي چيو

” نورالله ڪير؟“ طاهر بئنڪر جي گهبراهٽ وڌي رهي هئي.

”راجا جو سوٽ.“ نذير بہ ڪيس سڃاڻيندي چيو. چوڌريراجا جڏهن ڪنهن پروگرام تي پئسو خرچيندو هو، پوءِ ڪٽي پرائيوٽن تي هجي يا شراب تي، پاڻ سان گڏ رونگ ۾ ڪونہ ڪو سؤٽ ماسات ضرور آڻيندو هو. پنهنجي خرچ مان ڪجھ تہ وصولي واپس گهر ۾ اچي!

چوڌري راجا ۽ وڏيري نواز کي، واتون ۽ لنگھ ساريا پيا هئا. منظر موهيندڙ هو. چانڊوڪي رات، ٻارهين تيرهين تاريخ جو چنڊ ۽ لهرن جي اڇل ۽ سمنڊ جي ڪناري جي رومانيت ۾ هڪ زال جي موجودگي، اجا بہ وڌيڪ سونهن پيدا ڪري ڇڏي هئي ويگن ۾ ڪار بتيون ۽ روشنين کان ڏور سمنڊ جي ڪناري هوريان هوريان اڳتي وڌي رهيون هيون ۽ ڪراچي جو شهر پٺتي ٿيندو پي ويو. نيٺ هڪ هنڌ تي وڏگن ور ڪائي سمنڊ کي پٺ ڏئي بيهي رهي. جيئن ويگن پاسيرڙي ٿي تہ وڏيري نواز جي ڪار جي روشني ۾ ويٺل زال جو چهرو جرڪي اٿيو

”معشوق تہ دلبر ٿو ڏسجي“ نذير ڪٽل جي وات مان نڪتو.

دلبر هجي يا نہ _ هاڻي تہ اهڙي اسٽيج تي آهيون تہ ڪهڙو بہ هجي!“ طاهر بئنڪر اک پڇندي نواز کي چيو.

۽ نواز ڪلي ڏنو. هرويرو جيتوڻيڪ ڪا اهڙي ڪلڻ جي ڳالھ ڪانہ هئي طاهر کي خوش ڪرڻ لاءِ.

نواز بہ ڪار ڪي موڙيو ۽ اها بہ ساڳي ڏس ۾ پر سمنڊ ڪان پري ٿورو ڪناري ڏانهن وڌي بيهي رهي. سيئي لٿا، بوتلون ڪلي ويون ، گلاس نڪري آيا ۽ ڪار جو بانيٽ جڻ ٽيبل بڻجي وئي. طاهر بئنڪر ، چوڌري راجا ڏانهن ڏنو ۽ پوءِ زال ڏانهن ۽ سيني ڪان پهريون گلاس ڪٽندي راجا کي چيو "چو نہ راجا محترما شريڪ نہ ٿيندي ڇا!" راجا اڳتي وئگن ڏانهن وڌيو. ڪجھ ڳالهائي ۽ پوءِ مرڪندي

واپس وريو.

"'يار هو تہ بر ٿي ويني آهي_ چوي ٿي ٻن جي جاءِ تي پنج ڪونہ هلندا."

"چئينس تہ هوندو هڪڙو باقي ٻيا فلم جي شوٽنگ ڪندا بليو فلم ناهيندا سون." طاهر چيو ۽ سيني گڏجي ٺڪ ڏنو گلاس خالي ٿي چڪا هئا. نذير ٻيهر گلاسن کي ڀرڻ لڳو.

طاهر هٿ روڪيندي چيو. "بس استاد باقي پوءِ" "

راجا ويگن جو پويون در مٿي ڪيو. ڪجھ وڇائڻ لڳو ۽ سرڙ سرڙ جو آواز اچڻ لڳو."

" "اهو ڇا پيو ڪرين." وڏيري نواز رڙ ڪندي پڇيو.

"يار دري وڇائي هئم_ پر خراب نہ ٿئي سو اخبارون پئي مٿان وڇايم. اخبارون تہ پڙهيونسين بہ ڪونہ ، مهل ئي ڪونہ ملي" راجا وراڻيو ۽ انهن اخبارن مان اهو بہ هڪ فائدو هو. سچ ڪراچي تہ ڇا ، پر سڄو ملڪ انهن ابارن کان سواءِ هلي نٿو سگهي_ اهو ڪهڙو ڪم آهي جو اخبارون نہ ٿيون ڏين.

ايتري ۾ وڏيرو نواز حڪم جي انداز ۾ ڳالهائڻ لڳو.

"يارو، ڳالھ ٻڌو. طاهر اسان جو مهمان آهي پهرين هو ۽ اصل ۾ سچ پڇو تہ اڄوڪو پروگرام اسان طاهر جي "آنر" ۾ ڪيو آهي.

"نہ يار نواز ڀائي. طاهر تڪلف واري انداز ۾ چيو. جنهن تڪلف ۾ اڳلي جي ننهڪر سمايل هوندي آهي، انهي ۾ پڪ هوندي آهي تہ اڳلي کي ننهڪر تہ ڪرڻي ڪونهي! پر انهيءَ تڪلف ۾ اڳلو ڪٿي ننهڪر کي سچ سچ نہ ئي سمجهي وٺي تہ پوءِ انهي تڪلف ڪرڻ واري جي شڪل ڏسڻ وٽان هوندي آهي. تڪلف منافقي جي شريفاڻي صورت جو ٻيو نالو آهي طاهر تڪلف ڪندو وڃي هن وٽ پهتو.

"يار هي تہ ڪاوڙجي ويني آهي. چوي ٿي، هٿ لائڻ بہ ڪونہ ڏيندس." "طاهر بئنڪر" پويان رڙ ڪئي. راجا ويگن وٽ لنگهي ويو ۽ ٿوري دير ۾ ئي ڇوڪري ۽ طاهر ٻنهي کي پاڻ سان وٺيو آيو. يارو توهان اڪيلي اڪيلي "ڊرنڪ" ڪيئو. هن کي وساري ڇڏيو ۽ نذير ڪٽل هڪ گلاس ڪٽي ڇوڪريءَ جي اڳيان ڪيو.

اوهان جو نالو؟" نذير گلاس ڏيندي پڇيس

هن پنهنجو نالو عائشه ٻڌايو.

"سبحان الله ڇا نالو آهي!" طاهر واڪاڻ ڪندي چيو.

”يار هي بہ ڪو نالو آهي_ اڄڪلهہ تہ ماڊرن نالا پيا هلن. اهي تہ 'اولڊ' نالا آهن، گهٽ ۾ گهٽ ٽيهہ سال اولڊ نواز ڪٽل چيس
سڀ نالا سهڻا آهن. زال تي جيڪو بہ نالو رکو ڪهڙو بہ هجي، سهڻو نالو ٿيو پوي. ' طاهر انهي وچ ۾ هڪڙو بيو گلاس ڪٽي ورتو. ”نہ مس عائشہ تو ڪي پڪ عاشي چوندا هوند“ا
’ ها، تہ مس عاشي، اسين گهڻا ٿا لڳون، تہ سؤ رپيا ٻيا.
بس نہ! ' راجا ڪيس راضي ڪرڻ لاء آڇ ڏني.
'”بلڪل مناسب.“ طاهر بہ فيصلو ڏنو. پئسا هن تہ ڪونہ ٿي ڏنا باقي رعب اهڙو هو جڻ پاڻ ٿي ڏنائين. .
هن سؤ روپين واري واڌ جي آڇ نظر انداز ڪندي کين ٻڌايو تہ سندس طبيعت نيڪ ڪانهي
پوء تون آئين چو؟" نورالله، چوڌري راجا سوٽ جيڪو ايتري دير چپ ويٺو هو تنهن بہ ڀريون پيرو ڳالهايو.
هوء ٻڌائڻ لڳي تہ پئسن جي ضرورت ڪري. پڻس سخت بيمار هو. ٻئي ڏينهن اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو هو.
”تڏهن تہ توکي سؤ رپيا وڌيڪ پيا ڏيون نہ .“ هاڻي وري نذير ڪٽل سؤ رپين جي واڌ واري آڇ جي ڳالهہ ڪئي ”طاهر وانگر رعب سان ڳالهائيندي چيو، ڄڻڪ هن پنهنجي بہ کيسي مان ٿي ڏنا . .
”نہ تہ هتان هلي سڌو ٿاڻي ۾ چڙيوس تہ پاڻيهي خبر پوندس“ طاهر ٻئنڪر ڌمڪي ڏنس.
”ڪتيءَ کي وڌيڪ ڪپن. پيٽ ئي نہ ٿو ڀرجيس .“وڏيري نواز ڪاوڙ ۾ ڳالهايس.
هو هيسجي ويئي_ ۽ طاهر ان جي ڇهري جا اهڃاڻ پڙهندي کيس ٺوڪڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳو..
”محترما، هتي سمنڊ ڏاڍو گهرو آهي. ۽ سڀ ڪان وڏي خرابي اها آهي تہ هتي تہ لاش بہ نٿا لڀن، پوء وري راجا نذير ڪٽل ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو، ”يار توهان هلو_
هرويرو پيا گرم ٿيو هن جي ننهڪر ڪونهي.“
۽ هو ٻُرين وکن سان لاچار طاهر سان گڏجي ڇڪجي پويان ويگن ڏانهن نيئي ويئي
ٿوري دير کان پوء طاهر موٽيو. پر هن پيري ٿورو ڪرڪندو آيو. کن ماڻهن جي عادت ٿيندي آهي تہ کنهن شي کان ننهڪر بہ نہ ڪندا تہ وري ڪرڪندا بہ جهڙوڪ ٻين تي مهرباني ڪندا هجن. .
اهڙي طرح سڀ واري واري سان پويان ٿيندا آيا. طاهر ٻئنڪر کان پوء وڏيرو نواز تنهن کان پوء ڪٽل نذير ۽ آخر ۾ چوڌري راجا جو سوٽ نورالله. چوڌري راجا هن جي بيماري تي رحم کائي پنهنجو وارو ڇڏي ڏنو يا هيترن ماڻهن کان پوء وجڻ تي دل نہ ٿي هوندس واپس ٿيڻ مهل وٺگن اڳيان ٿي ۽ هي ڪار ۾ پويان ٿيا.
رات جا ٻہ ٿي رهيا هئا، متان ڪو واٽ تي پڇاڳاڇا نہ ڪري ان ڪري گاڏيون گڏوگڏ سمنڊ جي ڪناري تان ڊوڙينديون ڪلفٽن جي ون وي واري چاڙهي تان مٿي ڀريون ۽ جڏهن ڪلفٽن جي ڀرين چوواٽي تي ڀريون تہ ڀريان روشني ۾ ڪجهپوليس وارا نظر آيا

پرسان ڪار بہ اچي بيهہ رهي. نواز ڪار مان ٺي پڇيو.
”ڇو ڇا ٿيو؟“
'يار پريان ڪجھ گڙٻڙ ٿي ڏسجي. اسان کي هن ڪي هٿي لاهڻو پوندو. ”چوڌري راجا انگريزي ۾ وڏيري نواز کي چيو
”پوءِ لاهينس“
”اهو تہ ڇيو مانس، پر لهي ڪانہ ٿي. ڇوي ٿي هٿي نہ“
”اڙي لهہ نہ.“ نواز ڪاوڙمان رڙڪري چيو. نذير ۽ طاهر بہ در کولي هيٺ لهي آيا. ۽ هو ٻاڏائڻ لڳي تہ ڪيس گهر پهچڻو آهي. سندس پيءُ بيمار آهي پاڻ بہ نيڪ ڪانهي خدا ۽ رسول جا واسطا ڏيڻ لڳي، پنجتن پاڪ جي مهابي ٻاڏائڻ لڳي.
’”بند ڪر اها ايڪٽنگ، ڪميٽي.“ چوڌري نواز هڪل ڪري چيو. پر هو آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳي.
طاهر هوريان اڳتي وڌيو ۽ چوڻ لڳو، ”يارو توهان ماٺ ڪريو. ائين نہ لهندي. ائين چئي هو اڳتي وڌيو ۽ دري ۾ منهن وجهي چوڻ لڳو ”محترما اوهان پاڻ تشريف کڻي وڃو. اهو اوهان جي حق ۾ بهتر آهي، نہ تہ هرويرو هلندي ڪار مان اوهان جي تشريف اسان کي لاهڻي پوندي.
طاهر جا آهي جملا ٻڌي هو طاهر جي اڳيان هٿ ٻڌڻ لڳي، ۽ روئيندي کين پاڻ سان وني هلڻ لاءِ چوڻ لڳي.
طاهر وري سائين کي چوڻ لڳو. يار هي ائين نہ مڃيندي ڪو بہ انسان پنهنجي جاءِ، کڻي هو گند تي بہ ويٺل ڇو نہ هجي، زبردستي ڪان سوا نہ ڇڏيندو.
طاهر ۽ نورالله وڃي هن ۾ هٿ وڌا ۽ کيس گهلڻ لڳا ۽ رستي تي آڻي جو اڇلايو تہ ڇوڪري جو مٿو وڃي ڇوواٽي تي ٺهيل يادگار جي سنگمرمر جي پيٽ سان لڳو.
ڪلفٽن جي انهي چوڪ کي شهيدن جو يادگار چئجي ٿو. جنهن تي جيڪو ڪتبو لکيل هو. سو نذير کٽل ۽ طاهر ٻئنڪر سدائين گڏجي پڙهندا هئا. نذير سنڌي ۾ لکيل وارو تہ طاهر اڙدو وارو پڙهندو هو.
'انهن لکن مسلمانن جي ياد ۾ جن ڪشالا ڪڍيا، ڏک ڏاکڙا سهي، پنهنجي پگهر ۽ رت سان آزادي جي راهہ روشن ڪئي. انهن جون قربانيون اسان جي تاريخ ۽ اسان جي دلين تي نقش آهن. اسين کين پاڪستان کي هڪ زنده حقيقت بنائڻ تي سلام ڪريون ٿا.
اها ڪالھ خميس يعني جمع جي رات جي ڳالھ هئي.
اڄ وري هو ڪالھ جيان گهمڻ نڪتا هئا. اڄوڪي سجها ۽ ڪالهوڪي سجها ۾ ڪو مکيا فرق ڪونہ هو.
سواءِ ان جي تہ اڄ گهمر ڪجھ گهٽ هئي. آسمان ۾ ڪڪرن جون ٽڪريون هيٺ رستي تي ڊوڙيندڙ اڻ ڪٽ ڪارن جي سلسلي جيان پيي لڳيون، پر مٿي ون وي ٽرئفڪ هئي تہ هيٺ ٽو_وي، بس ايترو فرق هو.

هنن جي مرسڊيز ايس_ آيل ۳۰۰ ۾ چرچاٽ چيڪاٽ ڪندي، پاڪستان ايمپلائيز هائوسنگ سوسائٽي مان نڪري طارق روڊ آئي. طارق روڊ تي پهچندي ئي تنهي اوچتوائين ماٺ ڪئي، جيئن ڪنهن غيبي طاقت حڪم ڪيو هجي ۽ تنهي جا ڪنڌ الڳ الڳ ڏسن ۾ ائين لنوٽيون هڻڻ لڳا جڻ اهو ۾ غيبي طاقت جو ئي حڪم هجي. طارق روڊ جي رونق پنهنجي جوڀن تي هئي. ڪراچي جو نئون شاپنگ سينٽر جيڪو بين شاپنگ سينٽرن وانگر شاپنگ سينٽر گهٽ ۽ 'هنٽنگ' سينٽر وڌيڪ آهي. جتي هرڪو ائين لڳندو آهي ڪجھ 'هنٽ' ڪري رهيو آهي. جتي هر ڪو هنٽر آهي ته وري هرڪو 'هنٽيڊ' ۾ جيتوڻيڪ پنهنجي پر ۾ هرڪو ائين سمجهندو آهي ته هو هنٽر آهي! انهي لحاظ کان سڄو شهر شاپنگ سينٽر آهي! هن جون اکيون ڪار سان گڏوگڏ سڄي طارق روڊ جو طواف ڪندي اقبال روڊ کان ٿيندي اچي شاهراه قائدين تي نڪتيون. جتان وري سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽيءَ مان ٿينديون ٻرگ روڊ تائين اچي پهتيون. سگنل جي ڳاڙهي لائيٽ ڪار کي بيهاري وڌو ۽ آٽوميٽڪ سگنل جيان اوچتواخبارون سندن اکين اڳيان ، درين آڏو اچي بيهي رهيون.

ڇوڪرا سنجها جون اخبارون جهلي ائين بيٺا هوندا آهن جڻ اهي ۾ سگنل سان ٻڌل هجن . هوڏانهن ڪار بيٺي ناهي ته هو ۾ اخبارون آڏو جهلي بيٺا ناهن.نواز وڏيري جي پٽ،اخبارون ورتيون پر اسٽيئرنگ تي ويهڻ ڪري پئسن ڪڍڻ ۾ ٿوري ڏکيائي لڳس، تنهن وچ ۾ نذير ڪٽل هڪدم روپيو ڪڍي اخبار واري کي ڏنو

''مان ڏيانس ٿو يار'' نذير ڪٽل سدائين اهڙين ننڍين رقمن ڪڍڻ ۾ فراخ دلي ڏيکاريندو هو. پر جڏهن ڪو گهڻو يا ڳريڙو خرچ پرڻو هوندو هو ته اهڙي ته اداڪاريءَ سان ڪن لاتار ڪندو هو جڻ هو هنن سان گڏ نه پر ڏاريو آهي.هونئن ۾ خرچ ڪرڻ سندس وس وٽان ۾ نه هو. غريب ، اميرن جي سنگت ۾ ڪتي وانگر پلجندا آهن.

سنجها جون اخبارون ڪنهن جاسوسي ناول کان گهٽ ڪونه هونديون آهن. اهوئي ڪارڻ آهي، جو ڪراچي جا ماڻهو جيترين سنجها جون اخبارون ٽا خريد ڪن، اوترين صبحوڪيون نه ۽ هي صبحوڪيون اخبارون ۾ آفيسن ۾ نه اچن ته شايد پڙهجن ۾ نه ! ڇون ٽا ڪراچي ، پاڪستان جودماغ آهي ۽ انهن سنجها جو اخبارن مان دماغ جي سوچ جو ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو ۽ انهن سنجها جي اخبارن ۾ ڪابه گنڀير خبر نه هوندي آهي! پر گنڀير خبر ته صبحوڪين اخبارن ۾ ۾ نه هوندي آهي سگنل جي سائي بتي ٻري ۽ نواز هڪ جهٽڪي سان اسپيڊ ۾ جو گاڏي ڦيرائي ٻرگ روڊ تي آندي ته طاهر کان ڇرڪ نڪري ويو

ڏيري يار ڏيري. طاهر ٻئنڪر اڙدو ۾ چيو. پر نواز مرڪندي ڪارجي اسپيڊ اڃا ۾ وڌائي ڇڏي.

استاد! معشوق!

طاهر ٻئنڪر رڙڪندي چيو .

نذير ڪٽل طاهر جي رڙ کي نظرانداز ڪندي ڪار جي دري مان پريان ليئو پائيندي پاڻ رڙڪئي .

'پويان رڪشا ۾، استاد! لفتي پيون لڳن. هن وري پڪ ڏياريندي چيو. وڏيري نواز به پنهنجي سامهين آرسيءَ کي ٺيڪ ڪندي انهي مان پويان ڏٺو. نذير جي ڳالهه صحيح هئي. رڪشا ۾ ويٺل ٻئي ڇوڪريون مرڪي رهيون هيون. هن ايڪسيليٽر تان پير ڍرو ڪيو ۽ ڪار به ڍري ٿيڻ لڳي ۽ پر مان ٻيون ڪارون زوزاٽ ڪنديون اڳتي نڪري ويئون. رڪشا پنهنجي ساڳي رفتار سان وڏي اچيڪار جي ويجهو ٿيڻ لڳي ۽ نواز اجا به اسپيڊ گهٽائيندي ڪار کي رڪشا جي پوروچوٽ ملائڻ لڳو.

هنن ٽنهي به جواب ۾ مرڪي ڇوڪرين ڏانهن نهاريو. ڇوڪرين جو هاڻ مرڪڻ نيڻن سان گڏ آمدگي ڏيکارڻ لڳو.

استاد ڪم تيار آهي. طاهر ٻئنڪر واچ تيزيندي چيو ۽ گگ ذري گهٽ ڳرڻ ڪان بچي ويئي وڏيري نواز اکين سان اشارو ڏيندي ٿورو ڪنڌ ڏوٽي کين ٻيهڻ لاءِ چيو ۽ جواب ۾ ڇوڪرين، رڪشا واري کي ڪجهه چيو ۽ رڪشا ڍري ٿيڻ لڳي پر پاسو وٺي ٻيهڻ بدران سامهون ڇوواٽي تان ڪاٻي هٿ تي اوچتو مڙي ويئي.

لاءِ ائين اوچتو ڪاٻي پاسي مڙڻ ڏکيو هو، جو پاسن کان ۽ پويان ڪارن جو ريلو لڳو پيو هو، پر نواز لاءِ ڪار کي ائين اوچتو موڙڻ ٻاراٽي راند هئي. هن ڪار کي ٿورو اڳيان ڪري ڪار ٻيهارڻ جي اچي ليڪ کي لتاڙي ائين گاڏي ڦيرائي لنگهي ويو جيئن ڪو خالي رستي تان ڪارهلائيندو هجي.

هو سمجهي ويا ته رڪشا کي ٻيهڻ لاءِ اهو پاسيرو روڊ بهتر هو. جتي رش نالي ماتر هئي، پر پريان ويندڙن رڪشا ٻيهڻ بدران اجا به تکي ٿي ويئي. نواز به رفتار تکي ڪئي ۽ ڪجهه بي دليو ٿي چوڻ لڳو، 'يار ڪم ڪونه ٿيو.'

'نه يار ٿورو ته اڳتي هل _ ڪم ته تيار آهي، ڏس ته نهارين ته پيون هن پاسي.' طاهر ٻئنڪر جي واچ جي تيز ته ختم ٿي چڪي هئي پر هن آسرو نه لاٿو هو.

نواز ڪار کي اچي ٻنهن رڪشا جي پويان ڪيو ۽ ڇوڪرين به ڄڻ ڪنهن غيبي طاقت جي حڪم تي پويان نهاري ڪلي ڏنو ۽ ڇوڪرين جو ور ور پويان نهارڻ، مرڪڻ ۽ ڇوڪرين جو پاڻ ۾ به ڪيچل ڪرڻ جو سلسلو جاري هو. پر رڪشا جڏهن ڊفينس سوسائٽي جي ويجهو پهتي ته ڇوڪريون هڪدم سانت ٿي سڌو ٿي ويهي رهيون ۽ رڪشا کي مڙڻ لاءِ چيائون ۽ رڪشا ڊفينس سوسائٽي جي مسجد واري پاسي ڏانهن مڙي ته مڙندي مهل هڪڙي رڳو هنن ڏانهن تيزي نظر وڌي ۽ ٻئي ائين گنڀير ٿي ويهير هيون، ڄڻڪ ڪي به بزرگ عورتون ويٺل هيون.

رڪشا ننڍي رستي تان مڙي هڪ بنگلي آڏو ٻيهي رهي ۽ هنن جي ڪار کين اورانگهي اڳتي وڌي وئي.

بنگلي ۾ گهڙندي انهيءَ ساڳئي ڇوڪري وري هنن جي ڪار ڏي نهاريو. پر انهيءَ جو ڪو اثر ڪونه ٿيو. ٽنهي جا منهن لهي ويا هئا

ڇڏيو نه يار وڏيري نواز اهڙين مرڪن تي هريل هو.

هلو ڪلفٽن هلون. اڄ جمعو آهي ڏاڍي رونق هوندي. اتي اصل پڪ ڪم ٿيندو. وڏيري نواز گاڏي کي ڦيرائيندي چيو. جمعي ڏينهن جيتري لئہ تہ ڪنهن بہ ڏينهن نہ ٿيندي آهي
طاهر ٻئنڪر جو تہ هاڻي منهن لهي ويو هو. هن کي انهن ڇوڪرين ۾ وڏي آس نظر آئي هئي. پر وريهمت ڪري چوڻ لڳو. يار نواز پائي تڪڙ آهي ڇا؟ ٿورو ڪٽي ٿا ترسون. بس ڇاڻ نڪتيون. يار ڪم تہ فٽ پئي لڳو.
ها يار ڪم تہ تيار هو. نظير ڪتل بہ طاهر جي ڳالھ کي ڳنڍي ڏني. اهڙن ڳالهين ۾ طاهر ۽ نذير هڪٻئي سان سهمت ٿي ويندا هئا
ڇڏيويار هي اوسيئڙو ڪرڻ نہ مون کي وٽي ۽ نہ وري سهي سگهان. ڪم ٿهي تہ واھ نہ تہ وڃي ڪڏ ۾ پئي. اهي اوسيئڙا اهي عشق, اسان ڪڏهن ڪيا نہ ڪنداسون. عشق ڪرڻ ڪتلن جو ڪم آهي. وڏيري نواز ٻنهي يارن جي الومان کي رد ڪندي چيو
”پر نواز پائي ٿوري دير اوسيئڙو ڪرڻ ۾ آخر ڪهڙو هرج آهي يار چيو مڃ, بس ڏھ منٽ, وڌيڪ نہ ترسنداسون.“
”نواز اٺ ڏھ منٽ, هونئن بہ ڪهڙو ڪم اٿئون.“
نذير ڪتل وري طاهر جي ڳالھ کي ڳنڍ ڏني.
”چڱو يار جيئن چئو.“ وڏيري نواز لاچاريءَ ۾ گاڏي وڃي چوواٽي جي اوريان بيهاري. ”يار طاهر توکي تہ خبر آهي انهن جنجهٽن ۾ پاڻ نہ پئون. اسان کي تہ نهيل نڪيل ڪم کپي___“اهي ڏڪا نذير ڪاڏا آهن ڇورين جي پويان.
اُس ۾ ۽ لڪن ۾ هر معشوق کي حفاظت سان گهر پهچائي ايندو هوا“ وڏيرو نواز کلڻ لڳو.
”۽ طاهر يار مون معشوق ناهڻ ۾ يڪو سال ورتو. يڪو سال ۽ پوءِ هو پنهنجي ساهيڙي وٽي آئي نواز لاءِ ۽ مون کي ٻيو سال لڳو تہ مس وڃي چمي چٽ تي پهتس ۽ هي مڙسٻيءَ ملاقات ۾ ڪم ٽپائي ويو. وڏو بلازير ٿئي!“ ڪتل نذير,
وڏيري نواز جي ڇمچاگيري ڪندي چيو.
”سو وري تو وانگر پيو سوچبو ڇا. نہ ڇاڻ نہ سڃاڻ, ڇوريون ڇا لاءِ ٿيون ملڻ اچن, عبادت ڪرڻ لاءِ! منهنجو تہ اصول آهي تہ دير ڪندو تہ مرڳو ئي ڇوري پڇي ويندي ۽ ڇوندي تہ ٽپڙئي ڪونهيس! وڏيري نظير پنهنجي فلسفي جي ڏاڪ ويهاريندي چيو ها يار توهان ڏاڍي لئہ ڪئي آهي. اسان کي سڀ خبرون آهن.“ طاهر ٻئنڪر نواز ڏانهن نهاريو. نواز اخبار جا سر جملا ڏسي رهيو هو. طاهر بہ اخبار ڪنئين ۽ اخبار ڏسڻ لڳو.
باقي هڪڙي اخبار بچيل هئي ۽ اها وري نذير جي ڀاڱي ۾ آئي. ٽيئي ڳالهيون بہ ڪري رهيا هئا, بنگلي جي در تي بہ نظر هين ۽ اخبارون بہ پڙهي رهيا هئا. ڪراچي جي انهن اخبارن جو اهو بہ ڪم آهي تہ هو ماڻهن کي گهڻو اوسيئڙو محسوس ڪرڻ نہ ٿيون ڏين وڏيري نواز جي چهري تي بيزاري جا اهڃاڻ ظاهر ٿي رهيا هيا. اڃا هو ڪجھ چوڻ تي هو تہ هو ٻئي ڇوڪريون بنگلي مان

نڪتيون. هٿن ۾ نوڪري هئڻ جا ڀرين هنن وٽ ڪونه هئي. ٽئي دوست اوچتو ڪڙا ٽڙا ٿي ويا. اخبارون هٿن مان سري پاسيري سيٽ تي پيرن ۾ ڪري پيئون.
ڇوڪريون ٽلنديون ٽلنديون پاسيري روڊ ڪان نڪري مين روڊ تي اچي بيهي رهيون ۽ خالي رڪشا جي ڳولها ۾ نظرون هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائڻ لڳيون. هڪڙي رڪشا لنگهي، پر اشارو تڏهن ڪيائونس جڏهن هوءَ لنگهي چڪي هئي. نواز گاڏي اسٽارٽ ڪئي. نواز لاءِ اهو اشارو ڪافي هو. يار صبر جو ڦل مٺو ٿيندو آهي____ نواز ان الله مع الصابرين! طاهر ٻئنڪر جون واڇون وري ٽيڙجي ڇڪيون هيون ۽ انهن مان ٿوري گگ به ڳڙڻ لڳي هئي..
نواز گاڏي سندن پر ۾ بيهاري ۽ طاهر آڇ ڏني، ”اچواوهان ڪي ڇڏيندا هلون؟“
ڇوڪرين ٿوري اداڪاري ڪندي ڪجھ هٻڪ ڏيکاري، ۽ نذير دروازو کولي ٻاهر نڪري آيو ۽ ڊرائيور وانگر ڪار جو در جھليندي چيو: تشريف رکو محترما.“
نذير هميشه ايئن اڙدو ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.
ٻئي ڄڻيون پوئين سيٽ تي ويهي رهيون ۽ نذير اڳين سيٽ تي طاهر ۽ نواز سان گڏ اچي ويٺو. ڪار رواني ٿي وئي ۽ ٺيڪ انهيءَ وقت ڊفينس سوسائٽي جي ايئرڪنڊيشنڊ مسجد مان سانجهيءَ جي ٻانگ لائوڊ اسپيڪر تان ڏاڍي مڌر آواز ۾ اچي رهي هئي!
سج هاڻي لهي چڪو هو ۽ اوندھ جي ڪاري چادر تي روشنيءَ جا ٽٻڪا هوريان هوريان تارن وانگر ايرڻ لڳا هئا. وڏن شهرن تي جيتري ڪارڻ ڇانئبي آهي اوترا وڏيڪ ڀڪي اٿندا آهن.
”ڀرين ڪجھ ٽڏو پيئڻ پسند ڪندو؟“ نذير ڪٽل پرائي ڪيسي تي آڇ ڪئي.
”اسان کي اسپتال وڃڻو آهي. جناح اسپتال ۾ اسان جي ماميءَ جي طبيعت ٺيڪ ڪانهي، هي ڪاڏو پهچائڻو آهي.“
هڪڙيءَ چيو. اهو ٻڌي هاڻي ته نذير ۽ طاهر جو به منهن لهي ويو. طاهر جي واڇ جي ٽيڙ وري سسڻ لڳي هئي. مفت ۾ لفٽ جو وٺي آيون هيون. جناح اسپتال ايتري ته ويجهي هئي جو اجا جيسين ڪجھ وڌيڪ ڳالهائڻ جو وجھ ملي، جناح اسپتال اچي چڪي هئي. هو جڏهن ڪار مان لهڻ لڳيون ته طاهر آخري پيرو چار اڇلي، ”اوهان کي دير نه لڳي ته اوهان لاءِ ترسون؟“
هنن هڪٻئي ڏانهن نهاريو ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳيون.
مرڪندي سس پس. ڪندي هڪڙي ٻيءَ کي چيو ”چا ويچار آهي اڌ ڪلاڪ لڳي ويندو؟“ هو پاڻ اهڙي آڇ لاءِ آٿيون تي ڏنيون. ”ها اڌ ڪلاڪ کن ته لڳي ئي ويندو. ٻيءَ وراڻي ڏني ۽ پوءِ هنن ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”اوهان جيڪڏهن هتي ترسو ته اسين اڌ ڪلاڪ ۾ يا انهيءَ کان اڳ ۾ موٽي اينديون سين.“ ائين چئي هو پرائيويٽ وارڊ جي پاسي هليون ويون هاڻي ڪم نهڻ جا وڏا آثار ٿي نظر آيا، پر هي تي ڄڻاهئا ۽ هو به ڄڻيون____ پر انهيءَ حساب جي پاسي ظاهري طرح ته ڪنهنجو ڌيان نه ويو هو پر وڏيري نواز جي من ۾ اها آنڌ مانڌ نظر پئي آئي. نيٺ ان جو اظهار ڪرڻ لاءِ نذير ڪٽل سان هوريان پاسيرو ڳالهائڻ لڳو.

يار نذير تون ڊراپ ڪري وڃ. ڏس نہ يار طاهر ۾ ڪم قاتل آهي، اڄ مفت ۾ ڪم پيو ٿئي. خوش ٿي ويندو ڪتي جو پٽ. پاڻ تہ گڏيا پيا آهيون.“ اهو بہ ڳالهائڻ جو انداز آهي تہ جنهن جو ڪم ڪرڻو هجي ان کي گار سان ڳالهائجي تہ جيئن اڳلو جنهن جو ڪم نہ پيو ٿئي اهو انهن هڪ ٻن گارين مان خوش ٿي وڃي.

”يار سچ پڇين تہ هيءَ پرمٽ نہ ملي ها تہ هن طاهر کي ٽڪان بہ نہ ها___ هاڻي جي پئسا نہ ٿا ملن تہ پوءِ ڪار ڇنئي ۽ پرمٽ بہ پاڻي ۾.“ وري بنا وراڻي جي پاڻ ئي اڳتي چوڻ لڳو: ”صدر ۾ لاهي ڇڏيندو سانءِ ڪيئن ٺيڪ رهندو نہ .“ نذير لاءِ ڪا چوندڊ نہ هئي. جيڪي غريب، اميرن جي آسري پلبا آهن، انهن کي اهڙو ايمان برداشت ڪرڻو پوندو آهي ۽ پوءِ ڪٽي چوڪرين جو مامرو ڇو نہ هجي. هڪ هڪ گهڙي هاڻي ٽڪائيندڙ ٿي لڳي ۽ نذير نواز جي ڳالهہ مڃڻ تي ٻڌل هو.

پر يار نواز هڪڙو وڏي پيس تہ ڇا، ڪالهہ تہ پنج ڇٽا هئاسون ۽ هوڏانهن هڪڙي!. نذير ڪٽل اڇا آسرو نہ ڇڏيو هو.

”اوهو يار ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين. هوءَ پرائيويٽ هئي. پنج ڇا ڏهہ هجن ها تہ بہ خير هو. پر يار هي تہ خانداني آهن. شوقين ٿيون لڳن. انهن کي رنڊين سان نہ پيٽ خدا جي واسطي! آئون پاڻ پيو سوچيان تہ راجا کي ڪيئن ٿارجيخبر پوندس تہ ايئن معشوق هٿ آيا تہ دل ۾ ڪندو. ڪالهوڪو سڄو خرچ بہ تہ هن پريو هو.“

۽ اڄ جمعي جي پلاري ڏينهن، گهر ويني پاڻ مرادو بہ چوڪريون هٿ اچي ويون هيون ۽ هو جناح اسپتال جي ٻاهر اوسيئڙي ۾ بينا هيا. وڏيري نواز نذير کي سمجهائي ڇڏيو هو. سمجهائي ڇا اڻ سڌي طرح حڪم ڏيئي ڇڏيو هو تہ واٽ تي لهي وڃي. ۽ نذير لٽل منهن سان اخبار کڻي اتي ئي ڪار سان ٽيڪ لڳائي پڙهڻ لڳو. خبرون پڙهندي اوچتو ڇرڪ نڪري ويس هڪ خبر ڏاڍي عجيب هئي.

”خيابان اقبال تي قائداعظم جي يادگار وٽ هڪ عورت بيهوشيءَ جي حالت ۾ لڌي جيڪا جناح اسپتال پهچڻ کان اڳ مري ويئي.“

نذير ڪٽل اها اخبار يڪدم نواز کي ڏيکاري جڻ تہ ايئن چوندو هجي اها ڪالهوڪي ساڳي عورت تہ نہ هئي!

”يار هيءَ تہ قائداعظم جي يادگار وٽ ٻي ڪا بيهوش پئي هوندي. پاڻ تہ پهرين يادگار وٽ لاٿو هوسون.“ وڏيرو نواز بي پرواهيءَ سان چوندو رهيو. ”ڪٿي هو آزادي وارو يادگار ۽ ڪٿي هي قائداعظم وارو يادگار، وچ ۾ ٻہ ٽي ميل مفاصلو هوندو. هي پڪ ڪا ٻي آهي.“

”ڇو يار ڇا ڳالهہ آهي؟“ طاهر بئنڪر پڇيو.

اڇي هيءَ خبر پڙهي ڏس.“ ۽ طاهر خبر پڙهڻ لڳو.

”يار نذير کي اڇي ڊپ لڳو آهي تہ متان پاڻ وارو معشوق آهي راتوڪو.“ نذير طاهر کي کلندي ٻڌايو.

”يار مون کي بہ ايئن ٿو لڳي.“ طاهر بئنڪر ڊڄندي چيو.

اڙي يار هي يادگار اهو ڪونہ اٿئي____ هي يادگار هوٽل ڪولمبس جي پر وارو آهي.“ وڏيري نواز سمجهائيندي چيو. طاهر جيئن ئي ڳالھ سمجهي تيئن وري ساھ پئجي ويس.
”اڙي هي تہ اهو يادگار آهي. جتي ٽي سنگمرمر جا ٿنڀا نهيل آهن. جن تہ لکيل آهي، ”اتحاد“، ”ايمان“، ”يقين محڪم.“ هي خيابان اقبال جي هڪ ڪنڊ تي ۽ هو شهيدن جو يادگار ٻي ڪنڊ تي! هتي وري هيءَ ڪٿان آئي.“ طاهر بہ نواز جي ڳالھ تي ڳنڍ ڏيندي نذير کي گهٽ ۾ پنهنجو پاڻ کي وڏيڪ آڻت ڏيندي چيو.
”بس يار مڙس نذير اڇي گهبرايو آهي.“ نواز مرڪندي چيو. اها ٻي ڳالھ آهي تہ هن شهيدن جي يادگار کان قائداعظم جي يادگار تائين سفر. ڪيو هجي! اڄڪلھ تہ لاش بہ پيا سفر ڪن!“ نواز تہ کل ۾ چٽڪو پيو ۽ نذير بہ ڦڪو ٿيندي مرڪي ڏنو
ايتري ۾ سامهون ٻئي چوڪريون واپس پئي آيون پر هن ڀيري هنن سان ٽين چوڪري بہ هئي____ ۽ نذير جو منهن ڀڪي اٿيو ۽ هاڻي هن جو ڪم بہ نهي چڪو هو.
”واھ يار تي معشوق!“ نذير کان رڙ نڪري ويئي.
”اڄ تہ پلارو ڏينهن آهي نہ جمعي جو.“ طاهر سرهو ٿيندي چيو.
”واھ استاد. راجا جو ڪم بہ ٿي ويو. چا ياد ڪندو راجا جو ٻچو هڪ ڏينهن ۾ ئي قرض لاهي ڇڏيو مانس. وياج سميت.“ نواز راجا جو نالو وٺي نذير جي آس تي پاڻي وجهي ڇڏيو.
هو ٽيئي جڙيون پوئين سيٽ تي اچي ويٺيون ۽ هي ٽيئي اڳيان ٽي ويٺا ۽ ڪار رواني ٿي وئي.
ڪار ڦري ڊرگ روڊ تي آئي.
”نذير چيف منسٽر هائوس وٽ لهندي نہ . نواز نذير کان پڇيو. نواز جو دوست چيف منسٽر هائوس ۾ ڪم ڪندو هو. رات جو دير دير تائين اتي ڊيوٽي ڏيندو هو. نذير ڪو جواب نہ ڏنو.
نذير واٽ تي هڪ ٻول بہ نہ ڳالهايو ۽ هو ٻئي ٽنهي چوڪرين سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا رهيا.
چيف منسٽر هائوس جي پر واري روڊ. ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ. جنهنجو اڳوڻو نالو ڪچهري روڊ هو اتي اچي نواز ڪار بيهاري____ ۽ نذير در کالي ڪار مان لهڻ لڳو.
چپ چاپ بنا نهارڻ جي.
”چڱو يار پورات جو ملنداسون.“ نواز نذير جي دل رکڻ لاءِ چيو پر نذير ڪو ڌيان نہ ڏنو. نذير هڪ بہ وکون هليو تہ پويان نواز سڏ ڪيو
”نذير اچي هي اخبارون. متان رات جو بور ٿين.“
نذير اڏگابري دل سان اخبارون ورتيون ۽ ڪار چيڪات ڪندي روانو ٿي وئي. هوا جي هڪ جهوٽي سان نذير جي هٿن مان اخبارون نڪري ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ تي پکڙجي ايندڙ ويندڙ ڪارن هيٺان اچي چيڀاٽجي ۽ وڪڙجي ويئون. ۽ نذير جي هٿن ۾ رڳو هڪ اخبار جو مڙيل پنو رهجي ويو.
هن اخبار تي اتاچري نظر وڌي، انهيءَ خبر وارو پنو هو ۽ خبر تي وري هن جون نظرون کپي ويون.

”خيابان اقبال تي، قائداعظم يادگار وٽ هڪ عورت بيهوشيءَ جي حالت ۾ لڌي____جيڪا پوءِ جناح اسپتال ۾ گذاري وئي! ۽ اجا تائين ان لاش جو ڪو وارث پيدا نہ ٿيو آهي.
۽ هوا جي ٻئي جهوٽي سان اها رهيل اخبار بہ نذير جي هٿ مان ڇڏائجي، اڏامندي پي آئي ڊي سي هائوس جي پٺ سا ٽڪرائجندي ٽڙندي وئي، شايد اڳيان وهندڙ سمنڊ ڏانهن جتي پچاڙيءَ جي هر گندگي وڃي ڪرندي آهي!

# ڪني پاڻيءَ جو تلاءُ

رات جو مينهن پيو رهيل ڪسر بہ پوري ٿي وئي. هڪڙو هيٺالو ٻيو جهوپڙيون، ٽيون سيارو، باقي مينهن رهيل هو اهو بہ آڌي رات جو اچي ڪڙڪي____ صبح جو ڏونهين نہ ڏکي، مٿان پوڙهن جي کنگهہ ۽ ڪانگهارا ۽ ٻارن جا ڪيڪرات جهڙي قيامت! پر جي قيامت بہ هڪ ڏينهن جي هجي، تہ ماڻهو ڏڄي بہ. جتي ڏهاڙي قيامت هجي، تہ پوءِ ڪهڙي سڌ تہ قيامت ڪڏهن آئي، ڪڏهن وئي! اتي قيامت تي بہ ڪهل اچيو وڃي!

مينهن گند ڪي ڦلاري وڌو آهي. اڳي تہ رڳو تلاءَ جي ڏپ نڪ ساڙيندي هئي، هاڻي تہ گهٽي گهٽي، جهوپڙي جهوپڙي ڏپ ٿي وئي آهي، پر نڪ اهڙو تہ بي نڪو آهي، حرام جو سڙي! ٽيهن سالن کان نڪ اهڙي جو اهڙو، ويتر وڏيڪ تکو ٿي ويو آهي. ڪتو بہ ايئن ڊوڙ کي نہ تاڙي، جيئن ماڻهو جو نڪ!

هو بہ گپ ۽ گند مان لچ لچ ڪندو، گپ هاڻا پير ڪڍي تلاءَ جي ڪپ تي اچي ويٺو آهي. پريان ريل جا پٽا چلڪندا ڏسڻ ۾ پيا اچن. گندي ناليءَ جو پاڻي اٿلي تلاءَ ۾ پئجي رهيو آهي ۽ انهيءَ گندي ناليءَ جي سرن بدّل ڪپ سان اُها واٽ آهي، جتان ماڻهو هلي، ريل جا پٽا اکري پريان پڪي رستي تي پهچندا آهن____ ۽ اتان تڙي پکڙي وڏي شهر ۾ الوپ ٿي ويندا آهن!!

هو انهيءَ سرن بدّل ڪپ پريان واٽ جي ٻوڙن منجهہ اڌ لڪل اڌ پڌرو نظر اچي رهيو آهي.

”اڙي ڪير آهين، هتي ڇا پيو ڪرين؟ ڪجهہ تہ ڏيان ڪر. نياڻيون نياڻيون پيون لنگهن، پريرو نہ ٿو وڃي جهنگ جو خيال...!“ ڪو آواز مٿان واٽ تان اچي ٿو.

”۽ توهان سڀ صبح جو قطار ڪريو وڃيو ويهو او بنهن پٽي واري پاسي ۽ ريلن جون ريلون لنگهيو وڃن، اوڏي مهل لچ ڪانہ ٿي اچيو!“

”اڙي رمون تہ ڪونہ آهين؟ لخلانت ٿئي!“

هو بہ ٻوڙن مان هٿ ٻاهر ڪڍي جواب ۾ پونڊو ٿو گهروڙي.

”اڙي چريا ريل گاڏي وارن کي ڪهڙي خبر تہ ڪير وينا آهن، تو کي تہ اسين سڃاڻون ٿا نہ !“

”سڃاڻو ٿا تہ پوءِ ڇا؟ بي حيائي تہ مڙيئي بي حيائي!“

”اڙي هي معامرو سڄو سڃاڻ ۽ نہ سڃاڻ جو آهي.“

”سچي!“

”ٻيو نہ تہ وري____ ماڻهوءَ کي رڳو پڪ ٿئي تہ فلاڻي هنڌ ڪو ڪونہ سڃاڻيس تہ اصل ليڪو ئي لنگهي وڃي!“!

”اهو ڪيئن؟“

”اهو تون نہ سمجهندين. تون تہ آهين چريو. واقفن ۾“

هجين يا اڻواقفن ۾، ڪندين اهوئي جيڪو من ۾ ايندءِ!“

خدن ريل جا پٽا اکرڻ لڳي ٿو.
”خدن يار، شهر وڃين نہ ____ وزم واڙي تہ وٺيو اچجانءِ. سُنهن اٿئي مولا جو ڪالهونڪر ٻاڙيا وتون!“
”اڙي هتي ٻاڪر ڪنو لڳو پيو آهي. راتوڪي مينهن ماٺهن کي ڏاهي وڌو آهي، توکي لڳي آهي وزم پاڻيءَ جي! آئون پاڻ دوا وٺڻ پيو وڃان ، جيوڻ جي کِڪي چاق ڪانهي.“ هو ريل جو پٽو اکري وڃي ٿو.
سج پنهنجا ڪرڻا ڪڍيا آهن. اتر جي تکي هوا جي ٿڌاڻ ڪجھ گهٽ ٿيڻ لڳي آهي. ڪي ماڻهو جهوپڙين مان پاڻي پيا ڪڍن ، تہ ڪي ڪاٺين سان ناليءَ ۾ روڪيل پاڻي پيا وهائين. تلاء مان ڏيڏ نسرڊو بيٺا آهن. مڇرن جا مُچ پاڻيءَ تي چٽيون ٻڌيا پيا آهن. هوا سان ڏيڏ لڏن لمن ٿا، پاڻي ۾ هلڪيون لهريون پيدا ٿين ٿيون ۽ مڇر بہ لهرين سان هيٺ مٿي ٿين ٿا.
”اڙي هرو پرو ٿا پاڻي ڪڍو. رات جو پيو وسڪارو ٿيو تہ تلاء جو پاڻي اندر ڏوڪي ايندو. پوءِ ڪيڏانهن ڪيندوءِ پاڻي!“ هو ٻڙ ٻڙ ڪرڻ ٿو لڳي.
”شپڙڪ“ پاڻي ۾ پٿر ڪري ٿو ۽ مڇرن جو ريلو اڏائڻ لڳي ٿو.
”اڙي اُٿي ويئو ڪتي جا پُڇ!“ هو رڙ ڪري ٿو ۽ هڪ ٻيو پٿر سندس ڪن وٽان ٿيندو، پاڻي ۾ ڪري ٿو ۽ مڇر جيڪي پهرين پٿر لڳڻ تي اڏامي، پوءِ ويهي رهيا هئا، سي وري اڏامڻ لڳن ٿا.
”اڙي ڇورا، رات مينهن پيو پر توهان تي ڪو اثر نہ پيو. هجو ماڻهوءَ جا ڦر تہ اثر پويَ...“
”رمون ڇريو____ رمون ڇريو....“ ٻار ڇيڙائڻ لڳنس ٿا.
هو ڏيلهو ڪٺي ٻارن کي الاري ٿو تہ پريان ايندڙ آواز تي هٿ جهلي ٿو وٺي.
”اڙي هلو ڇورا ، صبح سوير رونشو. اڙي ٻچُوا! تون تہ گهر هل، پٺين ڪٽ تي پيو آهي، ۽ توهان بہ پڄو نہ تہ هٽانوَ نہ ڪلا. پريان ساجن ، ڇوڪرن کي دڙڪا ڏيندو هن ڏانهن پئي آيو.
”ساجن، چڱو ٿيو تہ ڇورن کي پڃائي ڇڏيئي، نہ تہ اڄ آئون بہ لاک لاهي ڇڏيان ها!“ هو هٿ وارو ڏيلهو تلاء ۾ اڇلي ٿو. لهريون پيدا ٿين ٿيون، مڇر اڏامڻ لڳن ٿا.
”رمون، تون بہ ڪجھ هوش ڪر نہ “ ساجن اٽلندو مٿس ڇوهہ ٿو ڇنڊي، ”هو تہ آهن ڇورا پاڻ زورا، پر تون بہ تہ پاڻيءَ مان نڪريو وڃين!“
”پوءِ هو ”ڇريو ڇريو“ ڇو ٿا چونم؟“
”اڙي بابا، هو پلي پيا ڏوڙپائين، باقي چڙنديں تہ پوءِ ڇورا تنگ ڪندءِ، تون ڪو ڇريو ٿورئي آهين.“
”هان____ آئون ڇريو ڪونہ آهيان نہ ساجن!، هو خوش ٿي وڃي ٿو“
نہ بابا، تون ڇريو ڪونہ آهين. پڪ؟
پڪ، اصل پڪ. تون اسان وانگر آهين جي تون ڇريو آهين تہ پوءِ اسين بہ ڇريا آهيون. غريب يا تہ سڀ ڇريا آهن يا پوءِ هڪڙو بہ ڪونهي پوءِ پلا ٻار مون کي ڇريو ڇو ٿا ڪن؟
اڙي رمون، سمجھ سمجھ جو فرق آهي. ٻارن کي کهڙي ڄاڻ تہ تون ڏاڍو ڏاهو ۽ عقلمند آهين.
پوءِ ڇئبو اها سڄي ڳالھ سمجهڻ نہ سمجهڻ جي آهي

اها ڳالهه ڪيئي تہ عقل جي، يار رمون، تون تہ اسان کان بہ وڌيڪ عقل وارو آهين.
ساڃن يار موٽندي وزم پاڻي ونيو اچجانء. سنهن اٿئي مولا جو.
مزوري لڳي تہ حاضر.
اڄ تہ واهه جي لڳندهہ اسان مستن جون دعائون اٿئي.
رمون ٿوري دير لاءِ ويهي رهي ٿو ۽ سامهون جهوپڙين ڏانهن نهارڻ لڳي ٿو. ٻن ٽن جهوپڙين مان دونهون نڪرندو نظر اچي ٿو. ٻار وري ڳوٺ جا در سيري جهاتيون پائڻ لڳا آهن. ناليءَ جو پاڻي اٿليون ڪري رهيو آهي. ۽ ٻنهي پاسي تلاء ۾ ڪري رهيو آهي پريان ريڊيو تان قرآن شريف جي تلاوت اچي رهي آهي. مانڊڻي ڪلي وئي آهي. رمون جي اکين ۾ چمڪ اچي وڃي ٿي. بيڙي جو آسرو ٿئيس ٿو هو تلندو جهوپڙين جي ويجهو اچي ٿو. ٻار ڪيس ڏسي چريو چريو ڪن ٿا پر هو ڏانهن نهارڻ بنا يعقوب جو مانڊڻي تي اچي ٿو. هاڻ ريڊيو تان قرآن شريف جو اڙدو ۾ ترجمو اچي رهيو آهي. يعقوب ۽ علڻ الائي ڪهڙي ڳالهه تي ڳنڍيا پيا آهن. هن کي پهرين تہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي..
اڙي صبح سوير الاهه رسول جو نالو ونجي يا فلمي گانا لڳائجن!
تنهنجي مرضي. اسين بہ تيسين چانهہ ڪونہ ٿا پيئون سيلون لڳائيندين تہ چانهہ جون سرتيون پريون. وري علڻ رمون کي ڏسي چوڻ لڳي ٿو: واهه ڙي يار رمون، وڏو ڪو ترڙ نياڳو آهين، ڪالهہ اهڙي ڪا پٽ هنيئي جو ڪيسا ئي خالي ڪري ڇڏيئي.
رمون جو منهن لهي وڃي ٿو وڃي، پر وري همت ڪري چويس ٿو: پوءِ اڄ آزمائجانء!
آزمايان وري ڏوڙ ڪالهہ جمعو هو پلارو ڏينهن.
بئنڪ ۾ وارو لڳي ويو. اڄ هڪ بہ ٽڪيٽ نڪتي تہ بہ شڪر.
هان يار، فلم ڪيئن هئي؟ يعقوب وچان پڇيس ٿو.
هان يار، راڻيءَ جا اهي لوڏا هيا، جو ٻاهي وڏائين.
استوري ڪيئن هئي پلا؟
استوري واهه جي هئي. هو هيرو آهي، نالو ڇا اٿس؟
ها، نصر الله، ان کي مسلمان مجاهد ڏيکاريو اٿن ۽ راڻي ڏيکاري اٿن ڪافرياڻي، بس ٻنهي جو عشق ٿي وڃي ٿو. اصل مزو اچي ويو"
ريڊيو تان قرآن شريف جو ترجمو ختم ٿئي ٿو ۽ يعقوب سيلون لڳائي ٿو. سهگل جو منو آواز اچي رهيو آهي:
"دک کي دن بيتن ناهين."
"يار ڪيڏو نہ درد آهي سهگل جي آواز ۾" علڻ گنڀير ٿي وڃي ٿو.
يعقوب ڪنڌ ڌوڻيندو رهي ٿو "يار پل مرڪون ٿا، پهر روئون ٿا. سهگل جا سر تہ هانو ۾ ڪپيو وڃن."
"علو بيڙي تہ پيار." رمون ٻاڏائيس ٿو.
"يعقوب، ڏي هڪ بيڙي يار رمونءَ کي ۽ ناهہ چانهہ بہ ڪوپ"
رمون اتساهه مان علڻ ڏي ڏسي ٿو.

”رمون يار، مئٽني ۾ فسٽ ۾ بلئڪ ڪيم، جوا ڪيم، هارايم، ڪيل ڏٺم، اجا اڃي ٻنس تہ مٿان مينهن اچي ڪڙڪيو اهو اٿئي سڄو حال.“
رمون رڳو ڏانهس تڪيندو ٿو رهي.
”پئسا ڪمائي تہ پوءِ جوا ڇو کيڏيئي؟“ يعقوب پڇيس.
”بس ڪٽيءَ ڪنيو. دل چيو تہ من بہ تي پئسا پيا بہ نڪري پون، تہ هڪڙو ڪوٽ وٺان، جيجل ڪي عينڪ بہ نهرائي ڏيان..... ۽ توکي بہ هڪ وڳو وٺي ڏيان.“ هن رمونءَ ڪي ڳرا ٿڙي پاتي، ”اڙي تنهنجا ڪپڙا تہ پسيا پيا آهن، اڙي زوراور مرٽو اٿئي ڇا؟“
”ڪري بہ ڇا، هيو لٿو هجيس بہ نه“ يعقوب سار ڏياريس.
”رمون يار، مينهن پوي تہ مون ڏانهن هليو ايندو ڪر نہ، ائين تہ مري ويندين!“
اڙي مري ويس تہ ڇا ٿيندو؟ هي مري ويو تہ ڇا ٿيندو؟ تون مري وئين تہ ڇا ٿيندو؟ اسين سڀ مري وياسين تہ کهڙو اُپ ڌهي پوندو. يعقوب دل جي باهہ ڪيندي چوي ٿو.
”ها، آهي مشڪري جو ائين ٿا مرون! متان دل لاٿي اٿئي. آئون مري سگهان ٿو تون مري سگهين ٿو پر اسين سڀ نہ ٿا مري سگهون. اصل اڻ ٿيٽي آهي، گٽر ڪي ٻوڙي پوءِ مرنداسون ڪيئن يعقوب؟“
”ها سچو آهين علو سچو. آئون پانيان ٿو تہ رمون انهيءَ تلاء ڪان ڊني آهي، تہ متان پاٽي پرجي وري جهوپڙين ۾ هليو اچي مچرن سوڏو ڪيئن يعقوب؟“
يعقوب ۾ علو ڪلڻ لڳن ٿا.
”اڙي رمون بادشاهہ آهين، ڪٽان جو ڪٽان وچي نڪتين. اچي وٺ چانهہ بس يار پنهنجي سمجهہ جي ڳالهہ آهي.“ يعقوب ڪوپ وڌائي رمونءَ ڪي ڏئي ٿو.
يعقوب ريڊئي جو آواز مٿي ڪري ٿو. ايتري ۾ مائي ساول اچي ٿي.
”ابا ياقب، ٻہ حب تہ ڏجانءِ تپ جا.“
”اما سائل، ڪيئن چاق آهين نه“ علو پڇيس ٿو.
”ڪير؟ علڻ پٽ آهين! ابا شابس ٿئي. نہ ڪا خبر ڪا سار لهين تہ جيئرا آهيون، ڪير مري ويا آهيون“
”امان، هن تي ميار ڪانهي. هي تہ آهي ناٽڪي ڦر.“
علوءَ جي پاران يعقوب جواب ڏئي ٿو.
”ابا، ناٽڪي هجي يا ٻاٽڪي، پنهنجي ڪي ڪو وساربو آهي ڇا؟ مڙهو بيمار نہ هجي تہ آئون اچي نڪران ها. مون بہ چيو تہ علو ڪي گهٽڻ ڏينهن ڪان ڏٺو ڪونہ اٿم. خدا ڪري چاق هجي.“
”چاچا جيئل چاق ڪونهي ڇا؟ اڄ ضرور ايندس پڇڻ“
علي ڦڪو ٿي چويس ٿو.
”ابا اچو نہ اچو. شل وڏيون ڄمارون ماڻيو. سدائين خوش هجو. ڳوٺ ڪان نڪتا آهيون تہ من پنهنجن سان ملڻ لاء ماندو ٿو ٿئي. نہ وڪٽي ها وڏيرو زمينون، نہ وٺي ها چوڌري ۾ نہ ٿيون ها بي گهر. آلا آلا“

توڪي تہ چوڌري ڪڍيو پر اسان جا تہ وڏيري ئي لاهہ ڪڍي ڇڏيا. امان، گهبراءِ نہ، مولا چڱي ڪندو. علو آٽت ڏئيس ٿو.
رمون ماٺ ۾ پولار ۾ پيو نهاري. اوچتو چرڪ ڀريندي چئي ٿو: ”ها امان، گهبراءِ نہ، انهيءَ تلاءَ ڪي منهن ڏبو .
هو ٽيئي ڪلڻ لڳن ٿا. ”يار رمون، سچي تون بادشاهہ آهين.“ يعقوب مرڪي چئيس ٿو.
يعقوب ريڊئي جي سئي ڦيرائي ٿو. آواز پيو اچي. ”جيڪر هيس ڏاري، مارن تڏهن وساري.“ اوچتو يعقوب گنڀير ٿي علوءَ کي چوڻ لڳي ٿو: ”ها يار، اسين رمونءَ تي کلون تہ پيا. پر چوي تہ سچ پيو. ڀهرين تہ مٿان آيل مصيبت کي منهن ڏيون، پوءِ ٻين ڳالهين کي ڏسبو.“
”ها يار، چوي جيڪر سچ ٿو.“ علوءَ بہ رمونءَ ڏانهن مجتا ۾ نهاري ٿو.
يار ڏاڍو درد آهي هن پنهور جي آواز ۾_ جيڪر هيس ڏاري، مارن تڏهن وساري. هو ٻول ورجائڻ لڳي ٿو. ها يار پنهنجي پٽ ۾ پاڻ ڏاريا آهيون، تڏهن تہ وسار ويا آهيون!
ٻار وري گهٽي ۾ نڪري اچن ٿا. رمون چريو رمون چريو جا آواز اچڻ لڳن ٿا. ٻارن کي سچي رونشو لڳو آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳي اهو ساڳيو رمون چاق چڱو ڀلو هو. مزوري ڪرڻ ويندو هو. پوءِ الائي ويني ڇا ٿيس ، جو اڏ چريو ٿي پيو. ڀهرين ٻڪ ٻڪ ڪرڻ لڳو اجائي سجائي. پوءِ هوريان هوريان ماٺ ٿيندو ويو۽ ٻارن کي بہ وندر ملي ويئي. غريب ٻار ٻيو ڪن بہ ڇا؟ نہ اسڪول نہ ميدان، نہ باغ، نہ راند روند، نہ ڪم نہ ڪار. اهي ئي رستن تي ڌڪا ٿاپا ، هو ٻيا ۽ هوڪرا. اڄ رمون ور چڙهي وين ۽ کيس چيڙائڻ لڳا: رمون چريو_ رمون چريو.
اڙي نياڳا وڃو نتا گهر ، چو اچي مٿو کاڏو اٿو. يعقوب کين ڇڙٻيو ۽ پرسان پيل ڪاني کڻي مٿن الريو. ٻار شايد ان ردعمل لاءِ تيار نہ هئا. ٿورو هيسجي ويا. علوءَ بہ پادر لاهي ڏانهن اچليو ۽ ٻار تڙي پکڙجي ويا .
'اها سچي حراميائي انهي ولڻ جي پٽ جي اٿئي. پاڻ بہ کيچل ڪري ۽ ٻي لوڏ بہ وٺيو اچي. يعقوب ريڊئي جي سئي ڦيرائيندي چيو.
'ها پاڻ مري ويو. ڀويان هن چٽ کي ڇڏي ويو'.
'سچ پڇين تہ آهيون اسين بہ چٽ.' علو چوي ٿو اول وڏي چٽ!
رمون وري اچي انهي تلاءَ جي ڪپ تي ويهي رهيو. ڪلاڪ گذري ويا ماٺهو ڀي آيا ويا. ٻار تہ هيسجي اهڙا ڊنا هئا. جو الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويا هئا. رمون بہ چپ وينو هو. تہ ڪنهن پڇيس تہ ڇو هوا تي وينو هو۽ نہ ئي هن ڪنهن سان ڳالهايو. اصل ٻيڙي بہ نہ گهري. بس رڳو ڪيڏي ڪيڏي مهل رکيو ڀترپي تلاءَ ۾ اچليائين. ننڍيون لهرون پيدا ٿيو. ڪن ۾ گم ٿي ٿي ويون .
ماستر کي لنگهندي الائي ڪيئن کهل اچي ويئي. رمون کي ڏسي چوڻ لڳو رمون ، حق تي چريو ٿاچونئي آئون پانيان ٿو ڪلاڪن کان وينو آهين_ هاڻي تہ سچ بہ لڙڻ وارو آهي " .
رمون ماستر کي اڻ ٻڌو ڪري وري هڪ پٿر تلا ۾ ڪٽي اچليو۽ وري لهرون پيدا ٿيون ۽ مچرن جو ريلو اڏاميو۽ وري اچي پاڻي مٿان ويهي رهيو.

'اڙي رمون، توسان پيو ڳالهايان. گونگو ٿي ويو آهين ڇا؟
ماستر، پلا ٻڌاء، جڏهن گهڻو مينهن وسي ٿو ته پوء پاڻي ڇو ٿو اچي جهوپڙين ۾'.
'ظاهر آهي مينهن وسندو ته پاڻي ضرور ايندو جهوپڙين ۾، ٻيو ڪيڏانهن ويندو'.
نه اهو مينهن وارو پاڻي نه تلاء وارو پاڻي.
'اڙي، پوڪ، جڏهن تلا پاڻي سان ڀرجندو ته ضرور اٿلندو، ڏسين ڪونه ٿو ته هي گٽر ڪيئن پيو اٿلي. اهو پاڻي به ته تلاءُ ۾ پوي ٿو'.
"پلا جي گٽر هتي نه هجي ته؟"
'پوء به تلاء اٿلندو پر دير سان، ها جي مينهن نه پوي ته پوء ڪونه اٿلندو. پر گٽر ته بابا سرڪاري آهي. هو انهن بنگلن جو سڄو گند ڪچرو ڪٽي اچي ٿو. انهي کي ڪير بند ڪندو؟"
'اسين بند ڪندا سين" رمون جي آواز ۾ هوڏ هئي، بابا اها طاقت اسان ۾ نه آهي. ميونسپل وارا ته پاڻ گٽر کولڻ ايندا آهن. ' وري سوچيندي چوڻ لڳو،
ها پر جي هتي تلاء نه هجي، ته گٽر به نه اٿلي".
'پوء ڇا ٿئي"!
پوء اهو گٽر جو پاڻي مور ڦوئي بنگلن ڏانهن موٽي وڃي هتي روڪ ٿيس ته اهي سڀ بنگلا گٽر سان ڀرجي وڃن".
' ٻيو ڪوڙ ٿو ڳالهايان؟ ابا، چڙهندي آهي ته دريا به ابتو وهڻ شروع ڪندو آهي، هي ته گٽر آهي.
"
' پوءِ پنهنجن جهوپڙين ۾ مينهن جو پاڻي گهڙي ڪونه ايندو؟ "
نه، بنهن، نه '.
پوء يعقوب جي مانڊڻي ڪانه ٻڏندي'.
'نه '.
پوء جيجل جي جهوپڙي ڪانه ڪرندي'.
'نڪو'.
'پوء پوء خدن ۽ علڻ جا ٻار بيمار ڪونه ٿيندا".
'پوء ڇو ٿيندا؟"
'پوء پوء.... ' هو وڏيڪ ڪجھ چئي نه ٿو سگهي.
پر تلا کي مٽي سان ڀريندو ڪير!' ماستر رمون کي چوندو، پائنچا بچائيندو، نالي جي پاسي تان لنگهڻ لڳي ٿو.'آئون ڀريندس، ٻيو ڪير" رمو. ڇاتي تي هٿ رکي چوي ٿو.
' ها، ٻيلي تون ئي ڀري سگهين ٿو، ٻئي جي طاقت ناهي: تون ته آهين بادشاه ماڻهو. " ماستر اڳتي هلندي ترسي، هن ڏانهن نهاريندي، مرڪندو هليو وڃي ٿو.
هو واٽڙن وانگر گهٽين مان لنگهندو پيو وڃي. پير گپ سان ڀرجي ويا اٿس. ٻار هاڻي ٻڌي چڙوچڙ ٿي ويا آهن، هو ٻارن کي ڏسڻ لاء واجهائي پيو_ جهوتون ڏيندو، هڪ جهوپڙي کان ٻي جهوپڙي

تائين هلندو پيو وتي. هڪ هيسايل ٻار ڳوڻ جي ٽپڙي کڻي ڪيس ڏسڻ لڳي ٿو. رمون بيهي رهي ٿو. ٻار ڪجهه نہ ٿو چئيس.
'ها چئہ تہ رمون چريو_ چئہ چئہ. " ٻار ٿائين ڊڄي وڃي ٿو ۽ منهن ٽپڙي جي اندر ڪريو ٿو ڇڏي.
'ها بابلا آئون آهيان رمون _ رمون چريو_' ٻار ٽپرس ۾ ڏانهس نهاري ٿو. لڳيس ٿو رمون سچ پچ چريو آهي، يا مار ڪائڻ لاءِ هشيون پيو ڏئيس ; پر ٻار مرڳوئي هن کي ڏسي ، ڊوڙي ڀڄي وڃيس ٿو.
رمون اتان هوريان هوريان هلندو اچي جيجل جي گهر پهچي ٿو ڇڻڪ آخري داءَ هٽندو هجي .
'ابا ڪمن ، آهي ڪو گهر تي ؟ "
ڪمن سڏ تي ڊوڙيندو ٿو اچيس ، پر اوچتو هن تي نظر پوندي ئي جهٽڪ بريڪ لڳي ٿو وڃيس.
اڙي بابا ڊڄ نہ آئون آهيان رمون رمون چريو-مون کي چيڙائيندو ڪونہ چريو چريو ڪري پٽر بہ نہ هٽندو چا؟ ڪمن پهرين تہ ٽپرس جي لڪا ڏئي ٿو- پوءِ همت ڪري ڳالهائڻ لڳي ٿو : تنهنجي مرضي آهي تہ آئون پادر ڪاوان لنيون لڳن ۽ بابا الڳ ابتو تنگيم-
اڙي نہ نہ هاڻي حرام جو توهان کي دانهن ڏيان تون پلي ٻين کي سڏي آ - سيئي پٽر هٽو اصل وڏا پر هتي نہ هتي علوءِ وارا ڏسندو تہ ڪل لاهي ڇڏيندو آئون هيئن ٿو ڪريان جو تلا جي ٻي پر ٿو وڃي بيهان هان پوءِ توهان ناليءِ کان بيهي مونکي پٽر هٽو پٽر هٽو سمجهيو ايئن چئي هو تلاءَ ڏانهن وڃڻ لڳي ٿو هو يعقوب جي مانبڙيءِ تي اچي ٿو ڪيسيٽ جو آواز ڪن پيو ڦاڙي جنم جنم تيرا ساٿ رهي گا يعقوب ۽ ستار ملو پاڻ ۾ ڳنڊيا پيا آهن- آئون چوان ٿو تہ هڪڙو تہ صبح کان وٺي رات تائين گانا هلايو پيو وري ڪوڙي ڪافرن جي جنب جنب بڪواس-هي ڪافرن جي ڪانهي پاڪستاني آهي ! وري مٿان ڪوڙ هندوستان لڳائي چئين ٿو تہ پاڪستاني آهي- پڇي ڏس ڪنهن کان بہ مانبڙيءِ جي چوڌاري بيٺل ماڻهو ملان ستار ۽ يعقوب جي ڏي وٺ مان ماٺ ڪريو مزو وٺي رهيا آهن-
هوئن بہ ملان سدائين ڪنهن نہ ڪنهن سان ڳنڍيو پيو هوندو هو- يعقوب جي پڇڻ تي ماڻهن هئوڪار ڪئي تہ ملان زمين تي پير زور زور سان هٽندو بڙ بڙ ڪندو هليو ويو- رمون سرندو سرندو يعقوب جي پرسان اچي بيٺو ڏي مون وارا سپ پئسا رمون اوچتو رڙ ڪئي-
سيئي؟
ها سيئي ۽ هينئر جو هينئر رمون حڪم واري انداز ۾ چيو-
اڙي رمون چريا هينئر تہ سپ ڪونهن -
سپ ڪونهن تہ پلا پنج ڪن تہ ڏي-
يعقوب جند ڇڏائڻ لاءِ سپ پئسا سيڙي پنج ۽ ڳٽي ڏيس ٿو-
رمون يعقوب کان پئسا وٺي يعقوب کي ورائي ڏي ٿو-هان هي وٺ پنج روپيا ۽ ڏي مونکي پنج روپين جا بسڪوٽ ۽ ڪٽمنڙا پڙو پڏي ڏي سمجهيئي-
چو ماني ڪري ڪائيندي چا.
"منهنجي مرضي "

يعقوب بسڪٽ ۽ ڪتمنڙا برني مان ڪڍي پڙو ٻڌي ٿو ڏيئس ۽ رمون وٺنديئي هلڻ لڳي ٿو- ڏنئو رمون کي مڙس سڏو سئون چوي نہ ٿو تہ پنجين روپين جو مل ڪپي پهرين پنج رپيا پنهنجا وٺي ٿو ۽ وري پوء ورائي ڏي ٿو.

رمون جي ڪن تي يعقوب جو آواز پئي ٿو ۽ اوچتو. بيهي ٿو رهي پئسا هوندي سوندي ايئن ڇو ٿو وٺان شيون توکان تنهنجي مرضي آهي تہ ماڻهو سمجهن تہ خيرات پيو وٺان ماڻهو سڀ کلڻ لڳن ٿا - يعقوب بہ مرڪي ٿو ڏي رمون ڪتمنڙن جو پڙو کنيو اچيو جهوپڙين جي گهٽين ٻار پٺي راند پيا ڪن-

”ٻارو هي ڏسو بسڪوٽ ڪتمنڙا“. ٻار راند ڇڏي هن ڏانهن ڊوڙڻ لڳا-

”نہ ايئن نہ ملندو ڇورا - پهرين مون کي پٿر هڻو تہ پوءِ“ ٻار تپرس وچان ڪيس ڏسن ٿا-

”ٻارو آئون ٿو تلاء جي ٻي پر پيهان توهان اچي مون کي جيڪو وٺي سو هڻيو-جنهن جو نشانو لڳندو ان کي هڪ هڪ ڪتمنڙو انعام ۾ ملندو“-ايئن چئي هو پڇڻ لڳي ٿو ۽ ٻار ان جي پويان ڊوڙڻ لڳن ٿا-

هو گپ مان ترڪندو ڪنيون ناليون ٽپندو ماڻهن سان ٽڪرائيندو ڊوڙندو ٿو وڃي ۽ ٻار هن جي پويان هو هو ڪندا سندس پويان پڇندا ٿا وڃن. رولو ڪتا بہ روشني ۾ شامل ٿيندا ٻارن سان گڏ ڊوڙڻ لڳن ٿا هو گٽر تان سرن واري واٽ ڏيو ريل جي پٽن واري پاسي کان ٿيندو تلاء جي ٻي پر وڃڻ لڳي ٿو- ٻار پويان اٿس پاڻ اوچتو بيهي رهي ٿو ۽ هٿ جي اشاري سان ٻارن کي روڪيندو چوڻ لڳي ٿو.

”بابا اها ڪار ڪانهي توهان گٽر وٽ بيهو مٿاهان ٿيندو ۽ ائون ٻئي پاسي ٿو بيهان جنهن جو نشانو لڳي اهو اچي ڪتمنڙو وٺي وڃي“-

۽ بسڪوٽ؟ هڪ ٻار پڇيس ٿو-

”پوءِ اوها اوهان جي مرضي وٺيو بسڪوٽ وٺو وٺيو تہ ڪتمنڙو“.

بس- ٻار اوسي پاسي کان پٿر ڪٺي هن کي هڻڻ لڳن ٿا ڪي پٿر هن تائين پهچي نہ ٿا سگهن ۽ پاڻي ۾ لهرون پيدا ٿي وري گم ٿي وڃن ٿيون - هڪڙو پٿر هن کي اچي پيرن ۾ لڳي ٿو ڏو پار هڪ پار رڙ ڪري ٿو ۽ عارب ڊوڙندو هن وٽ اچي ٿو ۽ ڪتمنڙو وٺي وڃي ٿو- هڪ ٻار ڪتمنڙي ملڻ سان ٻارن ۾ تهائين جوش اچي وڃي ٿو - تلاء جي پر وارا پٿر ڪُٺي ٿا وڃن - ٻار ٿورو پريان وڃي پٿر چونڊڻ ٿا لڳن - هڪڙو ٻار ريل جي پٽي ڏانهن اچي پٿر ڪٽڻ لڳي ٿو-

”متان اهي کنيا اٿو“ ريل ڪيرائيندو ڇا-

”اڙي پري ٿي اتان اهي پٿر ڪار ڪونهن اهي لڳا تہ بہ ڪجهہ نہ ملندو- بابا ٻيو جتان آڻيو هر وٽ ڪار آهي ٺڪر دٻا شيشا گند ڪچرو جيڪو وٺيو سو آڻيو بس توهان لاءِ سولائي ڪري ڇڏيم-“

هڪ پٿر هن کي اوچتو لونڊڙيءِ وارو لڳي ٿو ۽ رت وهڻ لڳي ٿو- ٻار هيسجي بيهي ٿا رهن- پرواهہ نہ ڪر اڄ ڪيسا اڄ پنهنجو ڪتمنڙو وٺي وڃ واهہ جو چيٽو آهين- هڪ ريل گاڏي انهيءَ وچ اچي بيهي ٿي- شايد سگنل نہ مليو اٿس اتي گهڻو ڪري گاڏيون اچي بيهنديون آهن- ماڻهو دريءَ مان ليئا پائي ڏسڻ ٿا لڳن - هي عجيب قسم جي راند ڏسي انهن کي الائي ڇا ٿو ٿي وڃي رمون چرئي کي ڏسي هو

ٻہ رونشي مان درين مان ڪيلن جون ڪلون ۾ ٻيو گند ڪچرو اچلائڻ ٿا لڳن عجيب نظارو ٿو لڳي ڇڻڪ سڃي خلق چري ٿي ويئي هجي- ريل جو هارن وڄي ٿو ٽرين هلڻ لڳي ٿي ۾ جيڪو گاڏو رمون جي پرسان ڪان لنگهڻ لڳي ٿو ان مان گند ڪچرو رمون ڏانهن اڏامي اچي ٿو- رمون ويتر ڪلڻ لڳي ٿو ۽ ريل جي درين مان ماڻهو رمون کي ايئن ڪلندو ڏسي رونشي ۾ ڪلڻ لڳن ٿا هو هو جا آواز ڪن ٿا- سج لڙي هيڏو ٿي چڪو آهي - اتر جي هوا ۾ تڏ وڏي ويئي آهي ٻار تڏ هوندي بہ پگهريل آهن تہ بہ ڪٿان نہ ڪٿان ڪا نہ ڪا شيءِ ڪنيو اچيو هن ڏانهن اڇلائن - نہ رمون هاٿي راند بس ڪر توکي تہ ڪجھ لڳي ئي ڪون ٿو- هڪ ٻار چويس ٿو- ٻار ٿڪجي پيا آهن چڱو ٻارو ترسو- آئون اچان ٿو- هو مٿي اچي ٿو-

ٻار رمون جي حالت ڏسي ڏڄي ٿا وڃن- گند سان ڀريل منهن مان بہ ٻن ٽن هنڌان رت وهندڙ لونڊڙيءِ وٽ رت ڄميل عجيب ڀوائتي شڪل - ٻار هيسجي وڃن ٿا-

”ٻارو ڏڄو نہ. اچي هاٿي بڇيل مال اوهان ۾ ورهائي ٿو ڏيان اچي وٺو---------- هان خميسا هي بہ ڪٽمنڙا-عارب توکي بسڪوٽ ٿا وڻن وٺ هي بسڪوٽ ۾ ڪيڏانهن ويو عارب اچي عارب تولاء ۾ هي وٺ ڙي تون ۾ هي توکي ----------هو ٻارن کي بڇيل مال ورهائي ڏيڻ لڳي ٿو-“

سج هاٿي لڙي چڪو آهي - سنجها جي مهل جي اونداهہ هوريان هوريان وڌي رهي آهي تلاء جي ڪني پاڻيءِ جو رنگ مٿان وهندڙ گٽر جي گندي پاڻيءِ جو رنگ- جهوپڙين ۾ بنگلن تي اونداهي ڇائڻ جو رنگ هڪڙو ٿيندو وڃي جهوپڙين ۾ دونهيون دکڻ لڳن ٿيون پريان بنگلن ۾ بتيون ٻرڻ شروع ٿي ويون رمون گٽر جي مٿان ايئن بيٺو آهي ڄڻ ڪو وڏو ڪم ڪيو اٿس- ماڻهو ڪم تان موٽڻ لڳا آهن - پريان خدن پيو اچي - خدن رمون کي ڏسي ڇرڪي وڃي ٿو : اڙي ها ڇا ٿيو اٿئي؟ لڦيو پيو آهين وري انهن ڇورن--------------

”خدن ڏس تلاء ڀريو آهي نہ“ هو خدن جي ڳالھ ڪٽيندي چئي ٿو-

”ها پاڻي پوندس تہ ڇو ڪين ڀرجندو!“

”اڙي پاڻي سان نہ ، اڄ اسان تلاء کي لٽڻ شروع ڪيو آهي. ڏسين ڪونہ ٿو. اسان هن گندي تلاء کي گند سان ڀري ڇڏيو آهي.“

خدن غور سان هن ڏانهن ڏسي ٿو. هن کي ٻيو تہ ڪجھ نظر نہ ٿو اچي پر ڪجھ نارنگين جون ڪلون، ڪجھ ڪاڳر ۾ دفترين جا ٽڪرا ترندا نظر ٿا اچن.

رمون، ايئن ٿو لڳي، تون هاٿي سچ مچائي چريو ٿي ويو آهين.

ساڃن بہ اچي پهتو آهي. هو بہ رمون کي ڏسي ڇرڪي وڃي ٿو.

ساڃن رمون جون ڳالهيون ٻڌيون اٿئي. مڙس تلاء کي ٿو پوري سو گند ڪچرو ميڙيو ان ۾ پيو وجهي.

ساڃن ڪڇي ڪونہ ٿو ۽ رمون ڏانهن ئي نهاريندو رهي ٿو. ڳالهين ڳالهين ۾ ماستر ۽ علو بہ اچي پهچن ٿا. رمون فخر سان انهن ڏي نهاري ٿو.

اڄ هنن ڇورن کي ٻادر هٽڻا پوندا. ماستر تون اها ڊرائي نہ ڪر. ڇورا سپ ڪري ويا آهن. اڙي رمون! هڪڙو اڳيئي ڏپ، منهن تہ ڏوئي ڇڏ. خدن وري ڪين سڃي ڳالھ ٻڌائڻ لڳي ٿو.

چئبو تہ رمون تلاء کي لٽيندو! سڀ ڪلڻ لڳن ٿا. رمون سندن ڪلڻ تي ڪاوڙجڻ لڳي ٿو.
چو نہ ڀربو تلاءُ؟ آئون ان کي ڀريندس، پلي اوهان مدد نہ ڪريو. اهو گٽر ابتو نہ وهايم، تہ پوءِ پيءُ جو پٽ ناهيان!
اڙي بابا رمون ، ايئن ڪيئن تلاء ڀربو. ماستر سمجهائيندي چوبس ٿو.
ڏسجو ڪيئن نہ ٿو اها ڪڏ هتان گم ڪريان توهان تہ ڀيا روز هتان لنگهو ڏسجو.
اڇي وٺ، هي هي تنهنجو وزم، خدن سگريٽ ڏئيس ٿو ۽ مون بہ تو لاءِ آندو آهي. اڄ اهڙي دعا ڪيئي، جو واهہ جي مزوري لڳي. رمون هنن جي هٿن مان وزم ڀاٽي وٺيو آهي بہ تلاء ۾ اڇلائي ٿو.
اڙي هي ڇا ڪيئي! علو رڙ ڪري ٿو.
سڀ ڪجهہ هن تلاء ۾ وجهو. نڪر نوپر، پٽر، مٽي، واري، بجري آئون مري وڃان تہ منهنجو لاش بہ ڪڏ ۾ اڇلائجو. ايئن چئي هو پنهنجي اوسي پاسي ڪان، جيڪي هٿ لڳيس ٿو اهو ڪٽي تلاء ڏانهن اڇلائڻ لڳي ٿو. هو سڀ اڄرج مان ڪيس تڪڻ لڳن ٿا.
انهيءَ ڏينهن ڪان وٺي رمون اوسي پاسي ڪان تہ ٺهيوپر شهر ڪان گند ڪچرو ڪٽي اچي تلاء ۾ وجهڻ شروع ڪيو آهي. هاٽي ڪيس نہ رڳو ٻار پر هر ڪو ڪيس رمون چريو چوڻ لڳو آهي.
پهرين تہ ڪيس رڳو پنهنجا سڃاڻيندا هئا پر هاڻي شهر ۾
بہ ڪيس هرڪو بہ سڃاڻڻ لڳو آهي. ڪيس ردي ۽ بيڪار شيءِ جتان بہ ملي ٿي اها ڪنيو ٻڌيو گهليو اچيو تلاء ۾ ڇڏي پر تلاء هڪ جهوني ڪڏ آهي اڃا ڀرجي نہ سگهي آهي.
رات وري ڏاڍو مينهن پيو آهي. ماڻهن رات جاڳي گذاري آهي پر پاڻي جهوپڙين ۾ گهڙڻ بدران پنتي تلاء ڏي وڃي رهيو آهي!
صبح جو ماڻهو پنهنجيون جهوپڙيون پونگيون، تڪرا ٽپڙيوڻ لڳائي بلاٽئيون ڀيا ڪن. هي پهريون ڀيرو آهي جو پاڻي جي ايڪڙ بيڪڙ ڊبن ڪانسواءِ پاڻي ڪٽي بہ بيٺل نظر نہ ٿو اچي.
ماڻهو هوريان هوريان تلاء جي چوڌاري جمع ٿيندا ٿا وڃن . تلاء ٽمٽار لڳو پيو آهي ۽ تلاء جو ڪنو پاڻي گٽر ۾ پئجي ان کي ابتو وهائي رهيو آهي پريان بنگلن ڏانهن.
تلاء جي بچيل سچيل مٽاڇري پاڻي ۾ ٻوڙن جي پويان رمون جو لاش لڌو آهي. لڳي ٿو هن سڄي رات ويهي تلاء کي لٽيو آهي. هر ڪنهن جي اکين ۾ ڳوڙها آهن.
آڪاس تي اڃا ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن پر هاڻي ڪنهن کي مينهن جو ڊپ هراس ڪونهي.

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books. sindhsalamat. com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play. google. com/store/apps/details?id=com. sindhsalamat. book